# سنڌوءَ جو موهه

جنرل سرجارج ميڪمين

عطامحمد ڀنيرو



سنڌ تحقيقي بورڊ

# سنڌوءَ جو موهه


جنرل سرجارج ميڪمين

عطامحمد ڀنڀرو


Gul Hayat Institute


سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد سنڌ

2002ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌوءَ جو موهه
ليکڪ: جنرل سرچارج ميڪمين
مترجم: عطامحمد ڀنڀرو
ٻھريون ڇاپو: مارچ 2002
ڪيليگرافي: سائره
ڪمپوزنگ: ناز ڪمپوزر
دڪان نمبر 4- سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو
حيدرآباد سنڌ.

قيمت -/150
هڪ سؤ پنجاهه روپيا فقط

سنڌ تحقيقي بورڊ، ڪتاب نمبر 24

SINDHO JO MOH
TRANSLATED BY: ATTA.M. BANBHRO
PUBLISHED BY: NAZ SANAI
SHOP NO: 4. SYED ARCED
GARI KHATO HYDERABAD SINDH
Book No: 24 MAR: 2002
Per copy: Rs: 150

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

'سنڌ تحقيقي بورڊ' طرفان عطامحمد ڀنڀري جو سنڌ جي تاريخ بابت ترجمو ڪيل، هيءُ ٻيو ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

ويجهڙائيءَ واري وقت ۾، اسان جي هن دوست سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ مان ڪيترن ئي شاندار ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي ۽ نه رڳو هڪ وڏي خال کي پورو ڪيو آهي پر سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترو ئي مواد پڙهندڙن کي پيش ڪيو آهي.

سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ، محترم عطامحمد ڀنڀري جا ترجمو ڪيل ڪتاب نه رڳو دلچسپيءَ جو سبب بنجندا پر ماخذن واري حيثيت رکندا. اسان جي اڪثر تاريخ، ڌارين لکي آهي. هن قسم جو سنڌيءَ ۾ مواد اڻ ڪانهيءَ، سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ محققن لاءِ ڪافي نيون راهون کُلي پيون آهن ۽ هو چاهين ته انهن ماخذن کي آڏو رکي سنڌ جي مستند تاريخ جوڙڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

اسان کي سنڌ تحقيقي بورڊ طرفان هِن قسم جا تاريخي ڪتاب آڻڻ ۾ گهڻي خوشي ٿيندي آهي ۽ اسان جي هيءَ دلي تمنا آهي ته سنڌ جو پڙهيل لکيل ساڃاهه وند ماڻهو، هنن ڪتابن کي نه رڳو دلچسپيءَ سان پڙهن پر ڪي نتيجا ڪڍڻ لاءِ به سوچ ويچار ڪري پنهنجي تاريخ جون ڪڙيون ڪڙين سان ملائي مڪمل تاريخ جوڙڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪندا.

**ناز سنائي**

حيدرآباد، سنڌ
٣١- جنوري ٢٠٠٢ع

Gul Hayat Institute

# انتساب

هنگورجا جي شهيد ڇاڻ ههڙي سهتي
جي نالي

**جنهن کي سيد محمد باقر ۽ سيد عبدالواحد**
**سنڌ جي عشق جي ڏوهه ۾**
**دهليءَ ڪٽي وچي شهيد ڪري ڇڏيو**

Gul Hayat Institute

# مصنف طرفان ٻه اکر

هن ڪتاب ۾ هن حقيقت سمجهائڻ جا جتن ڪيا اٿم ته ڪهڙي طريقي سان موجوده هندستان جي جاگرافيائي حدن جو بنياد رکيو ويو. هن جاکوڙ ۾ انگلنڊ جو تاجدار ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني هڪ جيترو ڀاڱي ڀائيوار هئا. اهو نه ٿو چئي سگهجي ته انگريزن اهو ڪم سوچي سمجهي ڪيو هو يا انڌي گهوڙيءَ جيان ڪل ۾ اڪيون ٻوٽي ڪاهي پيا هئا. پر انهن علائقن جو سياسي وايو منڊل اهڙو منڊل هو جو ٻنهي ڌرين کي ائين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪس به ڪونه رهيو هو. مان هن ڪتاب ۾ هن ڳالهه جي به اپٽار ڪئي آهي ته ڳلا جو گهانگهو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو پر حڪمراني انگلنڊ جي تاجدار جي وَڏي جنهن جي ڪارنهن جو تڪو ساري انگريز قوم تي آهي. اِها هن ڪُريت ڪئي هئي. هن بدران اهڙو جڏو ڪم ڪو ٻيو ڪري ها ته چڱو هو. هندستان ايترو ٻگڙي چڪو جنهن جو سڌرڻ ئي مشڪل هو. ان جو انتظامي ڍانچو به ايڏو ڏانوانڊول ٿي چڪو هو جنهن کي سڌاري سنئين واٽ تي هلائڻ ڪا سَولي ڳالهه به ڪانه هئي. مان ان ڳالهه جو اهڃاڻ ڏنو آهي ته اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو مختلف ڪڙم ۽ قبيلن جي ماڻهن پنهنجي اَجهل سگهه جو مظاهرو ڪري، پنهنجن ملڪن جي حدن کي غير فطري طور وڌائڻ شروع ڪيو هو.

هن ڪتاب ۾ انهن مکيه پنجن جنگين جو ذڪر به ڪيو ويو آهي جيڪي ١٨٣٩ کان ١٨٤٩ع تائين ڏهه سال سانده هليون. اهو راڻي وڪٽوريا جي حڪومت جو شروعاتي دور هو ۽ ان وقت راڻيءَ جي اٿهر جواني هئي. اهي جنگيون هڪ ٻئي کان پوءِ لڳاتار ڳنڍيون آيون هيون. هن لڳاتار جنگي سلسلي جي اهميت کي ٻن ڳالهين ڪري مناسب جاءِ ملي ڪانه سگهي آهي. جن مان هڪ ڪرائميا جي جنگ ۽ هندستان جي ١٨٥٧ واري بغاوت هئي ٻيو ته هنن لڳاتار جنگين ۾ وڙهندڙ هندستاني فوج ١٨٥٧ع ۾ بغاوت ڪري پنهنجي ڪئي ڪرتي کي پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو ۽ اهي يورپي فوجي عملدار جيڪي انهن جنگين ۾ شريڪ هئا تن ياغي انهن هندستاني فوجين تي گوليون وسايون هيون، جيڪي مٿي ڄاڻايل جنگين جي ڏکن سکن ۾ ساڻن هڪجهڙا ڀائيوار هئا. يا ته اهي فوجي عملدار مري چڪا هئا يا ته

Gul Hayat Institute

پنهنجن انگريزي طرز تي ٺهيل گهرن ۾ پنهنجا ڏينهن پورا ڪري رهيا هئا. ڪين چڻ انهن جنگين ۾ فتحن جي هڪ گهڙي به ياد ڪانه هئي. انگريزن مان ڪي فوجي عملدار اهڙا به آهن جن هنن جنگين ۾ ڪُڏي حصو ورتو، سور سختيون به ڏاڍيون ڏٺائيون ۽ سٺائون پنهنجي فتحن جي انهن اويسار گهڙين ڪي ساه برابر سانديو به پيا اچن. انهن جنگين جون يادگيريون ڪين ايتريون ته پياريون آهن جيتريون پيتزولا ۾ وڙهيل جنگن جون سارُوئيون.

هتي مان هن ڳالهه ڏانهن به اشارو ڏنو آهي ته جڏهن ڪي نوجوان ذهن هندستانين واسطي نئين آسمان ۽ نئينءَ ڌرتيءَ جوڙڻ جو منصوبو تيار ڪندا آهن ته ان ناتي سان ڪين سنڌ، پنجاب ۽ گواليار ۾ برندڙ پراڻي دوزخ جي اگريءَ آگ ڪي به ضرور ياد ڪرڻ گهرجي ته انهن ماضيءَ ۾ پنهنجي حڪمرانن هٿان ٺي ڪهڙا ڏاڍ ڏنجها ڏٺا.

Gul Hayat Institute

# هندستاني نالن جي هِجي

هندستاني نالن کي اچارڻ واسطي هڪ سائينٽفڪ طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. هتان جي جن نالن ڪان ياجتيءَ ڪان وني جاڻ آهي تن جي هِجي کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي. جنگين جي نالن جي پڙهڻي بہ اها قائم ڪئي وئي آهي جيڪا جنگين ۾ ادا ڪيل بهادري جي ڪارنامن جو ئي مليل بِلن تي نظر اچي ٿي.

سئڪ وِلي ڪاليج
١- نومبر ١٩٢٣

Gul Hayat Institute

نڪرن جي ميڙا جوندي ڪري ان جي نئين سر جوڙجڪ ۽ تڪميل ڪئي آهي.

مهارائي وڪٽوريا جي پهرين ڏهن سالن جي راڄ دوران هندستان اندر انگريزن لڳاتار پنج جنگيون ڪيون. ان وقت رائي اڃا ٻار هئي. ڪيس ناچ ڪرڻ ۽ گهوڙيسواريءَ ڪان واندڪائي ڪانه ملندي هئي. ائين سمجهه ۾ ايندو هو ته جڻ وندسر Windsar جي محلات ۽ قلعي سان سندس ڪوبه لڳ لاڳاپو ڪونه آهي. مٿي ڄاڻايل لڳاتار پنجن جنگين جو نتيجو اهو نڪتو جو بنگالي لشڪر ۽ ٻين فوجن جا حصا سانده جنگ جي ميدان ۾ رهيا آهن. انهن مان گهڻيون جنگيون انگريزن پنهنجي ارادي سان ڪونه وڙهيون پر دهليءَ جي مغل حڪمران جي روبي ڪري ڪين ويڙهاند جي ٻڙ ۾ لهڻو پيو. انهن پنجن مان هڪ جنگ انگلنڊ جي تاج جي اجازت سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وڙهي ۽ اها انگريز افغان حڪمت عمليءَ سان لاڳاپيل سنه ١٨٨٩ع واري افغان ويڙهه هئي. اها لڙائي ان ڪري لڳي جو برطانيه حڪومت مغل سرڪاري جي سرحدي علائقي تي ضابطو ڪرڻ ٿي چاهيو. باقي ٻيون جنگيون مغل حڪومت جي عمل جو رد عمل هيون ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ مغل شهنشاهه پنهنجي سگهه کي نئين سر مضبوط ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو هو.

انهن مٿي ڄاڻايل جنگين جا ڪارڻ گهڻا هئا. پهريون ته ڪرائميا جون حالتون اهڙيون هيون جن انگريزن جي سوچ فڪر کي لوڏي ڇڏيو هو ۽ اتر هندستان ۾ بنگال فوج جو وڳوڙ به اهڙو مامرو هو جو انگريزن کان هر ڳالهه وسري وئي هئي. ڪيترن انگريزي عملدارن جن مختلف جنگي ميدانن ۾ شهرت ماڻي ورتي هئي سي به بنگال فوج جي بغاوت سبب ڪنهن اڻڄاتيءَ جي ڏنڊ ۾ وڃائجي ويا هئا. هنن جنگين ۾ حصو وٺندڙ وڏا نڍا عملدار، ميائي، سوبران، گجرات، مريدڪي ۽ هندستان جي ٻين علائقن جي فتح جا ڏهاڙا ڪٿي ڳڌ تي ملهائي نه سگهيا هئا. ساري فوج جنگ جي دونهين ۾ دونهاٽيل هئي. اهي اينرا ته هيٺا پئجي ويا هئا جو پنهنجو موڪلون به هندو رسم موجب ملهائي رهيا هئا. يا وري پنهنجن گهرن ۾ لٽ تي رکيو ماٺ ڪيو وينا رهندا هئا. سنڌن اندراڌ هيا. ڇاڪاڻ ته هنن جي ساري ڄاڪوڙ ۽ رتوڇاڻ ۽ قرباني لوڻ پائي ٿي ويون هيون. ڪرائيميا ۽ ۽ بنگال فوج جي بغاوت جي تاريخ وچي ڇاپخانن جي سونهن بڻي هئي.

مٿين پنجن جنگين جي تاريخ انهن انگريز فوجين جي ناتي جڻ ته اڄ به محفوظ آهي. جيڪي انهيءَ اَرڻ جو ٻارڻ بڻيا. انهن فوجين مان 75% ته هن دنيا کي هميشهه لاءِ ڇڏي ويا آهن. اهي ڏهه سال انهيءَ ڪري به نهايت اهم آهن جو اهو سمو هڪ مستقل تاريخ جو امت ۽ اٽوٽ حصو بڻجي ويو آهي. انهيءَ ڪري به ته اهي جنگيون ناگزير به هيون. اهو ضروري به معلوم ٿئي ٿو ته انهن جنگين جو تفصيلي ذڪر ڪجي ڇاڪاڻ جو اهي ٻاڻ ۽ ائين لاڳاپيل آهن جيئن اڄر سان سومر

ڳنڀير هوندو آهي. هن کان علاوه اهي جنگيون هندستان جي مقدر ۽ مستقبل تي گهڻو اثرانداز بہ ٿيون هيون. وڪٽوريا دور جي مصنف بہ انگريز فوج خلاف تيليءَ مان ٿنڀ ناهي اجائي ڊوءِ ڊوءِ ڪئي آهي تن کي بہ هن قسم جي ڪتاب لکڻ سان جوڳو جواب ملي ويندو. هن معاملي ۾ سندن کو ڏوهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. ڇاڪاڻ جو اوڻويهين صديءَ جي شروعات واري مصنف جا عام طور تي خيال ۽ نظريا ڪجهہ ٻيا رهيا آهن. ان ڪري بہ تہ سياسي نقطہ نظر کي، هميشہ تاريخي عمل سمجهڻ، جي غلطي ڪئي وئي آهي. برطانيہ حڪومت جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي نياءَ ۾ نيت پت واري اک سان ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونہ ويو آهي. جنهن ڪري افغان جنگ ۾ سنڌ جي فتح ۽ ٻيا بہ ڪيترا اهم واقعا رونما ٿيا. ڪي اهڙا بہ واقعا ٿيا جيڪي فوجي نااهليءَ ۽ ڪي حڪومت جي غير دانشمندانہ سوچ ڪري، فوجي گهربل نتيجا ڏئي ڪونہ سگهيا ۽ وقت جي من گهڙت افواهن جي ور چڙهي ويا.

وڪٽوريا دور جون اُهي جنگيون سنہ ١٨٣٩ع کان ١٨٤٩ع تائين هليون، جن ۾ فوج وڏي انگ حصو ورتو. سندن وچور هيٺ ڏجي ٿو:-

پهرين افغان جنگ جيڪا ١٨٣٩ع کان ١٨٤٢ع تائين هلي. ان جا ڪيترا مرحلا ۽ مختلف نتيجا نڪتا. ڪيترن هنڌن تي انگريز فوج جي تباهي ٿي ۽ ڪن جاين تي وري سوڀون بہ ماڻيون ويون.

سنڌ جي فتح بہ هڪ مناسب واقعو آهي. سنڌ جو وايو منڊل تمام گهڻو منجهيل هو جو ميرن جي شڪست هڪ فطري ڳالهہ هئي ۽ انساني فرض جي تقاضا بہ اها هئي.

گواليار خلاف مهم بہ ١٨٤٣ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي. هيءُ اهو دور هو جڏهن مختلف ملڪ هڪ وڏي طاقت سان زور آزمائي ڪرڻ لاءِ سندرا ساهي ٻڌ ۾ پهچي چڪا هئا ۽ جنهن مهان سگهہ هميشہ لاءِ پنهنجي قوت جو سڪو ڄمائي ڇڏيو.

ستلج مهم، جنهن کي سکن جي پهرين جنگ سڏيو ويندو آهي سا بہ لڳ ڀڳ هن ئي دور جو واقعو آهي. سک فوج پنهنجي وت کان ٻاهر نڪري هر ضابطي جا ليڪا لتاڙي پنهنجي حڪومت جي آشيرواد سان انگريز سگهہ سان ٽڪرين پئجي وئي هئي ۽ ڪيس جوڳي سيڪت بہ ملي هئي.

پنجاب خلاف مهم، کي سکن جي ٻي جنگ بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ هنن برطانيہ سرڪار جي سگهہ کي آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو ميدان هاري وينا هئا. حالتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ برطانيہ حڪومت سکن کي اهم مقام ڏيڻ واسطي پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري رهي هئي.

جيتري قدر پنجاب سان ٻهرين جنگ جو تعلق آهي تہ اها انگريزن جي هڪ ٻهترين حڪمت عملي هئي جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ تڪڙ کان ڪم ورتو ويو. هن کان علاوه جنگي فرض بہ سُپتائي ۽ سَچيتائي سان کونہ نڀايا ويا هئا. ٻي جنگ ناگزير هئي. ٻيون ٽي جنگيون تہ انگريزن تي مڙهيون ويون هيون، جيڪي انگريزن پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ وڙهيون هيون ۽ اهي بہ بہ اڻ ٽرهيون. انگريز فوج جي ڪارڪردگيءَ بابت ۽ اسان کي خوش ڪرڻ واسطي وقت جي ورقن مان جستائين ڪا حقيقت ظاهر ٿئي تنهن کان اڳ ضروري آهي تہ ٿوري وقت لاءِ تاريخ جي پردي کي ڪجهہ مٿي ڪجي ۽ ڏيکارجي تہ واٽرلو جي جنگ کان پوءِ هندستان، تجارت، تعليم ۽ انساني ترقيءَ ۽ تعمير خلاف ڪنيل هٿيار ڦٽا ڪري چڪو هو.

Gul Hayat Institute

# مارڪيوئس ويلزلي جي دور وارو هندستان

سرجان شور جي ٿوري عرصي واري ڪمزور حڪمرانيءَ کان پوءِ سنہ ١٧٩٨ع ۾ لارڊ مارننگٽن هندستان آيو هو. سندس آئرلئنڊ جي ويلزلي گهرائي سان تعلق هو ۽ ڊيوڪ آف وينگٽن جو ننڍو ڀاءُ هو. هي برطانيہ شهنشاهيت جي سڀني عملدارن مان وڏيڪ مشهور هو. هي ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار ماڻهو هو. اڄ هندستان جيڪو اڄ هڪ يڪي علائقي جي شڪل صورت ۾ ڏسون ٿا. جنهن جي آدم شماري ٣٥٣٠٠٠٠٠٠ آهي تنهن جي ٽڪل ٽڪل ٽڪرن جي ميڙا چونڊي ڪري هڪ ڪرڻ جي شروعات هن سچاڻ گورنر جنرل ڪئي هئي، جنهن کي سندس عملي جا ماڻهو ويلزلي جي نالي سان سڏيندا هئا.

هن لارڊ کي بعد ۾ مارڪيئس ويلزلي سڏيو ويندو هو. هن پريا ست سال حڪومت ڪئي ۽ نهايت سهڻو انتظام رکيو. سندس انتظامي قابليت جون ڳالهيون هن ڪتاب سان تعلق ڪونہ ٿيون رکن نہ وري هن جي هئي وڃڻ کان پوءِ رونما ٿيندڙ واقعن جو هن ڪتاب سان ڪو واسطو آهي. پر هو پنهنجي پٺيان جيڪو هندستان ڇڏي ويو سو راڻي وڪٽوريا وارو هندستان هو. اهو هندستان جتي برطانيہ جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ۽ هن ننڍڙي عمر واريءَ راڻيءَ جنهن جي بار کي پنهنجي نرڙ جي ليڪن مٿان بہ محسوس ڪيو هو. ٻارنهن سالن جي حڪومت کان پوءِ ويلزلي وارو اهو هندستان گهڻو بدلجي چڪو هو ۽ موجوده دور وارين وسيع حدن ۽ علائقي وارو هندستان بڻجي ويو هو.

پهريائين جڏهن مارننگٽن هندستان جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون تنهن زماني ۾ مدراس پريزڊنسي جو تحفظ، حيدرآباد دکن جو امن امان ۽ مرهٽن وارن علائقن جو چين ۽ سڪون ڦٽي ويو هو. ان جو ذميوار حيدرعلي نالي هڪ پناڻ فوجي سپاهي هو جنهن نمڪ حرامي ڪري ميسور جي اصلي هندو راجا کي ختم ڪري پاڻ دنگو جمائي ورتو هو. هو سالن جا سال سندس نوڪريءَ ۾ رهيو هو. هن غاصبن ٽي ڀيرا انگريزن سان جنگ ڪئي. آخري ڀيرو ٽيپو سلطان ١٧٩٢ع ۾ گورنر جنرل ڪارنوالس هٿان سخت شڪست کاڌي هئي. هو پاڻ ڀڄي بچي ويو. سندس پٽ انگريزن وٽ يرغمال هئا. سمجهيو ائين پئي ويو تہ هو هاڻي ماٺ ٿي ويندو ۽ پاڙيسري حڪمرانن سان مان مرجاتا سان هلندو. پناڻ ۾ اهڙي جڳائيءَ

جي اميد رکڻ بيرن کان بيھر گهرڻ سمان آهي. ان زماني ۾ نئپولين بونا پارٽ مصر تي ڪاهي رهيو هيو. هو به مشرق جي ملڪن کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو. هن اهو به اعلان ڪيو هوته هو پنهنجي ساري سگهه گڏائي هندستان تي ڀرپور حملو ڪندو ۽ انگريزن جو جڻ ٻجو رلائي ڇڏيندا. هن ٽيپوءَ ڏانهن هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ ڪيس ڄاڻايو هئائين ته هو انگريزن کان نجات حاصل ڪرڻ واري خير جي ڪم ۾ سائس ضرور پاڱي ڀائيوار ٿيندو. فرينچ قوم سان واسطو رکندڙ عملدار جن کي ڪرناٽڪ مان لوڌي ڪڍيو ويو ٿن به وڃي ميسور ۾ مٿو لڪايو هو. ٽيپو سلطان انگريزن سان ڪيل واعدا ڪڏهن ڪونه پاڙيا ڇاڪاڻ ته ڪيس فرينچن جي واهر جي آس ۾ آسرو هو. جڏهن هي نوجوان گورنر جنرل هتي پهتو ته هن اڻ چٽي وايو منڊل تي گهرائي سان سوچڻ لڳو ۽ هن نتيجي تي پهتو ته ٽيپوءَ کي ختم ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ ته هن جو نه فقط انگريزن سان وير هو پر پاڙي جي ڏيهي حڪمرانن کي بدلائي باهه ٻاري ڏني هئي ۽ پنهنجي روهه وار جوءِ تان لهي هيٺ وڃي ساموندي علائقن تي اوچتو ستون هڻندو هو. لارڊ مارننگٽن ڪيس اٿين نه ڪرڻ لاءِ چتاءُ ڏنو ۽ ان سان گڏ ان فوج کي هڪ جاٽتو ڪرڻ لڳو جيڪا لارڊ ڪارنوالس جي مهنداري ۾ وڙهي هئي ۽ ٽيپوءَ کي شڪست ڏني هئي. تن ڏينهين ٽيپو گهٽو اڳتي نڪري ويو هو. پر جڏهن ڪيس اهو پتو پيو ته لارڊ مارننگٽن هن جي خلاف فوج ڪٺي ڪري رهيو آهي ته ڏاڍو ڏجي ويو. نيپولين بونا پارٽ هن کان ڪوهين ڏور مصر ۾ موجود هو جيڪو سندس وقتائتي واهر ڪونه ٿي ڪري سگهيو. تنهن ڪري هن مجبور ٿي اسلام جي ٻير تي ڏؤنڪو هنيو. ان ناتي سان هن هزارين هندو زوريءَ طهرائي مسلمان ڪري ڇڏيا. اهڙي ريت ظاهري اسلام کي ته زور ونرايو پر اصلي، ٻن جي دڙي هڪ ڪري ڇڏي. هن اهو ساڳيو پيغام احمد شاه ابداليءَ جي پوٽي، افغانستان جي حڪمران ڏانهن به موڪليو.

احمد شاه ابدالي اهو ماڻهو هو جنهن سنه ١٧٦١ع ۾ پاڻيپٽ جي ميدان ۾ مرهٽن جي سگهه کي سيڪاٽي ڇڏيو هو. هن کان علاوه افغانستان جي سرحد اتر هندستان واري علائقي ۾ ستلج تائين قائم هئي. ان حڪمرانن ڏانهن لکيو ويو ته، ”هڪدم هيڏانهن هليا اچو ۽ اچو ته گڏجي انگريزن کي هندستان مان هميشه لاءِ ڪڍي ڇڏيون. اچو ته ايڪو ۽ ٻڌي ڪريون ساري سگهه هڪ جائتي ڪري کين ختم ڪري ڇڏجي. او شاه زمان ۽ حاڪم دوران سگهو اچو ۽ اچي مظلوم محب وطن مسلمانن جي واهر ڪر. پاڻ سان ترڪن جي فوج وٺي آءُ. افغانن ۽ مغلن جو لشڪر ساڻ ڪري اچو. عالم، شيخ، مشائخ ۽ سيد به ساڻ گڏي اسلام جو سائو جهنڊو ڪٽي اچي ڪارٽي ٿيءَ.“

زمان شاه يا شاه زمان اوهان جيئن ان کي سڏيو. ڪجهه به ڪونه هو.

Gul Hayat Institute

کيس غير مسلمانن لاءِ ڪا نفرت ڪانه هئي. سندس ڏاڏي احمد شاه ابدالي هندستان تي سترهن ڀيرا ڪاهيو هو. سندس پيءُ تيمور شاه پنهنجي پيءُ احمد شاه جي نالي جو ڪتبو ڪائيندو رهيو. زمان شاه پاڻ به ڪو چڱو مڙس ڪونه هو. پر کيس اسلام جو نالو ۽ نعرو هٿ لڳي ويو هو. وٽس اسلامي جهنڊي ۾ اسلامي طبل هئا. سندس اهڙي فرياد ٻڌي وٽس وهلو ورڻ جا جتن ڪرڻ لڳو هو. پر سندس ملڪ پاڻ وڳوڙن جي ور چڙهيل هو.

افغانستان اصل ۾ ياغستان Yaghistan آهي، اهڙو ملڪ آهي جتي امن امان ۽ صلح سانت ٿيڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. قنڌار ۾ بغاوتون، هرات ۾ دنگا ۽ فساد ۽ آمون واري علائقي تي حملن جي هڻ هٽان جن سندس وايون ولهڙيون ڪري ڇڏيون هيون ۽ مجبور ٿي پنهنجي لشڪر کي اتر هندستان ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو هئائين. ٽيپو به صفا چتو ٿي پيو هو. پٽس حيدر علي کيس پريءَ دربار ۾ ماڻهن جي سامهون ڪوڙا هڻايا هئا ان واقعي ڪان پوءِ ته رهندو به ارن مان نڪري ويو هو. بعد ۾ ڪڏهن عقل وارو ڪم نه ڪيو ئي ڪونه هئائين ۽ پنهنجي پيءَ کي ڇڏي اڪيلي سر وتندو هو پاڙي وارن سان اُجائيندو. برطانيه، هتي مان هيءَ لفظ ان ڪري ڪتب آڻي رهيو آهيان جو ڏکڻ هندستان وارو علائقو آئرلينڊ جي ماڻهن فتح ڪيو آهي. اڄ به ميسور واري فوج ۾ اين مئڪلينس ۽ مئڪنٽوش جهڙا ماڻهو موجود آهن جن هن علائقي تي ڪيترا ڀيرا حملا ڪيا آهن. آرٿر ويلزلي ٣٣- پيادل فوج جو مهندار هو. هڪ نازڪ موقعي تي کيس محاذ تي ننڊ اچي وئي. کيس جيڪي ڪرڻ جو حڪم مليل سو ڪري ڪونه سگهيو. ان ڪري هو مليل ڪميشن به ذري گهٽ وڃائي چڪو هو پر سندس کي پاڳ ڀلا هئا جو بچي ويو. پر ان ڳالهه جو هن قصي سان ڪو واسطو به ڪونه آهي. ٽيپو وڙهندي پنهنجي قلعي جي ڦاٽڪ وٽ مارجي ويو ۽ سندس گهراڻي جي به پڇاڻي آئي. ميسور جو علائقو سندس اصل هندو حڪمران جي حوالي ڪيو ويو. انگريز طاقتور هئا. جيڪڏهن اهو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪن ها ته ڪانئن ڪير به پڇڻ وارو ڪونه هو. پر هنن ائين ڪونه ڪيو هو.

لارڊ مارننگٽن پنهنجي طرفان سخت محنت ڪري رهيو هو. ٽيپو ۽ بونا پارٽ جا ڏٺل سپنا اڌورا رهجي ويا. "بلينٽ فورڊ" ۾ هڪ ئي وقت به بادشاه رهي ڪونه سگهندا. ان وقت اهو واضح ٿي چڪو هو ته مغلن جي پڳل ٽٽل ملڪ ۾ هڪ ٻي سگهه به هئي جيڪا پنهنجي اقتدار جا سپنا ڏسي رهي هئي. مرهٽن جون ڪيتريون ننڍڙيون ننڍڙيون رياستون هيون پر انهن مان پنج وڏيون هيون. سندن پاڻ ۾ سدائين تلوارون اُڀيون هونديون هيون. وقت کي وري به ڪير ڪنڌ ٿي ويندا هئا. سنڌيا، گواليار جو مهاراجا هو جيڪو ٻين سڀني کان وڌيڪ سگهارو هو.

Gul Hayat Institute

پيشوا نالي ٻيو مرهٽو پوني جو راجا هو جيڪو نالي ماتر سنڌن وڏو هو. هو دهليءَ جي مغل شاه وزير هو ۽ شيواجي جي گهرائي سان واسطو رکندو هو. سنڌيا کي تمام گهڻو لشڪر هوندو هو. فوجي ضابطن ۽ اصولن ۾ هو ڪمپنيءَ جي فوج جو نقل ڪندو هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ يورپي حڪمت عملي اختيار ڪندو هو. هن جي فوج ۾ فرينچ، انگريز ۽ گڏيل نسل جا ماڻهو هوندا هئا ۽ فوجي ڪمانڊنٽ هڪ فرينچ هو جنهن جو نالو "ڪائونٽ ڊي بئائن" هو. هن کيس گنگا ۽ جمنا جي وچ وارو دوآبو علائقو جاگير ڪري ڏنو هو، تن ڏينهن هو دهليءَ ۾ رهندو هو. ڪنهن زماني ۾ مغل حڪمرانن جي هندستان ۾ ڌاڪ هئي پر هي پويون حڪمران هڪ گڏو هو. کيس هڪ پنانڻ وزير انڌو ڪري ڇڏيو هو. سنڌيا ان مغل حڪمران جو وزير هو. مغل توڙي جو نالو طور حڪمران هو تنهن هوندي سنڌس مُهر ۾ اجا طاقت هئي جنهن کي ڏسي ماڻهن تي دهشت چڙهي ويندي هئي ۽ اها مهر سنڌيا جي هٿ ۾ هوندي هئي.

مرهٽن جي سنڌ جي حڪمرانن سان اڳئي گهڻي اليڪ سليڪ هئي. سنڌيا ٻين مرهٽن سان گڏجي سازشون ڪندو وتندو هو. هن ڏس ۾ حيدرآباد جي مغل حڪمران سان به ٻانڌو ٻڌو هئائين. انهن سڀني کي سدائين پڙڪائيندو ۽ هُشيون ڏيندو رهندو هو ته اچو ته ايڪو ڪري هڪ وڏي فوج ترتيب ڏئي انگريزن کي ڏکي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيون.

## مرهٽن سان ٻيءَ ٽين جنگ

ان زماني ۾ لارڊ مارننگٽن سوچيندو رهندو هو ته حالتن کي مڙس ٿي ڪيئن منهن ڏجي. سندس اهو به خيال هو ته جهڙيءَ ريت هڪ ٻيلي ۾ ٻه شينهن رهي نه سگهندا ته ڪهڙي ريت برينٽ فورڊ ۾ ٻه هڪ وقت ۾ بادشاه رهي ڪونه سگهندا ۽ هن جو ويچار هو ته ترڪ ۽ مغل کان پوءِ هتي هندستان جو حڪمران برطانيه کي هجڻ گهرجي يا مرهٽن کي. برطانيه کي هندستان جو حڪمران بنائڻ لاءِ فقط هڪ رستو کليل هو جنهن تي هي سياسي مدبر "لارڊ مارننگٽن" سوچي ويچاري رهيو هو. سندس ويچار هو ته ليڊن هال اسٽريٽ جي عام ماڻهوءَ کي ميجرائيجي پر سندن آواز ۾ تڏائي ٿانهر هجي. سندس هن خيال جي پوئواري پنيرائيءَ لاءِ ڪيترا دلير ماڻهو هئا پر ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ برطانيه سرڪاري جي ملازمت کين منجهائي وڌو هو. هن مائهوءَ جي مکيه سوچ اها هئي ته هتان جو ڏيهي

حڪمران اڳراين ۾ انگريز سان ٻٽ هجي ۽ پنهنجي بچاءَ واسطي انگريزن سان اتحاد ڪري. يعني اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو هتان جا حڪمران انگريزن سان اتحاد واسطي مجبور ٿي پون. اهڙا حڪمران فقط پنهنجي سرحدن تائين محدود رهن. اهڙن حڪمرانن وٽ انگريزن ۽ ڏيهي مائٽن جي گڏيل فوج رکڻ گهرجي جيڪا سندن راڄڌانين ويجهو هئڻ کپي ۽ ان خرچ جا ذميوار هو پاڻ هجن. اهڙن راجائن يا رائن کي برطانيه جي مائٽن جي بچاءَ واسطي ڪجهه خرچ ڪرڻو پوندو ۽ ڪين سمجهڻو پوندو ته برطانيه عظيم آهي. هندستان جي سياسي سگهه ۽ انهن جو بچاءُ ڪندڙ هڪ مهان محافظ آهي. ميئهوگيءَ جي موسم ۾ ئي ڪين هٿياربند ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته سانوڻ جي وسڪاري ڪانپوءِ هرڪو حڪمران ٻئي ملڪ کي فتح ڪرڻ واسطي لشڪر جون قطارون ڪيو لائي نڪري پوندو آهي. ائين ڪرڻ هتان جو جڻ ته عام رواج هو. پر انگريزن جي حڪومت جي قيام کان پوءِ مس وڃي ڪجهه هتريا آهن ۽ ماحول ۾ ڪجهه مانار آئي آهي. هن طريقي اختيار ڪرڻ سان هاري ناريءَ کي پنهنجي پوکي راهي سان دل لڳائي پورهئي ڪرڻ جو جوڳو وقت ملي ويندو ۽ واپاري وڙو بنا ڪنهن پهريدار جٺي جي قاتلن سان گڏجي ريءَ اُڌڪي پنهنجي ڏنڌي ۾ جنبي ويندو. اها ڪهڙي نه پهترين سوچ هئي ته اهڙو ڪو وايو منڊل پيدا ڪيو وڃي جو ڏيهي حڪمران پنهنجي خرچ تي پنهنجي راڄڌانيءَ پرسان انگريز فوج رکڻ تي مجبور ٿئي ۽ انگريزن جو احسانمند به رهي ۽ ڪين هندستان جي عظيم سياسي سگهه سمجهڻ لاءِ تيار به ٿي وڃي.

پر سنڌيا پنهنجي سياسي سگهه جو بنياد رکي رهيو هو ۽ انگريزن تي سندس اک ئي ڪانه ٿي پڏي. ان مقصد خاطرمغل دربار ۾ وزير طور ڪم به ڪري رهيو هو ۽ امن وزارت خاطر هن هر چيز ڇڏي ڏني هئي.

سگهارن حڪمرانن جي وچ ۾ ان امان پيدا ڪرڻ. وقت جي اهم ضرورت هئي. ان خيال کان گورنر جنرل اول پيشوا ڏانهن ڏيان ڏنو. سنڌيا ۽ هولڪر جي گڏيل لشڪر جن ۾ يورپي مائهو شامل هئا، سائس جنگيون ڪري چڪا هئا. هو ڪائڻ سڙيو وينو هو. اهڙي وايو منڊل ۾ هرڪنهن کي پنهنجي بچاءَ جي وڏي اڻ تڻ ۾ لوڙ محسوس ٿيندي آهي. ساڳيءَ ريت برطانيه حڪومت جي علائقن کي به اهڙي بچاءَ جي لوڙ هئي. پيشوا ٻين مرهٽن حڪمرانن هتان ڏنب ڏنا هئا تنهن ڊوڙي اچي واهر لاءِ انگريزن جا پاند پڪڙيا. ۽ برطانيه حڪومت به سوڙهيءَ ۾ "جنرل آرٿر ويلزلي" کي سندس ٻانهن ٻيلي ۽ تار جو تُرهو بنائي ڏنو. سنڌيا ۽ پونسلي کي اهڙي سوچ ۽ مسرت ئي ڪانه هئي ته پيشوا سپ ليڪا لتاڙي وڃي انگريزن جي جهوليءَ ۾ ڪرندو. ٻنهي حڪمرانن جو گڏيل لشڪر شڪست کائي پچ پائي وني پڳو. جنرل آرٿر سان لارڊ ليڪ به گڏ هو. هن ٻنهي مان لارڊ

انتظار ۾ ويٺل، ڳهر ۾ نهوڙيل ماڻهو آهن جن کان مسرت ۽ سوچ هلي وئي اهي. انگريز حالتن کان مجبور ٿي مغل تاج مٿي تي رکيو هو جنهن لاءِ مرهٽا اڳئي جٽن ۽ جاکوڙ ڪري رهيا هئا. پر انهن هرچيز کي، ٺاهڻ بدران ڊاهي ڏٺي ڏار ڪري ڇڏي هو. اهي ماڻهو اتر هندستان جي اهم مرڪز ۾ موجود هئا. اها هڪ اهڙي سگهه هئي جنهن کي هر شيءَ سنڀالڻ جي قوت هئي. پرڪين هندستان جي ماڻهن جي امنگن ۽ اڌمن جي ڪا پرواه ئي ڪانه هئي. ڪين اها ڪل ئي ڪانه هئي ته نياءُ نيت ڀت ڇا آهي؟. انسان ڪهڙي وٽ ٿيندي آهي؟ بچاءُ ڇا کي چوندا آهن؟ مغل سلطنت جيئن تيئن ڪري بس گوڏن ڀر گهلجي هلي رهي هئي. ڇاڪاڻ ته هندستان جي سياسي ساخت ئي اٿين هئي ۽ ماڻهو ويچارا آبل ۽ نبل هئا. سنڌوءَ کان وٺي ڍاڪٽين سمنڊ تائين سارو هندستان جڻ مختلف ڀيٽن ۾ ورڇيل هو ۽ حالتن جي آڌار پان وهيٽو هلي رهيو هو.

برطانيه. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي روپ ۾ هندستان اندر موجود هئي جنهن کي انگلنڊ جي تاج طرفان سڀ اختيار مليل هئا. پر هن کي پنهنجي اصلي سگهه ۽ مقدر جو ڪو احساس ئي ڪونه هو. ڪيس اهو به پتو ڪونه هو ته هندستان اندر ڪهڙي طريقي سان هڪ ساريڪي انتظامي تڪميل ٿي چڪي هئي. جنهن لاءِ خيال هو ته اڳتي هلي امن امان ۽ ماڻهن کي انصاف پلءِ وجهندي. هن مقصد واسطي، ان طاقت مغلن جي نالي کي به استعمال ڪرڻ شروع ڪيو هو. اهو هڪ اهڙو ڪم هو جنهن کي غلط برقرار ڏٺي ڪونه ٿي سگهيو ويو. اهو ڇڻ حقيقي نوعيت جو هڪ قبضو جنهن کي "پنيداري" واري قبضي جي پنيرائي حاصل هئي.

مغل بادشاه جو نالو اڃا به طاقت ۾ اهڃاڻ هو. هندستان جا ماڻهو ان جي نالي کان ڇڻ ڊڄندا ۽ ڇرڪندا هئا. منجهن هڪ غيبي اثر هو ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس نالي جي احترام جو ساڳيو تقدس قائم هو. برطانيه معني ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ڊائريڪٽر ۽ پارليامينٽ جا ميمبر. جيڪي گهڻي وقت کان وٺي ڪنهن خاص مقصد سان ڪي ضابطه ۽ اصول گهڙي رهيا هئا سي به مغل نالي کان گهڻو ڇرڪيل ۽ ڏهڪايل هئا. مغل بادشاه جو سڪو به ١٨٣٥ع تائين باضابطه رهندو رهيو. ان ئي زماني ۾ بادشاه وِليم iV جو سڪو پهريون ڀيرو هندستان ۾ نظر آيو. اها به حقيقت آهي ته مغل شاهيءَ جي وارث کي تمام گهڻي سڪهه هئي. اهو لقب ڪو افسانوي ڪونه هو. اهو ائين آهي جيئن عثماني شهنشاهت جو حڪمران خليفه هجڻ جي دعوي ڪندو آهي.

ڪو زمانو هو جو مغل شهنشاهت هندو ڪش تائين پکڙيل هو جنهن ۾

Gul Hayat Institute

"ڪومبر" جو "ڳنيسپاءِ" مري ويو جيڪو ويلور جي بلوي جو جهونجهار هو. فوج جي مکيه ڪماندرن جي نااهليءَ سبب ڪيترين غلطين ڪيون ويون پر پوءِ به سر "ڊيوڊ" آلو چرلي" جي ڪاميابين ڪانپوءِ گورکن کي هندستان جي علائقن مان ٻي دخل ڪيو ويو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح جو عهدنامو ٿيو ۽ اهو اتحاد سو سالن تائين قائم رهيو. اهڙيءَ ريت هندستانين جي بغاوت دوران ۽ عظيم جنگ واري زماني ۾ گورکن انگريزن جي وڏي واهر ڪئي هئي ۽ گورکن انگريزي فوج ۾ داخل ٿي نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. انگريزي فوج ۾ گورکن جي داخل ٿيڻ جي روايت هن ريت پئي جو ١٨١٤ع کان ١٨١٦ع وارين جنگين دوران گورکن جنگي باندين کي انگريزي فوج ۾ ڀرتي ڪري داخل ڪيو ويو هو. هاڻي اهي هندستان جي انگريزي فوج جي اهم يونٽن طور شامل آهن. گورکن خلاف جنگ نازڪ صورت اختيار ڪري وٺي هئي ۽ واٽرلو واري نئپولين جي جنگ تائين، ٻنهي ڌرين جي هار جيت جو فيصلو ڪونه ٿي سگهيو هو.

جنگ جو ٻيو محاذ مرهٽن خلاف کوليو ويو هو ۽ اها جنگ به تڏهن ختم ٿي جڏهن هو پوئتي هٽي وڃي پنهنجي اصلي حدن ۾ نه پهتا. هنن نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي نربدا جي ڪناري پنهنجا مرڪز قائم ڪري ورتا هئا ۽ اتي ويهي ڦرلٽ جون ڦهري ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون هئائون. سنه ١٨١٣ع ڏاراز ارل آف مائرو هندستان پهتو. هو مشهور معروف فوجي جنرل هو ۽ فوج ۾ "فرانسس راڊون" جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو. هي اهو مٿير جنرل هو جنهن گورکن جي وڳوڙي سگهه کي هميشه لاءِ چيناڙي ناس ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن پنڊارين جي خلق آزار ظلمن ڏانهن ڌيان ڏنو جيڪي ڦهر ۽ ڪلور جا سپ ليڪ لتاڙي ويا هئا. پهريائين هو انهن مرهٽ سردارن وٽ ملاقات لاءِ لنگهي ويو جن جي رياستن جي دنگ پرسان پنڊارين ظلم ٻاري ڏنو هو. اهي به پنڊارين کان گهٽ ڪونه هئا. هنن آڌاڙيلن، انگريز سرڪار جي اترين علائقن ۾ گهڙي ٣٣٩ ڳوٺ نهوڙي ناس ڪري ڇڏيا هئا. پر اها سندن آخري ڪاروائي هئي. لارڊ موئرا وڏي پيماني تي جنگي تياريون ڪيون. ڪيس اها خبر هئي ته پنڊارين جي مقابلي ۾ ڪيس ڇا ڪرڻو ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي.

فوج جو مکيه حصو دکن مان هلڻو هو. پر فوج جي اڳتي وڌڻ کان پهريائين برطانيه سرڪار جا به اتحادي مرهٽا سردار غداري ڪري نڪري هليا ويا. "باجي راءِ پيو. ( پيشوا ) جنگ واري ڏينهن ٥ نومبر تي وڏي فوج وٺي انگريزن جي هڪ ننڍي فوجي دستي تي ڪاهي آيو ۽ ڪرڪيءَ جي ميدان تي جڏهن هڪ وڏيءَ جنگ جو مارڪو ٿيو ته ڪيس اهڙي ته زبردست شڪست آئي جو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. ناڳپور ۾ ڀونسلي به ساڳي ڳالهه ڪئي هئي. ڪرڪي

## ڀرتپور ۽ آوا

ڀرتپور جاٽ نيات جي ماڻهن جو اهم مرڪز هو. لارڊ ليڪ جهڙي فوج جنرل ان تي ٻه ٽي حملا ڪيا هئا پر ڪيس هرحملي ۾ ناڪاميءَ جو. منهن ڏسڻو پيو هو. برطانيه سرڪار به پنهنجي پاند پلاند ڪرڻ لاءِ آتي وٺي هئي. سنہ ١٨٢٥ع ۾ ڀرتپور جو حڪمران گذاري ويو. حقيقي جا ءِ نشين جي بدران سندس چاچي گادي تي قبضو ڪري ورتو. گورنر جنرل جي نمائندي ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو پر تنهن هوندي به سندس رڳو ڪن ئي ڪونہ مڙيو. اصلي حقدار کي حق ڏيڻ کان پڙ ڪڍي بيهي رهيو. تن ڏينهن گورنر جنرل جو نمائندو "آسترلوني" جهڙو مدبر شخص هو جيڪو ساري معاملي کان واقف هو. پنهنجي فوج کي گڏ ڪري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. لارڊ وليم بينٽڪ گورنر جنرل هو تنهن جنرل آسترلوني جي حڪمن کي رد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ ڪيس مسئلي کي امن امان سان نبيرڻ جي آس هئي. اها ڳالهہ ڏسي آسترلون هنيان هاري ويٺو. پر اڳتي هلي وقت ثابت ڪيو تہ سندس سوچ بلڪل صحيح هئي. ڪمانڊر ان چيف لارڊ ڪومبر ميئر جنهن کي واٽرلو جو "استيپلٽن" سڏيو ويندو هو سو وڏي فوج ۽ طاقتور توبون ساڻ ڪري اتر هندستان ڏانهن وڌڻ لڳو. ڀرتپور کي جنگي تياريون ڪرڻ لاءِ مناسب موقعو ملي ويو هو ۽ راجا ڀناٽن کي فوج ۾ ڀرتي ڪري انگريزن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺو.

لارڊ ڪومبر ميئر" ڀهچڻ سان قلعي کي گولا لاباري ڪرائي ۽ پٽين ۾ سرنگهون هٿائي قلعي کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. ٿوري ئي وقت ۾ قلعو فتح ٿي ويو ڀناڻ انگريزن جي ڌَهَ جهلي ڪونہ سگهيا. ڀرتپور جي حقيقي وارث کي راڄگدي تي وهاريو ويو جيڪو اڄ ڏينهن سوڌو انگريزن جو تابعدار رهندو اچي.

Gul Hayat Institute

## هندستان ۾ ترقي ۽ تعمير

لارڊ وليم بينٽڪ امن، علم، فن ۽ ڪلا جي ترقيءَ جو گهڻ گهرو هو تنهن کي بہ حالتن کان مجبور ٿي هڪ جنگ کي منهن ڏيڻو پيو هو. برما جي راجا، واپارين ۽ ايندڙ ويندڙ جهازن لاءِ آزار بڻجي ويو هو. جڏهن ڪيس تدارڪ ڪرڻ لاءِ چتاءُ ڏنو تہ سندس ڪن بہ ڪونہ لڌيو ۽ چين جيان هڪ ڪن کان ٻڌائين ۽ ٻئي کن کان ڪڍي ڇڏيائين. ڪيس سِڪت ڏيڻ ڪارڻ جهيڙڻ اٽتر ٿي پيو هو. تن

ڏينهن برما انتظامي طور بلڪل ناس ني چڪو هو. پنهي ڌرين ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ برما جي راجا جي شڪست ٿي. برطانيه حڪومت هينئن برما وارو علائقو پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ ائين محسوس ٿيو ته جنگين واري حڪمت عمليءَ کي ڇڏي امن امان، علم، فن ۽ ڪلا ڏانهن منهن موڙجي. مختلف ڌرين لاءِ ڌن دولت ڪمائڻ لاءِ ڪيئي طريقا هئا. واپار لاءِ وسيع ميدان کليو پيو هو. سٺڪن ناهڻ ۽ واهن کوٽڻ جوڪم به ڪرئو هو جنهن وسيلي جلدي ايندڙ سوکهڙن ۽ ڏڪارن کي منهن ڏيڻ سولو هو. تعليم کي به ترقي ونرائتي هئي، ان ڪري ٺڳن ۽ پنڊارين جو خاتمو ضروري هو. ڪنهن کي به خواب خيال ڪونه هو ته انگريز شهنشاهيت ۾ اهي علائقا به شامل هوندا جيڪي مغل شاهيءَ ۾ شامل ڪونه هئا. انگلنڊ جي بادشاهه ۽ ڪمپنيءَ کي سندن پورهئي ڪان وڏيڪ معاوضو ملي ويو هو.

Gul Hayat Institute

# باب پهريون

## پهرين افغان جنگ

پهرين افغان جنگ بابت ڪي غلط فهميون
وڪٽوريا دور جي اهميت
ٽه ذريو ناهه
برطانيه سرڪار جي حڪمت عمليءَ ۾ اخلاقي عنصر
سنڌ واري فوج
جنگ واري فوج
جنگ جو نقشو
افغان شاه جي فوج
سنڌ ۽ بلوچستان.

توهان پڇندو تہ جان ڪمپني ڇا آهي. نئپولين دور جي جنگي طوفانن کان پوءِ جڏهن ملڪ ۾ امن امان آيو ۽ ڏکن ڏولائن جا ڏينهن ڏور ٿي ويا تہ هن ڪمپنيءَ برطانيہ ۽ ان جي ماتحت علائقن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. هن تاريخي دور سان لاڳاپيل اهم واقعن سان لاڳاپيل نقشو جڻ تہ ميز تي کليو پيو آهي. هاڻي پنڊاري دور پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو آهي. هر شهر جي چوسول تي سنڌن ٽولن جا ٽولا زنجيرن ۾ جڪڙيل نظر ايندا. هڪ نئينءَ سڀيتا جي سوچ جو سرلو سوجهرو ڏيهان ڏيهہ ڏسجي رهيو آهي. تعليم ۽ تجارت جي شروعات ٿي چڪي آهي. سڙڪن جي ڄار وڇائڻ لاءِ منصوبا تيار آهن. نون ٻاهن جون کوٽايون جاري آهن. ستي ٿيڻ جو رواج ختم ڪيو ويو آهي. نہ تہ اڳي پنهنجي مئل مڙس سان گڏ سندس وني بہ چکيا تي چڙهي رک ٿي ويندي هئي. هاڻي مڙسن جي محبت جون ماريل عورتون سندن وڇوڙي ۾ فقط نيڻن مان نير هاري هيان هلڪو ڪري سگهن ٿيون. هن نئين

قسم جي قانون کي پڙهڻي ڳڙهڻي هندو طبقي جي پنيرائي حاصل آهي. پرتبور جي فتح کان پوءِ پارهن سالن تائين انگريزن خلاف هندستان ۾ ڪا ڪتي بہ ڪانہ پونڪي. برطانيہ سرڪار جون حدون ڪڏهن ستلج جي ڪناري تائين پکڙيل هونديون هيون ۽ ان جي اترئين پاسي کان سک رياست جو وڏو بچاءُ هو جڏهن کان ونڻي رنجيت سنگهہ افغان حڪمران طرفان لاهور جو گورنر بڻيو آهي ۽ ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو مليو تنهن زماني کان ونڻي هن سک رياست قائم ڪرڻ لاءِ سوچڻ ۽ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا آهن. هن راولپنڊيءَ ۽ ملتان مان پٺاڻن کي پڄائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ڪشمير کي فتح ڪري لاهور سان ملائي ڇڏيو اٿس. اڳي جيڪي پنجاب جا مغل شاهيءَ سان لاڳاپيل علائقا هئا. احمد شاه ابدالي سنڌو پار ڪري تن کي فتح ڪري افغانستان سان ملائي ڇڏيو هو. هن پشاور ۽ ديره جات وارو درياهي علائقو بہ فتح ڪيو هو. جيڪو هن وقت سندس سلطنت ۾ شامل آهي.

لارڊ وليم بينٽڪ جو زمانو ترقي ۽ تعمير جو دور هو. سندس اپامڪاريءَ ۾ روس اڳتي وڌي آمون درياه پرسان خاقان واري علاقي ۾ اچي پهتو هو تنهن ڪري هندستان کان پري وارن انهن علائقن ۾ ترٿلو پئجي ويو هو. وچ تي هڪ مضبوط سک رياست جي قائم ٿيڻ کي انگريز هڪ سنو سوڻ سمجهي رهيا هئا جنهن افغان حملہ آورن کي هندستان اچڻ کان روڪي وڌو هو. جاٺاپل سک رياست ۾ سکن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو. پر سندن انتظاميہ ڏاڍي سگهاري هئي ۽ مسلمان بہ ڪانئن راضي پيا ڏسبا هئا. هندستان ۾ ترقي ۽ تعمير جي وڏي ضرورت آهي پر اهڙي قسم جي ادارن کي هلائڻ لاءِ بينٽڪ جهڙي سُلجهيل شخصيت جو هجڻ بہ لازمي هو جنهن کي پيار وچان بلي Billy بہ سڏيو ويندو هو.

پر انهن سڀني کان وڏيڪ اهم ڳالهہ اها هئي تہ سنڌوءَ کي آگبوٽن جي محفوظ تجارتي آمدرفت لاءِ کولڻو هو. سنڌوءَ جي ڏاکڻين پاڳي وارا سوين ميل، سنڌ جي حڪمرانن ٽالپرن جي ضابطي هيٺ هئا. پنجاه سال کن ٿيندا تہ افغان حڪمرانن جي زور بار کان آجا آهن ۽ سندن ملڪ کي هڪ آزاد حيثيت حاصل آهي. هتان جا حڪمران پيڙائتن تي سنگ تمام گهڻو رکندا آهن ۽ مٿن ڏاڍ بہ ڪندا آهن. هنن مان ڪي پيڙائت سکن جي رعيت آهن. امڪان آهي تہ رنجيت سنگهہ مٿن اهڙي ڏاڍ کي گهڻو وقت پسند ڪونہ ڪندو. انگريز ڪونہ چاهيندو تہ سک سنڌوءَ جي چوڙ تائين مسلمان علائقن کي پنهنجيءَ سلطنت ۾ شامل ڪري.
سنڌ اڳي مغل سلطنت ۾ شامل هئي. انهن جي زوال کان پوءِ دواني.گهرائي جي حڪومت ۾ شامل رهي. هتان جا حڪمران افغان حڪومت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جڏهن چاهيندا هئا ڏن ڏيندا هئا. افغان شاهيءَ جي زور پڄڻ کان پوءِ بہ ڪين سنڌ مان هڪ پئسو بہ ڪونہ ملندو آهي.

Gul Hayat Institute

## ايشيا جي حدن کي کولڻ جي ڪوشش

مٿي اهڙو حوالو ڏنو ويو آهي تہ جڏهن جنرل لارڊ منٽو هندستان جو گورنر هو تہ هن شاه شجاع الملڪ ڏانهن مائونٽ اسٽيوئرٽ ايلفنسٽون" جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ مشن رواني ڪئي هئي. ان مشن جي افغانستان جي شاه گهڻي آجيان بہ ڪئي هئي. انگريز نمائندو ان جي شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو هو. افغان ويساه جوڳا دوست ڪونہ هوندا آهن پر سندن ظاهري اخلاق سوهي وجهندو آهي. ان ساڳي شاه شجاع جو هاڻي وري حال اهو آهي جو پڇي اچي هندستان ۾ لڪو آهي. هن کي يا وري سندس ٻاءِ شاه زمان کي پنهنجي ڏاڏي جي گهوڙي تي چڙهڻ جو بہ اختيار نہ آهي. سندن پيءُ تيمور جو حال ڪونہ هو. هن پنهنجي پيءُ احمد شاه جي نالي جو ڪتيو ڪاڏو هو. دراني شهنشاهيت هاڻي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڳڙڏاڻي ٿي وئي آهي. مٿي جن ٻائرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي سي بارڪزئي گهراڻي سان تعلق رکن ٿا. سندس پيءُ جو نالو پاينده خان هو. بارڪزئي بہ سدوزئي قبيلي جيان دراني گهراڻي جي هڪ نچ آهي. شاه زمان جڏهن اقتدار ۾ هو تہ پاينده خان کي قتل ڪرائي ڇڏيو هئائين. شاه محمود، شاه زمان جو ڀاءُ جيڪو ٿوري وقت لاءِ ڪابل جو حڪمران بہ ٿيو هو ۽ پاينده خان جو وڏو پٽ فتح خان سندس وزير هو. دوست محمد خان هڪ وحشي قسم جو ماڻهو هو. هن شاه زمان جي محلات ۾ ٿپي سندس ڌيءُ سان زيادتي ڪئي هئي. ڇوڪريءَ جي ڀاءُ ڪامران، ان جي پلاند ۾ وزير فتح خان جون خنجر سان اکيون ڪڍرائي ڇڏيون هيون. چون ٿا تہ جڏهن جلاد سندس اکين ۾ خنجر هڻي ڪنورتا وارو ڪڌو ڪم ڪري رهيو تہ فتح خان دانهن ڪري چيو هو تہ توهان منهنجون اکيون نہ ٿا ڪڍو پر سدوزئي خاندان جي حڪومت جو خاتمون ڪري رهيا آهيو. ان کان پوءِ هنن پنهي گهراڻن ۾ سنڌ ۽ ايڪو ڪونہ رهيو هو.

بارڪزي ڀائر موقعي جي تڪيءَ تاڙ ۾ هئا. اهي سيئي ڪنهن نہ ڪنهن علائقي جا گورنر هئا ۽ گورنر مان بادشاه بڻجڻ جو تياريون ڪري رهيا هئا. انهن سڀني مان دوست محمد وڏيڪ ذهين ۽ قابل ماڻهو هو. عام ماڻهو بہ سندس گهڻي عزت ڪندا هئا. هو ڪابل ۾ ويهي غزنيءَ ۽ جلال آباد تي حڪومت ڪندو هو ۽ سدوزئي وارن تي ڪرڙي نظر رکيون ٿي آيو. سندس ٻيو ڀاءُ ڪشمير ٽيون ڀاءُ پشاور ۽ چوٿون ڀاءُ قنڌار جوگورنر هو. هرات وارو علائقو ڪامران جي هٿ هيٺ

هو جيڪو شاه شجاع الملڪ جو بدقسمت پائيٽو هو. افغانستان جي حڪومت ٽڪر ٽڪر ٿي ڪنا ڪيئي ٽڪي بڻجي چڪي هئي. سک ڦوت سنہ ١٨٣٧ع ۾ پشاور تي قبضو ڪري ورتو هو. هن ڪان اڳ ڪشمير تي حملو ڪري سک حڪومت سان ملايو ويو هو. افغانن پشاور ۽ ديره جات وارن علائقن کي سکن ڪان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هنن بارڪزئي ڀائرن مان هر هڪ، برطانيہ حڪومت کي هڪ طاقت سمجهي، بار بار امداد ڏيڻ ۽ سندن حڪومتن کي مجڻ لاءِ ايلاز منٿون ڪري رهيو هو. رنجيت سنگهہ بہ انگريز سرڪار کي پشاور واري علائقي ڏيڻ جي آڇ ڪري رهيو هو.

شاه شجاع ڏنڊ جي پڪيءَ جيان ڪڏهن هن ڪپ تي تہ ڪڏهن هُنَ ڪپ تي، ڪڏهن لاهور ۾ تہ ڪڏهن برطانيہ سرڪار جي ماتحت لديانہ ۾ رهندو هو. ڪڏهن راجا رنجيت سنگهہ جو مهمان ٿي رهندو جنهن اتڪل ڪري ڪانئس مغل شهنشاهن وارو ڪوه نور هيرو ڦري ورتو هو. هو سدائين هن ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو هو تہ ڪيس پئسي ڏوڪڙ ۽ لشڪر جي امداد ڪئي وڃي تہ جيئن هو پنهنجا وڃايل علائقا ۽ تخت بيهر وٺي سگهي. ايڏو ويل بہ ڪونہ هو. هن سنہ ١٨٣٤ع ۾ يورپي- ايشيائي اريجيمنٽ جي مدد سان قنڌار تي وڃي قبضو بہ ڪيو هو.

تن ڏينهين گورنر جنرل کي هيٺيان مسئلا درپيش هئا:-

ان وقت آگبوٽ اچي چڪا هئا. سندس ڀهرين ڪوشش اها هئي تہ سنڌوءَ ۽ ان جي پنجن ڀرتي ڪندڙ شاخن وسيلي آگبوٽن معرفت تجارتي آمدرفت شروع ڪئي وڃي. گنگا ۾ تہ هن ڪان اڳ آگبوٽن وسيلي آمدوفت شروع ٿي چڪو هئي. درياءُ ساري دنيا جي ملڪيت هوندا آهن پر انهن ٽڙڪو حڪمرانن جي ملڪيت ڪونہ هوندا آهن جن جي ڪنارن سان سندن حڪومتون قائم هوندين آهن.

ٻيو مسئلو اهو هو تہ پشاور واري علائقي تي افغان ۽ سکن جي وچ ۾ ڦڏو چالو ٿي چڪو هو. افغانستان جي حقيقي حڪمران کي ٻي دخل ڪيو ويو هو جيڪو هيڏانهن هوڏانهن ڊومائون ۽ ڏڙڪيون ڪائيندو ٿي وتيو. اهو بہ ڇيو وڃي ٿو تہ ڪيس افغانستان جي ماٺهن جي وڏي حصي جي پنيرائي حاصل آهي ۽ اها ڳالهہ هرويرو ڪوڙي بہ ڪانہ آهي. بارڪزئي ڀائرن کي ڪير بہ پسند ڪونہ هو.

ٽين ڳالهہ اها هئي تہ هن دور ۾ سارو يورپ پر خاص طور تي انگلنڊ وچ ايشيا وارن ملڪن ۾ وڏي دلچسپي وٺي رهيو هو. بمبيءَ فوج جي هڪ ليفٽينٽ اليگزينڊر برنس کي هڪ غير سرڪاري سفر تي درياه آمون وارن علائقن تائين موڪليو ويو هو ۽ سندس واپس اچڻ تي هن جي ڏاڍي آجيان ڪئي وئي هئي. هن ڪان هڪ يا بہ سال اڳ لارڊ آڪلنڊ سائنس انگلنڊ ۾ ملي چڪو هو. وچ ايشيا جا

ڪرائو ني ويو هو. پر پوءِ به ڏاڍو هوشيار ۽ ڏاهو. هن اها جنگ ڪانه ٿي چاهي پر سمجهيائين پئي ته هن جهيڙي سان يا ته افغان سرحد جو فيصلو ٿي ويندو يا جنگ ۾ ڪڏي پوندڙ ڏر انگريز، شڪست کائي ويندو. هن لاءِ هي مڙهي ڏٺي ته به فتح فقير جي، هوءَ مڙهي ڏٺي ته به فتح فقير جي هئي.

لارڊ آڪلنڊ ۾ شاهه شجاع به منزلون ماري اچي پڙ تي پهتا هئا. هاڻي اهڙو هڪ تماشو شروع ٿيڻ وارو هو جنهن ۾ هندستان ته گهٽي ناڻءِ چڙهيل هو.

تنهن زماني ۾ جنگ يا صلح واسطي فوجي سربراهن سان صلاح مشورو ڪونه ڪيو ويندو هو. جنگ ڪرڻ جا غلط سلط منصوبا حڪومت جوڙيندي هئي ۽ بعد ۾ فوج کي حڪم ڪيو ويندو نه ڪيئن ڪري به فتح حاصل ڪئي وڃي. هن جنگ سان لاپاڻيل فوجي آمدرفت به ڏاڍي ڏکي هئي. نه ريل هئي نه رستي جي سهوليت موجود هئي. اڪيلي ڪمانڊر اِن چيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن فوجيءَ کي ڪنگهيو به ڪونه ويندو هو.

افغان سرحد اندر داخل ٿيڻ ڪا اڪ مان ماڪي لاهڻ ڪانه هئي ۽ وڏيءَ سوچ ۽ فڪر جو به ڪم هو. برطانيه سرڪار جي سرحد ستلج هئي جتي لڌيانه ۾ فوجي ڇانوڻي قائم هئي. ان سرحد کان خيبرلڪ تائين وچ تي پنجاب جي سک جي حڪمراني هئي. جاٿايل ماڳ تائين پهچڻ لاءِ پنجاب جا پنج درياه، ڇهون سنڌو پار اڪرٽو هو. سک فوج وڙهاڪ ته هئي پر ونس به ويساه جوڳا آمدرفت جا وسيلا ڪونه هئا. رنجيت سنگهه کي به اتر ڏانهن ويندڙ مشهور سٽڪ ڏسڻ جو شوق ڪونه هو جيڪا وچ ايشيا لاءِ آمدرفت جو هڪ وڏو ذريعو هئي.

برطانيه سرڪار جو نقطئه نظر اهو هو ته جيڪڏهن پشاور کان ڪابل تي حملو ڪبو ته مختلف لڪ لتاڙي ان ماڳ تائين پهچڻ لاءِ هڪ جبل کان ٻئي جبل تائين هڪ ڊگهي خشڪ علائقي منجهان نوڪرون کائي گذرڻو پوندو. پر جيڪڏهن قنڌار واري پاسي کان حملو ڪبو ته ڪابل تائين اهو سفر وڌيڪ سولو هوندو ۽ فوج کي رسد واري سازو سامان پهچائڻ ۾ وڌيڪ سهنجائي هوندي. لشڪر به سڪر سڌائي وارن علائقن مان سفر ڪري ڪابل پهچندو. پر اهو فاصلو ڊگهو ضرور هو. پهريائين فيروز پور کان سکر پهچڻو هو جيڪو ۴۴۶ ميل فاصلو آهي. اتان کان قنڌار ۴۰۶ ميل پنڌ ٿيندو. اهڙيءَ ريت فيروز ۽ قنڌار جي وچ ۾ ۸۵۰ ميل فاصلو ٿئي ٿو. وري اتان کان ڪابل ۳۲۵ ميل آهي. ٻيئي پاسي کان سکر تائين اهو فاصلو درياه رستي طئي ڪيو ويندو. فوجي سفر ۾ وڌيڪ ضرورت پاڻيءَ جي هوندي آهي هن سفر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ٿيڻ جو خدشو ڪونه هوندو.

طئي اهو ڪيو ويو هو ته بنگال فوج جون به ڊويزنون (۲) مٿي ڄاڻايل رستو ڏئي ڪابل پهچنديون. جڏهن ته شاهه شجاع جو وڏو پٽ ۽ شاهه جي گهر جا

پاتي ۽ سک فوج خيبرڪ لنازي ڪابل ڏانهن رواني ٿيندي.

رائي وڪٽوريا جي دور سان لاڳاپيل برطانيہ سرڪار جي فوج جي هيءَ پهرين پيش قدمي هئي جا اڳتي هلي راس ڪواري ڪان وٺي سنڌوءَ تائين انگريز حڪومت قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي هئي. هن فوج اڄ واري انگريزي هندستان جي تشڪيل بہ ڪئي. بعد ۾ وري ١٨٥٧ع ۾ انگريزن خلاف بغاوت بہ هن فوج ڪئي هئي. هيءَ فوج جيئن تہ سنڌ منجهان گذري هئي، تنهن ڪري ان کي ”سنڌ واري فوج“ جو نالو ڏنجي ويو هو.

هيءَ ڳالهہ ڪنهن دلچسپيءَ کان خالي ڪانہ آهي تہ سياري جي موسم جون هندستان فوجن جون ورديون يورپي فوجن جي لباس جهڙيون مقرر ڪيون ويون هيون ۽ اهڙيءَ ريت هندستاني پيادل ۽ گهوڙيسوارن جو لباس انگريز فوجي سپاهين ۽ گهوڙيسوارن جهڙو هو. اها حڪومت عملي ان ڪري اختيار ڪئي وئي هئي تہ جڏهن اها فوج هڪ جهڙي لباس ۾ گڏجي هلندي تہ انگريز دشمن ڏيهي حڪمرانن مٿان ڏپ ۽ ڏاءُ ويهي ويندو. واقعي اها حڪمت عملي ڪامياب وئي هئي.

هن جنگي مهم ۾ بنگال هارس آرٽيلري جي جوانن کي مٿي تي پتل جا خود ڍڪيل هئا جن جي وِٽ تي واڳهہ جي کل جي پٽي ۽ مٿان هڪ ڪلنگي لڳل هئي. هيٺ هرڻ جي کل مان ٺهيل گهوڙيسواري واري سوڙهي پتلون ۽ ڏگها فوجي بوٽ پاتل هئا. اريگيولر هارس واري فوجي حصي کي اها وردي پاتل هئي جيڪا اڄ ڪلهہ جا هندستاني فوجي پائيندا آهن.

انهيءَ ڍنگ ۽ رنگ ۾ هندستان جي انگريزي فوج ڏاڍي شاندار معلوم ٿي رهي هئي ۽ جنگ ۾ بہ بهادري جو مظاهرو ڪيو هئائين. حقيقت اها آهي تہ ان کي هٿيار ۽ سکيا ڏئي هن قسم جي جنگ لاءِ تيار ڪونہ ڪيو ويو هو. هيءَ هڪ نئين طريقي واري جنگ هئي جيڪا فوجي اڏن ۽ رسد ڪان تمام پري وڙهي پئي وئي. عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي تہ قدرت پاڻي وسيلي فوجي خوراڪ پيدا ڪندي آهي. هتان جا ماڻهو ڇربيءَ ياسٽپ ڪائڻ جا گهڻا هيراڪ هوندا آهن. صحت ڪيئن بحال رکي سگهجي، تن اصولن کان هتان جا ماڻهو ايترا باخبر ڪونہ آهن.

هندستان ۾ فوج جي سکيا مغل طريقي مطابق ڪئي ويندي هئي. اهڙيءَ مکيا جو رواج، مغلن کان بہ گهڻو اڳي جو آهي. جڏهن مغل شهنشاه هندستان جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين سفر ڪندا هئا تہ فوج ڇرپر ۾ اچي ويندي هئي. ڪڏهن وري جنگ جي موقعي تي فوج کي ميدان تي آندو ويندو هو. جڏهن بہ فوج ڪيڏانهن پيش قدمي ڪندي هئي تہ ڪاپي واري شي جي بازار هن سان گڏ سفر ۾ هوندي هئي. لارڊ ليڪ جي زماني تائين فوج جون ٻاهريون چونڪيون راشن

ونڊيون هيون، فوج سان لاڳاپيل واپاري ۽ گماشتا کاڌي خوراڪ جون شيون، بوٽ ۽ ٻيون ضروري شيون مهيا ڪندا هئا. ٻگي ٽٽيءَ جي مرمت بہ سندن ذمي هوندي هئي. جنگ سان لاڳاپيل هٿيارن پنهوارن کان سواءِ ٻي هرشيءَ فوج سان گڏ هلندڙ بازار مان خريد ڪئي ويندي هئي. (٣)

مغل شهنشاهن جي منزل يا فوج سان گڏ تنبن هٽڻ وارن جو هڪ وڏو تعداد هوندو هو جيڪي پنهنجي ڪم جا ڏاڍا ماهر هئا ۽ اک ڇنبِ ۾ پنهنجو ڪم اڪلائي ونندا هئا ۽ انهن جو اڄ بہ رواج آهي. سندن صلاح مشوري سان فوج سان گڏ هلندڙ "شهر" مناسب ۽ بنا دير جي قائم ڪري سگھبو آهي.

اهڙيءَ ريت بازار سان لاڳاپيل هڪ اعليٰ عملدار هوندو آهي جيڪو فوج سان سواءِ بازار جي هر مامري تي ضابطو رکندو آهي. جڏهن فوج جو ڪوارٽر ماستر جنرل منزل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ايراضيءَ جي چونڊ ڪندو آهي تہ ان سان گڏ بازار ڪرڻ واري جاءِ پسند ڪندو آهي. پوءِ بازار سان لاڳاپيل عملدار پنهنجو جهنڊو وڃي ان جاءِ تي کوڙيندو آهي، واپارين ۽ سندن گماشتن کي بعد ۾ پتو پوندو آهي تہ سندن تنبو وغيره ڪٿي نصب ٿيڻ گهرجن. ڪم ايترو تہ ڦڙتائي سان ڪيو ويندو آهي جو هڪ ڪلاڪ اندر بازارين ۽ چوسول جڙي ويندا آهن. هٽ بہ هڪ ٻئي سان ٻولائتي نموني لاڳاپيل هوندا ۽ سچ اپرئي کان سچ لٿي تائين سچو ڏينهن ٻئي ڏيتي ليتي هلندي آهي. هندستان ۾ اهڙي قسم جون بازاريون آخري ڀيرو تيره Terah واري جنگي مهم دوران سنہ ١٨٩٧ع ۾ درگيءَ Dargai وٽ ڏٺيون ويون هيون.

بازار سان لاڳاپيل هزارين ماڻهو جڏهن بازار قائم ڪرڻ لاءِ تنبو هڻندا هئا تہ ڀرپائين ايتري تہ صفائي ڪندا هئا جيڪا ڇڻ انسان جي وس کان ٻاهر پئي نظر ايندي هئي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو وڃي ها تہ ڪانہ ڪا وبائي بيماري تباهي مچائي ڇڏي ها.

ان فوجي بازار جي ڏنڌي ۾ واپارين، هٽ وارن ۽ فوجين جا لاڳاپيدار هوندا آهن ۽ انهن جو هندستان جي ڪنهن نہ ڪنهن شهر جي واپاريءَ سان مٽي مائٽي يا ڏيٺ ويٺ هوندي آهي.

جڏهن فوجي چرپر عمل ۾ ايندي آهي تہ اهڙي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ماڻهو واجهہ پيا وجهندا آهن. هندستان ۾ اهڙيون ڪيتريون واپاري برادريون آهن جيڪي پيڙهيءَ بعد پيڙهيءَ هي ڌنڌو ڪندا اچن ۽ اناج ۽ ٻيون گهربل شيون ڪٺي اچي فوجي وانڊ وٽ پهچندا. اها ڇڻ تہ فوج جي وڏي سهائتا آهي. اهوئي سبب آهي تہ اڻويهينءَ صديءَ جي ڀرپائين اڌ ۾ اريگيولر گهوڙيسوار دستن جي انگ ۾ گهٽو واڌارو اچي ويو هو. اوسي پاسي جي وڻجارن کي جڏهن خبر پوندي هئي تہ فوج

Gul Hayat Institute

جي باقي هڪ ڊويزن فوج سر ڪاٽن جي سپهہ سالاريءَ هيٺ پيش قدمي ڪري. افغان جنگ ۾ ساري فوج جي ڪمان جنرل سرن جا ڪين (۵) Jhon Keane جي هٿ هيٺ رکي وئي هئي جيڪو بمبئي ڊويزن سان گڏ پيش قدمي ڪري رهيو هو.

پر هتي هڪ حقيقت ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اها جنگ افغانستان خلاف ڪانہ هئي. افغانستان جو شهنشاهہ اسان سان گڏ هو جنهن سان پنهنجو هڪ جدا لشڪر هو. ڪيترا اتحادي ۽ يار دوست سندس فوج سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا. هو پنهنجي پيءُ ڏاڏي جو تاج تخت پيهر هٿ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي جاڪوڙي رهيو هو. انگريز فوج افغانستان ۾ دشمن جيان داخل ٿي ڪانہ رهي هئي. پر ان بدران اسان هڪ دوستن ۽ گهڻگهرن جيان سندن ملڪ ۾ داخل ٿي رهيا هئاسون. هن فوج سان مکيہ شخصيت، گورنر جنرل جو نمائندو هو جيڪو شاهہ شجاع جي دربار ۾ سفير بہ هو ۽ هن ساٿ سان گڏ سفر ڪري رهيو هو. شاهہ شجاع جي پنهنجي شخصيت "سر مئڪ ناٽن" ڪان گهٽ ڪانہ هئي. هن سان جيستائين ڪا دشمني پيدا نہ ٿي ٿئي تيستائين هيءُ نهايت اعليٰ مرتبي وارو شخص آهي.

ان وقت جي فوجي ضابطي موجب پيادل برگيڊ ۾ ٽي بٽالنون هونديون هيون جن ۾ هڪ حصو يورپين ۽ بہ حصا ڏيهي ماڻهن جا هوندا هئا. گهوڙيسوار دستن ۾ بہ اها ساڳي ترتيب رکي وئي هئي.

باقي رهيل هڪ ڊويزن فوج سان گڏ "سر ولوبي ڪاٽن" افغانستان ڏانهن وڌي رهيو هو جنهن ۾هڪ گهوڙيسوار ۽ ٽي پيادل برگيڊون هيون. سرجان ڪين بمبئيءَ ڪان ڪراچيءَ رستي پنهنجي هڪ ڊويزن فوج سان پيش قدمي ڪري رهيو هو جنهن ۾ هڪ گهوڙيسوار ۽ بہ پيادل برگيڊون هيون. ٢- بنگال ڊويزن فيروز پور ۾ رهائي وئي هئي. برطانيہ سرڪار جو اتي فوجي ڇانوڻي قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. فوج جي ترتيب ۽ وچور هيٺ ڏجي ٿو:

Gul Hayat Institute

(١) ١- بنگال ڊويزن ---------- ميجر جنرل سر ولوبي ڪاٽن

(٢) ١- برگيڊ------------- ١٣- پيادل فوج
برگيڊير سيل------------- ١٦- بنگال ڏيهي پيادل
٤٨- بنگال ڏيهي پيادل
(٣) ٢- برگيڊ ------------ ٤٨- بنگال ڏيهي پيادل

برگيڊير ناٽ-------------- ٣١- بنگال ڏيهي پيادل
٤٢- بنگال ڏيهي پيادل
٤٣- بنگال ڏيهي پيادل

(٤) ٣- برگيڊ---------- ٢- بنگال ڏيهي پيادل
برگيڊير ڊيني ---------- ٢٧- بنگال ڏيهي پيادل

(٥) گهوڙيسوار برگيڊ ----- ١٦- لانسرس
برگيڊير ٽئڪ ويل ------- ٢- بنگال نيم مسلح گهوڙيسوار
٣- بنگال نيم مسلح
بمبئي ڊويزن----------- ليفٽيننٽ جنرل سرجان ڪين

(١) ١- برگيڊ---------- ٢- ڪئينس
برگيڊير ولٽ شاير ------- ١٧- پيادل
١٩- بمبئي ڏيهي پيادل

(٢) ٢- برگيڊ
برگيڊير گورڊن--------- ١- بمبئي ڏيهي پيادل
٢- بمبئي ڏيهي پيادل
٥- بمبئي ڏيهي پيادل
(٣) گهوڙيسوار برگيڊ ١٤- نيم مسلح ڊرئگون
برگيڊير اسڪاٽ ( بہ اسڪئاڊرن )
١- بمبئي نيم مسلح گهوڙيسوار
ءِ
پونا اِگزيلري هارس.

Gul Hayat Institute

# شاهه شجاع جي پنهنجي فوج

هن دور جي تاريخ سان لاڳاپيل حقيقتن مان شاهه شجاع جي فوج جي ڳالهه به نهايت دلچسپ آهي. ان بابت سارو حال احوال اڃا هاڻي ڏنو ويندو جنهن ۾ هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ويندو ته هن جڏهن سنه ۱۸۳۴ع ۾ پنهنجي تخت هٿ ڪرڻ لاءِ جاکوڙيو هو ته ڪيس لڌيانه ۾ ويهي پنهنجي خرچ تي فوج جوڙڻ جي موڪل ڏني هئي. ان فوج ۾ ڪي اهڙا ماڻهو هئا جيڪي جنگ دوران قرلت جي آسري تي جنگ ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. ان جي فوج جو ٻيو حصو هندستانين تي مشمل هو جن جو اوڌ سان واسطو هو. انهيءَ علائقي جا ماڻهو ڪن صدين کان وٺي ٻيڙهي به پيڙهي پيادل فوجيءَ طور داخل ٿيندا پيا اچن. انهن مان گهڻا ته ڪنهن زماني ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج ۾ به نوڪري ڪري چڪا آهن. هتي هن حقيقت جو به ذڪر ڪيو ويندو ته يورو- ايشين عملدارن جي سپهه سالاري هيٺ هنن بٽالين قنڌار ۽ شڪارپور واريون جنگيون ڪيئن وڙهيون هيون. هن لشڪر ۾ ڇهه هزار فوجي شامل هئا جن ۾ برطانيه سرڪار جا ڪميشنڊ ۽ نان ڪميشنڊ عملدار به شامل سمجهڻ گهرجن. اهڙن عملدارن جي چونڊ ريگيولر فوج مان ڪئي وئي هئي تنهن ڪري ان فوج کي نهايت اهم سمجهيو پئي ويو. اهڙيءَ ريت شاهه شجاع جي مٿي ڄاڻايل فوج هيٺين حصن ۾ ورهيل هئي:

(۱) ٦ بٽالين پيادل

(۲) ۲ گهوڙيسوار ريجمنٽون.

(۳) توبخاني سان لاڳاپيل گهوڙيسوار دستو.

(۴) جبل مان سفر ڪرڻ وارو باربردار دستو.

(۵) قلعن کي ڊاهڻ ۽ ڪاٽ هڻڻ سان لاڳاپيل هڪ فوجي ڪمپني.

هن ساريءَ فوج جون ورديون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج جهڙيون هيون. ان جو ڪمانڊر ۱۹- بنگال پيادل جو برگيڊير "سپسن" هو.

هن لشڪر کي پنهنجي سڪيا پوري ٿيڻ کان اڳ محاذ ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. رستي ۾ هن فوج سان ٻيا ماڻهو به شامل ٿيندا ويا. سندس پهرئين ۽ شروعاتي جوڙجڪ ۾ "هندستاني، پٺاڻ ۽ پنجابي مسلمان" شامل ٿيا هئا. هڪ بٽالين گورکن جي به هئي هي ماڻهو فوج ۾ شامل ٿيڻ جي مقصد سان نيپال مان اچي اتر هندستان جي علائقن ۾ پهچندا هئا. هن کان علاوه ڪي سک ۽ ڪجهه برطانيه سرڪار جا ماڻهو به ڀرتي ڪيا ويا هئا. هنن ڇا ڪيو ۽ ڇا نه ڪيو تنهن بابت بيان

Gul Hayat Institute

ٻڌجي ويندا هئا ڇاڪاڻ جو ان زماني ۾ هندستان جي حڪومت انهن جي حوالي هئي. اهڙي قسم جا ماڻهو پيو ڪجهه چاهيندا به ڪونه هئا. دل جا پڪا. ظالم ۽ ڪنور هئا. تنهن ڪري ٻئي ڏنڌي ڌانهن اک ڪٿي به ڪونه نهاريندا هئا. اها حقيقت مٿي به بيان ڪئي وئي آهي ته شاه شجاع سنه ١٨١٨ع ۽ ١٨٣۴ع ۾ سنڌ جي ميرن کي ٻولايو هو ته هو سندن حڪمران آهي ۽ ساليانو ڏن فقط ڪين ادا ڪيو. جيڪڏهن رهيل ڏن جي ادائگي ڪئي وئي ته هو ٻوءِ هميشه لاءِ اهڙي بار کان آجا رهندا. پر ته ڏرئي ناه ڪان ٻوءِ سنڌ جا حڪمران انهن سڀني ڪان بارن آجا ٿي ويا هئا.

جيتري قدر برطانيه جي تجارتي ۽ افغان حڪمت عمليءَ جو تعلق آهي ته سنڌ بابت ڪي ڳالهيون اهڙيون به هيون جيڪي وڌيڪ ڌيان طلب هيون. انگلنڊ جي ڪن انگريز ڌرين، جن جو گهڻو ڪري وڪٽوريا دور سان واسطو هو تن سنڌ بابت برطانيه سرڪاري حڪمت عمليءَ خلاف گهڻي ٻوءِ ٻوءِ ڪئي آهي. پر حقيقت ۾ ڳالهه رڳي ايتري هئي جو انگريزن سنڌ سرڪار کان افغانستان وڃڻ لاءِ سنڌوءَ وسيلي "لشڪري رستي" جي تقاضا ڪئي. هڪ نهايت معمولي طلب هئي. ڪانئن اها به گهُر ڪئي وئي هئي ته ٿوري وقت لاءِ ٻکر جو قلعو به انگريزن جي حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته قلعو سنڌوءَ جي وچ ٻيٽ ۾ آهي ۽ دنيا جي مضبوط ترين قلعن مان هڪ آهي. پر سنڌ جا حڪمران نٽ نتاءَ ڪندا رهيا. برطانيه سرڪار اهڙي دعويٰ دراني هڪ حڪمران جي نمائندي طور ڪئي وئي. تن ڏينهن سنڌ جا حڪمران ان جا ڏن ڀرو هئا. جيڪڏهن انهن اهي مناسب مطالبا مڃيا ۽ سنا حڪمران ۽ سنا انسان ثابت ٿيا ته برطانيه سرڪار به سندن تحفظ جو ذمون کڻندي. نه ته ٻيءَ حالت ۾ برطانيه سرڪار کي سندن خلاف هر قدم کڻڻ جو اختيار هو. سنڌ جي اها هڪ واضح حيثيت هئي. انگريزن جيڪي ڪانئن طلبون ڪيون هيون سي به ڪي غير مناسب ڪونه هيون. نيٺ اهڙا مطالبا مڃيا ويا ۽ انهيءَ ۽ ئي سندن پلو هو. برطانيه سرڪار سنڌ جي حڪمرانن جو نهايت گهڻو احترام ڪيو آهي. پر اهي واقعا ڪهڙي طريقي سان ڀيانڪ صورت اختيار ڪندا ويا جو انگريزن کي سنڌ فتح ڪري پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪئي هئي تن جو بيان اڳتي ڪنهن مناسب جاءِ تي ڪيو ويندو. اهڙ واقعا ان ڪري رونما ٿيا جو سنڌ جا حڪمران پنهنجو جهنگلي رويو ڇڏي ترقي پسند سوچ پنهنجائڻ ۽ ورتائڻ لاءِ تيار ئي ڪونه هئا.

سنڌوءَ جو هيٺيون ڀاڱي وارو علائقو سندن حڪمرانيءَ ۾ شامل هو. ان ڪري سنڌوءَ وسيلي آمدرفت جي موڪل ڏيڻ نه ڏيڻ، سندن مرضي هوندي هئي.

جڏهن بمبئيءَ واري فوج مٿي وڌڻ لڳي ته هنن حڪمرانن ان جي مخالفت

ڪئي هئي. تنهن زماني ۾ بنگال واري افغانستان ڏانهن ويندڙ فوج بکر ۾ ترسيل هئي.

سر هئري فئن، ڪمانڊر- ان چيف، هيٺ ڪراچيءَ وچڻ پئي چاهيو ۽ سرجان ڪين مٿي پيش قدمي ڪرڻ پئي گهري، سنڌ جي حڪمرانن کان اهڙي اجازت ڏيڻ نه ٿي چاهي. جڏهن معاملو گنڀير صورت اختيار ڪري ويو ته "سر هئرن" ان مسئلي کي طاقت جي زور تي نبيرڻ لاءِ بنگال فوج کي درياه سان هيٺ وڃڻ ضروري ڄاتو تڏهن سنڌ جي حڪمرانن مجبور ٿي انگريز سرڪار کي سنڌوءَ وسيلي سفر ڪرڻ جي موڪل ڏني. بنگال واري اڳتي رواني ٿيل فوج موٽي وڃي بکر پهتي. اهڙيءَ ريت افغانستان ڏانهن ويندڙ فوج کي اڳتي رواني ٿيڻ مُهت مليو.

اتر، سليمان جبل ۾ بولان لڪ کان وٺي سمنڊ تائين بلوچستان جو علائقو آهي جنهن ۾ بروچن جا ڪيترا قبيلا رهندا آهن. هر هڪ قبيلي جو لٽ سردار جدا هوندو آهي. پر سيئي قلات جي خان جي سڳي ڏاڍي ۾ هوندا آهن. هيءُ حڪمران ڪنهن زماني ۾ مغل شاهيءَ جو فرمانبردار هو. جڏهن وري افغانستان جي دراني گهراڻي زور ورتو ته ان جي اطاعت قبول ڪيائين. جڏهن وري افغان حڪومت زوال جو شڪار ٿي ته هيءَ ملڪ به آزاد ٿي ويو. برطانيه سرڪار جي ڪوشش اها هئي ته هيءَ حڪمران شاه شجاع جي واهر لاءِ ويندڙ سنڌس اتحادين جي فوج کي پنهنجي ملڪ مان لنگهڻ جي موڪل ڏئي ۽ دراني حڪمران جي نئين سر اطاعت ۽ فرمانبرداري قبول ڪري. معلوم ائين ٿيو ٿي ته افغان حڪمران جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ واري ڳالهه هن لاءِ قابل قبول ڪانه هئي.

Gul Hayat Institute

# باب ٻيو

# سنڌوءَ وسيلي فوج جي قنڌار ۽ ڪابل ڏانهن روانگي

قنڌار ڏانهن، پيش قدمي
غزني ۽ ڪابل
شاهه شجاع جو ابائي تخت تي وهڻ
سنڌ جي لشڪر جو حصن ۾ ورهائجڻ
سفير ۽ سياسي خدمتون
سنه ١٨٤٠ع وارا معاملا
رٿيل جوڙ جڪ جو ٽٽڻ

بنگال فوج جيڪا "سنڌ واري فوج" جي نالي سان مشهور هئي تنهن جو ڪل انگ ٩٥٠٠ هو. شاهه شجاع جو لشڪر ٦٠٠٠ هو. هنن ٻنهي فوجن نومبر جي اڳياڙيءَ ۾ فيروز پور کي الوداع چئي ۽ ستلج جو ڪاٻو ڪنارو ڏئي اڳتي وڌڻ لڳي هئي ۽ بهاولپور رياست جي حدن مان لنگهي نيٺ وڃي خير سان سکر پيڙي ٿي. هن ساري سفر ۾ شاهه شجاع جي فوج اڳواٽي ڪري رهي هئي. سفر ڏاڍو سٺائو گذريو. سنڌ ۾ رسد واري سامان سڙي جو جوڳو بندوبست ڪيل ڪونه هو.

بنگال جي فوجي انجنيئرن بکر بيٽ ٻنهي پاسن کان درياهه تي ٻيڙين جي پل ٺاهي ورتي هئي. سنڌ جي حڪمرانن من ڪوره بيٽ لاچار ٿي ڏنو هو. فوج ڏکيو سفر ڪري ٿڪي ٿي. مس هتي اچي پهتي هئي. جڏهن ٻيڙين جي ٺهيل پل تان اڪري بکر ڏانهن وڃي رهي هئي تہ ڏاڍو خوش پئي لڳي ۽ اها فيبروريءَ جي ١٨ تاريخ هئي. سنڌوءَ کي پار ڪرڻ مهل هندستاني سپاهي هيسيل ۽ ڏنل ڪونہ

هئا. شايد ان وقت اهو دور ياد ڪري رهيا هئا جڏهن ڪابل تائين هندن جي حڪمراني هوندي هئي. بمبئي واري فوج سيني ڪان پنيان هئي. شاه شجاع شڪارپور واري پاسي کان پل اڪري بکر پهتو هو.

هتي پهچي فوج مٿان ڇڻ ڏکيان جا ڏونگر ڪري پيا هئا. منصوبه بنديءَ مان لاڳاپيل عملي جو ڪم غير تسلي بخش ۽ غير معياري هو. بکر ۾ ڪيتري عرصي رهڻ کان پوءِ به اها رٿا ڪانہ جوڙي وئي هئي تہ لشڪر ڪيئن گنداوا وارو بريٿ کهڙي طريقي سان گذرندو. ڇاڪاڻ تہ اتان سفر ڪرڻ مهل باربردار وهٽن مرڻ جو گهڻو ڀؤ هو. هن کان علاوه اتان جي ماڻهن جي اوچتن حملن جو بہ خدشو موجود هو. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي اپريل جي اڳياڙيءَ ڏاران ڪوئيٽا ۾ فوج انگ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وڌيڪ ناڪامي ان ڪري بہ ٿي جو ڪاڏي خوراڪ جو جوڳو بندوبست ڪونہ ٿي سگهيو هو.

مغل دور جي فوجي چرپر وقت رسد وارو طريقو بلڪل ناڪام ثابت ٿيو هو. اڳي اهو بہ رواج هوندو هو تہ فوج کي ڪاپي جون شيون واپاري مناسب اگهہ تي آڻي ڏيندا هئا. هن کان علاوه وڻجارا بہ هلڪيون سلڪيون شيون ڪٺي پيش قدمي ڪندڙ فوج جي واندين ۾ پهچائي ويندا هئا. پر هن موقعي تي اهي سڀئي طريقا فوج کي گهربل شيون پهچائي ڪونہ سگهيا هئا. فوج جي رسد واري ڪاتي کي اهڙو ڪو تجربو بہ ڪونہ هو. هن قسم جي معاملي نباهڻ لاءِ پنهنجو هڪ خاص طريقہ ڪار هوندو آهي. هن ڪاتي سرڪاري طور اُت خريد ڪري فوجي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اهڙو انتظام بہ ناڪافي ثابت ٿيو هو.

ان لاءِ ڪوئيٽا جي فوج مرڪز ۾ ڪي تدبيرون ڪيون ويون هيون. پر اتان جي فوجي ڇانوڻي ۾ رهيل عملدارن خواجہ عمران نالي هڪ ماڻهوءَ جابلو علائقي واري رستي تائين بہ فوجن جي ضرورتن سان لاڳاپيل ڪنهن بہ شيءَ جو بندوبست ڪونہ ڪيو هو. تنهن ڪري هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوج کي اڌ ۽ ٻئي عملي کي راشن جو چوٿون حصو ڏئي وقت ٽپايو ويو. فوج جڏهن قنڌار جي ڏکڻ واري ڪرم علائقي ۾ پهتي تہ ان کي اچا بہ وڌيڪ ڏچي سان منهن ڏيڻو پئجي ويو جو درانين جي هڪ قبيلي اچي جهيڙو ڳنڍيو. پر انهيءَ کان وڌيڪ انهن قبائلين کان پريشان هئا جن کي جنگ ڪرڻ جو ڪو پتوئي ڪونہ هو.

نيٺ هٽندي مارينڊي ۲۴ اپريل ۱۸۳۹ع تي شاه شجاع جي اڳواڻيءَ ۾ اچي قنڌار سهڙياسين. اتان جي رهاڪن مان نہ ڪنهن مقابلو ڪيو نہ اڳتي وڌي ڪنهن آجيان ڪئي. سندس پهچڻ کان بہ ڏينهن پوءِ برطانيہ سرڪار جي فوج بہ اچي قنڌار پهتي.

# غزني ۽ ڪابل

قنڌار جي ڪهنه دل خان ۽ سندس ڀائر، هڪ گڏيل فوج وٺي گير شڪ رستي هرات روانا ٿيا. برطانيه سرڪار جو لشڪر لڪ لتاڙي ڏونگر ڏوري قنڌار پهتو ته ٿڪجي مري پيو هو تنهن ڪري ڪجهه ساهه پٽڻ پئي چاهيائين. غير فوجي عملو ۽ وهٽ به وچ واري بربٽ بيابان علائقي مان اُجيا بکيا اچي هتي پهتا هئا تن کي به ٿوري وقت لاءِ پوري ڪاڏي پيتي جي ضرورت هئي. ٿوري وقت کان پوءِ اهي ڪجهه تازا توانا ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ برطانيه سرڪار جي ٻيءَ فوج کان پهريائين، برگيڊير سيل، گير شڪي ڏانهن اُسهيو جتي شاهه شجاع جي هڪ بٽالين اڳئي وينل هئي. جڏهن اتان جي اميرن کي انگريزي لشڪر اچڻ جون خبرون پهتيون ته اهي نڪري سيستان هليا ويا. اتان جو سفير هن خوش فهميءَ ۾ مبتلا هو ته شاهه شجاع جو افغانستان ۾ هڪ والهانه استقبال ڪيو ويو آهي تنهن ڪري هو جڏهن ڪابل ۾ پهچندو ته سندس مقابلي لاءِ ڪنهن کي به همت ڪانه ٿيندي. فوج ملڪ جي صحيح حالتن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي جاسوسي واري اداري کي ڪم ڪونه آندو ۽ سياسي عملدارن جي معلومات تي آسرو رکي ٻانهن سيراندي ڏئي ويهي رهي. جنهن جي سوچ سمجهه جو معيار پنهنجو هوندو آهي ۽ جلدئي پنهنجي نقطئه نظر موجب هڪ خيالي خاڪو جوڙي ڇڏيندي آهي. حقيقت اها هئي ته هيءَ فوج حالتن کي منهن ڏيڻ جهڙي ڪانه هئي. هن سان سفر جو سامان ۽ اڙد به تمام گهڻو هو.

١٦- لانسز جي هڪ نوجوان آفيسر پنهنجي ڊائريءَ ۾ هن ريت لکيو آهي ته ”هڪ هٽ- بٽيءَ وسيلي فوجي واند کي باه وچڙي وئي. خوشقسمتي سان منهنجو تنبو نندو ۽ منجهس سامان ٿورو هو. مون سان سترهن ماڻهن گڏجي اُن جي باه وسائي“. ٽي سگهي ٿو ته اهي گهوڙن جا سيئس، گاهي يا تنبن کوڙڻ وارا هجن. ٿي سگهي ٿو ته انهن مان هڪ يا ٻه سندس ذاتي اردلي به هجن امڪان آهي ته متان مائهو ايترا گهڻا هجن جو ماڪڙ جيان جيڏانهن ڪيڏانهن ملڪ ۾ پکڙجي ويا هجن. ٻر هي اهو ڏکيو دور هو جنهن ۾ فقط هندستان جا ماڻهو هن قسم جي جنگ وڙهي پئي سگهيا.

٢٧ جون تي ”جنرل ڪين“ اڳتي وڌڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ فيصلو ڪيائين ته سائنس گڏ فوج جو وڏو حصو موجود هجڻ کپي. ٢١ جولاءِ تي هيءَ فوج وڃي غزنيءَ پهتي. رستي ۾ ڪنهن روڪ رنڊڪ ڪانه ڪئي. باقي فوج سان جيڪو غير

Gul Hayat Institute

اهي حالتون ڏسي دوست محمد تاج تخت ۽ فوج کان سواءِ باميان ۽ رو گس ڏئي ڪابل ڇڏي ڀڄي ويو. سندس پٽ اڪبر خان ٿورن گهوڙيسوارن سان گڏ سندس پٺيان پاسي جي سنيال ڪندو ٿي ويو. آئوٽ رام ٻين فوجي عملدارن سان گڏ سندس پيڇو ڪيو پر ڪيس پڪڙي ڪونه سگهيو هو. پير پناڙن تي رکي ايتري تيز رفتاريءَ سان نڪري ويو جو دشمن کي پنيان اڏامندڙ ڌوڙ به نظر ڪانه آئي. حاجي خان ڪاڪڙ، دوست محمد هڪ مشهور امير هو تنهن هڪدم پنهنجون وفاداريون بدلائي وڃي شاهه شجاع جو ساٿاري ٿيو.

## شاهه شجاع پنهنجي اباڻي تخت تي

تاريخ ٦ آگسٽ تي سرجان ڪين پنهنجي فوجي واند اچي ڪابل پرسان قائم ڪئي. هن کي ارگنده ۾ دوست محمد جون ڇڏيل توبون هٿ لڳي ويون جيڪي هو ڀاڄ وقت جيئن جو تيئن ڇڏي هليو ويو هو.

٧ آگسٽ تي شاهه شجاع الملڪ پنهنجي فوجي دستن سان ڪابل پهتو. ڏکهي ڏاڙهي سندس منهن تي ڏاڍي شاندار لڳي رهي هئي ۽ محسوس ٿي رهيو هو ته واقعي هڪ بادشاهه آهي. سندس هڪ پاسي ۾ برطانيه سرڪار جو سفير ۽ ٻئي پاسي برنس هو جنهن کي سڪندر جي نالي سڏيو ويندو هو. (١) هڪ طرف بندوقن جون سنگينون ايئون ڪري ڪيس سلامي ڏئي وئي ته ٻئي طرف توبن گجگوڙون ڪري سندس ٻيهر تخت نشينيءَ جي آجيان ڪئي. ڪابل جي قديم شهر پرسان ٿڪرين جو قطارون هيون ۽ ڏيک ڏاڍو دل لڀائيندڙ هو. چيو ويندو آهي ته جڏهن هو ڪابل ۾ پهتو هو ته اتان جي رهاڪن ماٺ ميٺ ۾ سندس استقبال ڪيو هو ۽ سمجهيو پئي ويو ته سندس تخت نشيني ڪري ڪين ڪا خوشي محسوس ڪانه ٿي هئي. پر ڳالهه ائين ڪانه آهي. مشرق جا ماڻهو خوشيءَ جي اهڙن موقعن تي يورپ جي ماڻهن جيان هنبوڇيون ڪونه هڻندا آهن.

انگلنڊ جو بادشاهه جڏهن سنه ١٩١١ع ۾ دهليءَ پهتو هو ته اتان جي ماڻهن ڪوبه گوڙ شور ڪونه ڪيو هو. جيڪڏهن شاهه شجاع جي آجيان وقت ڪابل جا ماڻهو گوڙ شور ڪن ها ته اتان جي رواج موجب ڪين سزا ملي ها. تنهن ڪري ائين سمجهڻ غلط آهي ته سندس ڪابل ۾ اچڻ ڪري ماڻهو خوش ڪونه هئا.

چيو ويندو آهي ته شاهه شجاع بالا حصار قلعي ڪان پورا ٽيهه سال پري

رهيو هو. جڏهن هو ڪابل پهتو ته پهريائين هو مذڪوره قلعو ڏسڻ ويو هو. ان وقت ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو جڏهن ڏٺائين ته ڪٿان ڪٿان اهو جُهري پيو آهي ۽ ورهن ڪان سندس ڪنهن مرمت ئي ڪانه ڪرائي هئي.

اهڙيءَ ريت شاه شجاع پنهنجي اباڻي تخت تي ويٺو ۽ سڀ ڳالهيون صحيح نموني سان هلي رهيون هيون. دراني شهنشاهيت پنهنجي روايتي افغاني نموني سان هلڻ شروع ڪيو هو.(٣) هڪ دربار عام به ڪوٺائي وئي هئي جنهن ۾ ڪن عملدارن کي خطاب القاب مليا. وڏن تي وڏيون ۽ ننڍيون تي ننڍيون نوازشون ڪيون ويون. جن ماڻهن کي ڪجهه به نه مليو ته به ڏاڍو خوش پئي معلوم ٿيا. حقيقت اها هئي ته اهو خوشيءَ جو هڪ سچو پچو موقعو هو. مئڪ ناٽن کي انهيءَ موقعي تي نواب جو خطاب مليو جڏهن ته سرجان ڪين کي غزني جي لارڊ جو لقب ڏميو. (۴) ڪابل جي قلعي فتح ٿيڻ جي خوشيءَ ۾هڪ ٻلو به کيس مليو هو. شاه، ڪابل جي تخت تي نه ويٺو هو پر معلوم ائين ٿي رهيو هو ته هتان جي عام ماڻهوءَ ۽ تخت جي ٻين وارثن جي مرضي ائين ڪانه هئي. پر اهو تاج ۽ تخت کيس سملا ٺاه ۽ برطانيه سرڪار جي توبن ۽ بندوقن وسيلي مليو هو. سروليم مئڪ ناٽن به اهڙو اطلاع ڏنو هو ته شاه شجاع جو شاندار نموني ۾ والهانه استقبال ڪيو ويو آهي. پر اها پڪ ڪانه ٿي پئي پنهنجي فوج جي سهاري، سندس حڪمراني قائم رهي سگهندي الائي نه هن پنهنجي فوج جي هڪ وڏي حصي کي ڪڍي ڇڏيو. پر برطانيه سرڪار جي موڪليل فوج جيئن جو تيئن رهڻ ڏني وئي. ملڪ جا امير ۽ نواب، شاه جي دربار کان ٿنوائي رهيا هئا. انهيءَ ڪري صوبن جا گورنر به مقرر ٿي ڪونه سگهيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته شاه شجاع ڪان ملڪ جو ڪاروبار سنڀالجي ڪونه سگهندو. تنهن ڪري اهو ڪم به انگريزن کي ڪرڻو پئجي رهيو هو. جڏهن ملڪي انتظام ۾ انگريزن هٿ وڌو ته ساري ڳالهه ئي ڊانوانڊول ٿي وئي ۽ ائين ٿيڻو به هو. ڇاڪاڻ ته هن ساري مانداڻ ۾ ڪٿي اوڻائي ضرور هئي.

Gul Hayat Institute

## ڪابل جا دوستاڻا لاڳاپا

برطانيه سرڪار جي فوج سنه ١٨٣٩ع ۾ افغانستان پهتي هئي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ڪيس جهيڙي جي ڪا نيت به ڪانه هئي ۽ نه وري ڪنهن جنگ جي توقع ئي هئي.

هن دور جي پهرئين مرحلي کي پهرين افغان جنگ ڪري سڏيو ويو. جنهن ڪري ڪجهه غلط فهمي پيدا ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو اها جنگ اتفاقي ٿي وئي

پيتر يا ٻيا جانور ويڙهائيندا هئا ته انگريز ۾ وچي ڊوڙني جوڙ شريڪ ٿيندا هئا. پٺاڻن جيان شرطون رکندا، هارائيندا ۽ کٽندا به هئا. مطلب ته پٺاڻن سان رلي ملي چڻ پٺاڻ ٿي ويا هئا. اهڙيءَ ريت انگريز وري ڪين پنهنجي پهلواني وارين راندين ۾ شريڪ ٿيڻ جي نيند ڏيندا هئا ۽ سنڌن پهلوانيءَ جا ڪرتب ڏسي ڪابل جا مشهور پهلوان دنگ رهجي ويندا هئا.

پٺاڻن سان رلي ملي هڪ ٿيڻ مان انگريزن جو مقصد هو ته جيئن هو پنهنجي فاتحن سان قربائتي نموني هلڻ ۽ ٿيون ويچا وساري ڪين پنهنجو سمجهن. پٺاڻن جا امير امرا به انگريزن کي پنهنجي شهر وارن گهرن ۾ ٻهراڙيءَ ۾ زمين تي اچڻ جي دعوت ڏيندا هئا ڪين شڪار الغار به ڪرائيندا هئا ۽ پنهنجي قلعن گهمائڻ جي ڪوٺ به ڏيندا هئا.

ساڳيو مصنف ٻڌائي ٿو ته انگريز فوجي جڏهن برف تي اسڪيٽنگ ڪندا هئا ته پٺاڻ سندن عجيب غريب ڪرتب ڏسي اچرج ڪندا هئا ۽ رڙيون ڪري چوندا هئا ته،" اسان کي هاڻي خبر پئي آهي ته اوهان تر جا ڇاوا آهيو. برفن ۾ پليا ۽ جوان ٿيا آهيو. توهان جانِ جسي ۾ به سگهارا آهيو ته توهان جا دماغ به طاقتور آهن."

پٺاڻن جا امير امرا ۽ عام ماڻهو انگريزن سان رلي ملي کائيندا پئندا هئا. نه رڳو مکيه انگريز عملدارن جي دعوتن ۾ کلئي نموني شريڪ ٿيندا هئا پر فوجين جي جيڪا عام ماني هوندي هئي سا به ساڻن گڏ وچي کائيندا هئا. ڪوبه اِڙ ۽ دوشو ڪونه ڪندا هئا. هزمئجسٽي جي ١٣- پيادل جي ميس ۾ ته هر روز اچي ماني کائيندا هئا. اها ته چڻ سندن پنهنجي گهر جيان هئي.

پر بدقسمتي اها ٿي، جو هڪ انگريز فوجي عملدار نهايت سهڻو هوندو هو. ڪابل جي نوابن جون زالون ڪيس گهڻو چاهينديون هيون ۽ ساڻن راهل مائل به گهڻو ٿي ويون هيون ان ڪري پٺاڻن جي دلين ۾ وسوسا پيدا ٿي پيا جنهن جا نتيجا سٺا ڪونه نڪتا.

قصو ڪوتاه، شاه جي اتحادي فوجن سندس دشمن کي ڀڄائي ڪيس تخت تي وهاريو. ان ڪري هتان جي عوام ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي آجيان ڪئي. پر ڪن ڏکدائڪ واقعن جو هڪ ڏکهو سلسلو آهي جن کي ورجائيندي به افسوس ٿئي ٿو. اهي واقعا اهڙا هئا جن جو اڳواٽ ئي انومان ڪرڻو هو ۽ جن ڪري بگڙي ويل ماحول کي سڌارڻ ئي ممڪن ڪونه هو.

معلوم ٿي رهيو هو ته پراڻي زماني جا حڪمران ڪهڙي طريقي سان سفر ڪندا آهن ۽ هن سياري جا سيءَ انگريز سفير سان گڏ جلال آباد ۾ گذاريا. ٻه يورپي بٽالنون ڪابل ۾ رهيل هيون جن هيءَ ٿڌي رُت بالا حصار قلعي ۾ رهي ٽپائي. هيءُ هڪ تاريخي قلعو آهي جيڪو ڪابل شهر پرسان هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.

هيءَ ساري جوءِ، چيٽ جي رُت اچڻ تائين برف سان ڍڪي اچي لڳي پئي هوندي آهي. هتان جا رهاڪو هن موسم ۾ ڪم ڪونه ڪندا آهن. ڪين پنهنجي مستقبل جو ڪو ڳڻتي ڳاراٺو ڪونه هوندو آهي ۽ انهن جا حملا آورن انگريزن سان ناتا لاڳاپا نهايت سٺا آهن.

## برطانيه سرڪار جو سفير ۽ سندس سياسي خدمتون

هيءُ اهو دور آهي جڏهن سفير وارين سياسي خدمتن ڪان ماٺهو ونئن وجڻ لڳا هئا ۽ ڪانئس بچان ڪرڻ لڳا هئا. پر ڏنو وڃي ته ان زماني ۾ هنن خدمتن کي هڪ نمايان حثيت هوندي هئي ۽ اهڙي قسم جي اهم خدمت جي ضرورت ٻي افغان جنگ ۽ شروعاتي سرحدي جهيڙن تائين تمام گهڻي محسوس ٿيندي رهي آهي. يا جڏهن سياست واري ڪاتي سان لاڳاپيل عملدار پنهنجو فرض نمايان حثيت ۾ ادا ڪندو آهي ته سفارتي خدمتن جي ضرورت رهندو ٻه وڏي ويندي آهي. هندستان اندر "سياسي" اطلاح، ڪنهن ٻئي ملڪ سان دوستاڻا ناتا پيدا ڪرڻ يا سفارتي لاڳاپا قائم رکڻ واري ساري ڪارڪرگيءَ جو مفهوم ڏيکاريندو آهي. هن ملڪ ۾ انگريزن جيڪي ٻه جنگيون ڪيون آهن يا لشڪر ڪشي ڪئي آهي سا رڳو اندروني دشمنن کي مات ڪرڻ لاءِ ڪئي آهي ۽ گهڻي رتوڇاڻ ڪانسواءِ ڪئي آهي. يا واري جڏهن سرحدن وارن علائقن ۾ وگوڙي قسم جي ماڻهن امن امان واري وايو منڊل کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اهڙي سياسي مصلحتن کي ڪم آندو ويو آهي. اهڙين جنگي مهمن مان انگريزن جو مقصد اهو هوندو آهي ته جيئن ماٺهو قانوني ضابطن جي پوئواري ڪري ۽ سندس حياتي باقاعدگي ۽ ترتيب سان گذري. اهي ماٺهو جيڪي هندستان جي مختلف حڪمرانن سان يا نيم آزاد قبائلي سردارن سان باهمي تعلقات پيدا ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪندا آهن تن کي سياسي ڪاتي سان لاڳاپيل عملدار سڏيو ويندو آهي. اهڙي ڪاتي جا عملدار ضرورت مطابق فوجي ۽ غير فوجي ڪاتن مان ڪنيا ويندا آهن.

هن ڪاتي جو حڪم اهو هوندو آهي ته جيئن جنگ ڪان هتر ڪجي ۽ دشمن کي بنا ڪنهن هٿيار هلائڻ جي هٿ ڪپڙي ۾سوڙهو ڪجي. جڏهن ٻه

جھيڙي لاءِ فوج رواني ڪئي ويندي آھي تہ ان سان گڏ "پوليٽيڪل" عملدار ضرور ھوندو آھي. پھريون آھي جتي ڪيا ويندا آھن تہ جيڪا شيءِ ننھن سان ڇڄي تنھن لاءِ ڪاتي ڪتب نہ آئي. پر جڏھن پاڻي سرڪان ٽپي ويندو آھي تہ پوءِ جنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪُس ڪنيل ڪونہ ھوندو آھي. انھن سياست جي ڪاتي سان لاڳاپيل عملدارن کي حملہ اور فوج سان گڏ ھلڻ مھل تمام وڏا اختيار ھوندا آھن. پر جيئن تہ اھي پنھنجي فوجي عھدي ۾ گھٽ ھوندا آھن يا ڪنھن وڏ گھرائي مان لياقت بدران سفارش تي ڪنيا ويندا آھن جنھن ڪري گھڻو مشھور ٿي ڪونہ سگھندا آھن. افغانستان خلاف فوجي مھم وقت برطانيہ سرڪار کي ھڪ ذھين سفير جي ضرورت ھئي. ڇاڪاڻ تہ اھڙو شخص گريٽ برٽن جو نمائندو ھوندو آھي ڪيس برطانيہ سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عملي جي پيچيد گين کي چڱيءَ ريت سمجھڻ جو اھل سمجھيو ويندو آھي. ان ڪري ڪيس مددگارن جي گھڻي ضرورت ھوندي ۽ ضرورت مطابق سندس عملو وڌندو رھندو آھي. پر ھندستان جو. سياست سان لاڳاپيل ھيءُ ڪاتو گھڻا ماڻھو رکي ڪونہ سگھندو آھي. تنھن ڪري ھيءُ ڪاتو گھڻا ماڻھو رکي ڪونہ سگھندو آھي. تنھن ڪري ھن ڪاتي ۾ اھي ماڻھو مقرر ڪيا ويندا آھن. پر ھنن فوجين کي وڌيڪ اھميت ان ڪري ڏني ويندي آھي جنھن جو سبب مٿي بيان ڪيو ويو آھي.

جڏھن اھڙي عملدارن جي چونڊ ڪئي ويندي آھي تہ ھيءُ شعبي ۾ پھچڻ کان پوءِ اھي ڪامورا پاڻ کي وڌيڪ بااختيار بہ سمجھندا آھن ڇاڪاڻ تہ سندن پگھارون بہ خاشيون ھونديون آھن ۽ سونيپل نين ذميوارين ڪري ڪين اھم بہ سمجھيو ويندو آھي. حالتن جي خاص حد تائين سندن حثيت کي وڏي اھميت حاصل ھوندي ھئي. ھن قسم جي ڳالھين ۾فوج انڻ لاڳاپيل ذر سمجھي ويندي ھئي. افغانستان جو شاہ انگريزن جو اتحادي ھو. سندس رعيت کي بھترين دوست سمجھيو ويندو ھو. ھن ڪاتي سان لاڳاپيل نوجوان عملدار جيڪي برطانيہ سرڪار طرفان مختلف علائقن تي مقرر ڪيا ويندا ھئا سي اتي جي مقرر ڪيل سفير جا زيردست ھوندا ھئا. اھو معاملو ڪجھہ وقت تائين تہ چڱي نموني ھلندو رھيو. پر جلدئي پوءِ خود انگريز فوج بد نظميءَ جو شڪار ٿي وئي. ضروري قسم جي جنگين لاءِ اھم فيصلا برطانيہ سرڪار جو سفير ڪرڻ لڳو ۽ فوج جي سپھہ سالار سان ڪنھن صلاح مشوري ڪانسواءِ ڪيڏانھن بہ لشڪر موڪلي ڇڏيندو ھو. عام طور تي ڇا ٿيندو ھو جو تجربيڪار فوجي عملدارن سان گڏ سياست واري شعبي سان لاڳاپيل الھڙ ۽ نوجوان عملدار گڏ ھوندا ھئا جن کي جنگ ڪرڻ جو ڪو تجربو ئي ڪونہ ھوندو ھو پر جنگ بہ سندن مشھوري مطابق ڪئي ويندي ھئي. انڻ جاڻ نوجوانن جي غلط سوچ ۽ بي جا مداخلت سبب فوج کي ڪيترين شڪستون

ڪائيٽون پونديون هيون. (۵)

انگريز جيئن افغانستان جي راڄنيتيءَ جي معاملن ۾ وڏيڪ ٽنگ اڙائيندا ويا تيئن وايو منڊل وڌيڪ ڳنڀير ٿيندو ويو. جڏهن حالتون صفا چوٽ تي چڙهي ويون تہ وڏن فوجي عملدارن جي بداخلاقين بہ پنهنجو رنگ ڏيکاريو. ان ماحول جي خرابيءَ ۽ ناڪاميءَ جا ذميوار فوجي عملدار پاڻ هئا. انگريزن جو غير فوجي معاملن ۾ بہ جيڪو زوال آيو تنهن جو ڳيڙ بہ فوجين جي ڳچين ۾ آهي. انگريز، فوجي نقطئہ نگاه کان ڪئي تباه بہ ٿي چڪا هجن ها پر غير فوجي طور تہ سندن عزت ۽ وقار بحال هجي ها پر اهو بہ ڪونہ ٿي سگهيو ۽ موجوده دور ۾ اهڙين غلط ڳالهين کي ورجايو ڪونہ ويندو.

## سنہ ۱۸۴۰ع وارا معامل

ٻئي سال جي چيٽ واري رت تائين وايو منڊل ۾ گهٽي مانار هئي. سياري ۾ روسي حملي بابت جيڪي چوڏس چوبول هئا تن ۾ بہ هاڻي ناپر اچي وئي هئي. تن ڏينهين روس جون فوجون اڳتي وڌي اچي خيوا پيڙيون ٿيون هيون. ان معاملي ۾ برطانيہ سرڪار جي سفير جو خيال هو تہ بخارا ڏانهن ڪي فوجي دستا روانا ڪري دوست محمد جي واٽ لهي سگهجي، جنهن، حالتن کان پڇي وڃي اتي سر لڪايو هو. هن کان علاوه سندس خيال هو تہ روس جي اڳتي وڌندڙ فوج سان مڙس ٿي مهاڏو اٽڪائڻ گهرجي. پر سر جان ڪين ڪيس منهن تي ڪتو جواب ڏنو. ان سمي روس جون فوجون سياري واري رستي سان ايندي سخت برفباريءَ سبب پاٺمرادو ئي ناس ٿي ويون ۽ خيوا تائين بہ پُڄي ڪونہ سگهيون. شاه شجاع ۽ برطانيہ جو سفير بہ موٽي اچي ڪابل پهتا. هن شعر جيان

چيٽ جي رت ۾ جڏهن ٿا گاهہ ڳس، ڳس تي ڦٽن
تا تڏهن خير منجهانران قافلا لڏندا لنگهن

غزني ۾ بہ گلزئي قبيلي وارن بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪايو هو. جنرل بہ پنهنجي سُرت کان ڪم وٺي قلات- گلزئي ۾ اچي ڪيما کوڙيا هئا انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ملڪ جي وڳوڙي وايو منڊل کي سولائيءَ سان ضابطي هيٺ رکي سگهجي.

قنڌارڪان وٺي سنڌوءَ جي ڪنار تائين آمدرفت جوهڪ ڏکهو رستو هو جنهن سان بہ پڻ گڙ ٻڙ پيدا ٿي پئي هئي. نومبر ۱۸۳۹ع ۾ جنرل "ولٽ شاير"هندستان ڏانهن موٽندي وڃي قلات تي حملو ڪيو هو. هتان جي حڪمران

Gul Hayat Institute

انگريزن آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو هو سو پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪندي وڙهندي مارجي ويو هو. هن جي جانشين سنه ١٨٤٠ع ۾ پنهنجا ڪونڌ قطاري اچي ڪوٽيا تي حملو ڪيو. هن کان سواءِ بروچن جي ٻين نياتن بہ انگريزن کي توٽي پٽائي ڏئي هئي. ڇاڪاڻ تہ انهن بہ جنرل ناٽ جي هٿان ڏاڍا ڏنب سٺا هئا. وليعهد تيمور کي افغان سردارن ۽ انگريز سرڪار ڀاران ڪا سٺي موٽ ڪانہ ملي هئي تنهن ڪري هن بہ پنهنجي فوج وٽي قنڌارجي اوسي پاسي واري جوءِ ۾ انگريزن سان مقابلا شروع ڪري ڏنا هئا جن ۾ برطانيہ سرڪار جي فوج گهڻو پاڻ ملهايو هو. ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ شاه شجاع جي غير موجودگيءَ ۾ ماڻهو سائس وفادار هئا. ڇيٽ ۾ دوست محمد بخارا مان نڪري اچي خولم ۾ پهتو هو ۽ اتان ازبيگن جو وڏو لشڪر وٺي باميان طرف وڌڻ شروع ڪيو هئائين. ١٣- پيادل جي برگيڊير ” ڊيني“ مناسب فوج ساڻ ڪري اڳتي وڃي سائس مهاڏو ڏنو. ان زماني ۾ ڪنهن وٽي ڍهڪ ڍاهيا تہ ڪابل پرسان روهہ واري علائقي ۾ ڪن قبائلن، دوست محمد جو پاسو وٺي بغاوتن جي باه ٻاري ڏني آهي. نومبر ۾ برگيڊير فوج وٺي اوڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي ڪيس پتو پيو اهي افواه ڪونہ هئا. دوست محمد پنهنجي سر پاڻ منجهن موجود هو ۽ هڪ ننڍڙيءَ پناه گاه ۾ وڃي پاڻ لڪايو هئائين. پر ونده جي محاذ تي حالتون مونجهاري جو شڪار ٿي ويون هيون جتي ٢- بنگال نيم مسلح گهوڙيسوارن پنهنجي فتح سمجهي بي وقتو حملو ڪيو هو ۽ پنهنجي اعليٰ عملدارن جي حڪم عدولي ڪندي پنهنجا ڪميت ڪڏائي پناڻ تلوار بازن جي وچ ميڙي ۾ اکيون ٻوٽي ڪاهي پيا هئا. اهو جنگي محاذ گهٽيءَ جوءِ ۾ پکڙيل هو. قبائلين جو انگ بہ تمام گهڻو هو. حالتون ڳنڀير هيون. اليگزينڊر برنس برگيڊير سيل سان محاذ تي گڏ هو. هن حالتن جي نزاڪت مان اندازو لڳائي، برطانيہ سرڪار، سفير کي فوج کي واپس گهرائڻ جو مشورو ڏنو ۽ کيس اهو بہ ڄيائين تہ ساري لشڪر کي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ جو حڪم صادر ڪيو وڃي. ان دوران خوشقسمتيءَ سان هڪ اهم واقعو ٿي ويو. قصو هيئن آهي تہ سر وليم مئڪ ناٽن، گهوڙي تي سوار ٿي ڪابل کان ٻاهر نڪري ڪيڏانهن وڃي رهيو هو جو هڪ اڪيلي گهوڙيسوار اچي سائس ملاقات ڪئي ۽ کيس ٻڌايائين تہ دوست محمد پيش پوڻ لاءِ اچي رهيو آهي ۽ واقعي اها حقيقت هئي. هو هيڏانهن هوڏانهن ڊمائون کائي ٿڪجي پيو هو. اهڙو ٿڪ سندس منهن ۾ بہ بکي رهيو هو. پناڻ پنهنجي اصلي طبيعت مطابق ڪڏهن هِن پاسي ۽ ڪڏهن هُن پاسي هئا جيڪي بي انتها خود غرض ۽ لالچي هئا.

هن ائين ڪري هڪ حقيقت ڏانهن اشارو بہ ڪيو هو ۽ اها حقيقت ڪڏهن انگريزن جي دلين ۾ ٻڙاڏو ڪري ٻُرندي بہ هئي. اها حقيقت هيءَ هئي تہ

Gul Hayat Institute

افغانستان جي ماڻهن جون دلي همدرديون شاه شجاع بدران هن سان هيون. انگريزن طرفان سندس گهڻو آدرڀاءُ ڪيو ويو ۽ عزت ۽ احترام سان هندستان نيڻ واسطي سر ولوبي ڪاٽن کي سائس گڏ روانو ڪيو ويو. دوست محمد پنهنجي ملڪ مان نڪري برطانيه سرڪار جو معزز مهمان طور هندستان وڃي رهيو هو.

برطانيه سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عملي ڪامياب ٿيڻ ۾ هائي ڪابه روڪ رنڊڪ موجود ڪانه هئي ۽ سر وليم مئڪ ناٽن جا پوءَ پولا به پڄي پيا هئا ۽ سڀ ڪجهه انگريزن جي مرضيءَ مطابق ٿي رهيو هو. ١٨٤٠ع وارو سال سنائيءَ ۽ سولائي سان گذري ويو. شاه شجاع به برطانيه سرڪار جي سفير سان گڏجي افغانستان جي سياري گذارڻ لاءِ جلال آباد جي هيٺاهين پٽن ڏانهن نڪري ويو هو.

ان زماني ۾ برطانيه جي سفير ڪان اهڙي هڪ ڀُل ٿي وئي جنهن جو ازالو ڪرڻ مشڪل آهي. هن فوجي صلاح مشوري ڏانهن ڪن لاتار ڪري اِهو حڪم صادر ڪيو ته لشڪر، بالا حصار قلعو ڇڏي ڪابل کان پري پنهنجي الڳ ڇانوڻيءَ ۾ رهي. اهو ماڳ پٺاڻ نوابن جي باغن جي وچ تي ۽ ان ٿاڪ وٽ هو جتي ڪن مشهور بزرگن جا قديم مقبرا تمام گهڻا هئا. ان قسم جي ماڳ کي دهليءَ يا حيدرآباد دکن ويجهو ڇانوڻين جهڙي جُوءِ سمجهيو ويو هو ۽ انگريز به اتي اهڙي آزاد نموني واري زندگي گذاري رهيا هئا جڻ افغانستان بدران هندستان ۾ هجن. ڪين اها ڳالهه ذهن ۾ ڪانه هئي ته هتان جا ماڻهو هن قسم جي ڇانوڻين کان نفرت ڪندا آهن. سفير "ليڊي مئڪ ناٽن" کي به گهرائي هندستاني نموني تي ٺهيل بنگلي ۾رهايو ۽ اتي ويهي هي معزز عورت پئي سخاوتون ڪندي هئي. هندستان جا انگريزي عملدار، فوجي ۽ ليڊي مئڪ ناٽن پنهنجن ڪٽنبن ڏانهن سوکڙيون پاکڙيون پيا موڪليندا هئا. تن ڏينهن پنجاب، برطانيه سرڪار جي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪونه هو ۽ ساري هندستان ۾ ريل جو هڪ ميل به وڇايل ڪونه هو. خيبر جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن به امن امان بگاڙي ڇڏيو هو.

هن کان علاوه پنجاب جو شير دل مڙس به وفات ڪري ويو هو جنهن کي ٻارنهن مهينا گذري ويا هئا. ان ڪري پنجاب جي راڄڌاني لاهور ۾ وڳوڙي وايو منڊل هو ۽ ڪابل ۾ رهيل انگريز فوج حالتن مطابق قدم کڻي رهي هئي.

Gul Hayat Institute

انچ انچ ڪان بہ واقف هئا. ٣٥ ۽ ٢٧ برگيڊ ڪي سنڌن ڪمانڊر سميت موڪل تي روانو ڪيو ويو هو. ١٣- پيادل جي جاءِ تي ٤٤- پيادل اچي پهتي هئي. هندستاني فوجين سان سنڌن رويو نفرت جوڳو هو. موٽ ۾ هندستاني فوجي سنڌن اهڙي رويي سبب ڪانئن نفرت ڪندا هئا. نازڪ موقعن تي اهڙي قسم جو نفاق ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي.

ان زماني ۾ جنرل سيل واري برگيڊ موٽي پنجاب وڃڻي هئي. تنهن ڪري گلزئي قبيلن کي سيکت ملڻ ۽ اڪتوبر جي پڇاڙي ڌارن ان برگيڊ سفر شروع ڪيو. سخت جنگ ڪان پوءِ هي فوج مس وڃي گنڊا ماڪ پهتي. جنهن ۾ ڪيترا انگريز فوجي مارجي ويا ۽ سنڌن سامان سڙو بہ دشمن جي هٿ لڳي ويو. خود جنرل پاڻ بہ گهائجي پيو هو. گلزئي قبيلن کي سيکت ڏيڻ بدران پاڻ سبق سکي ويا. باقي هڪ جاءِ تي الائي ڪيئن فتح حاصل ڪئي هئائون. وهڻ جي ڏس ۾ بہ ڪين گهٽو نقصان رسيو هو. تنهن ڪري جنرل سيل ٿوريون توبون سائڪري ٣٥- پيادل کي جڏي اڪيلو وٺي ڪڙين تي زور رکيائين. گنداماڪ جي ماڳ وٽ شاه شجاع جا گهوڙيسوار دستا موجود هئا جن جو سپهہ سالار هڪ انگريز عملدار هو. جڏهن هن گهوڙيسوار دستن مخالفن جي سوڀ ڏٺي تہ پاڻ بہ ڀڄي وڃي سنڌن پاسو ورتائون.

Gul Hayat Institute

# باب ٽيون

## آنڌاري ڳهڻ کان پوءِ


ڪابل ۾ قتل عام
جلال آباد ۽ غزني
قنڌار
انتظام ونندڙ فوجون
ڪابل واري آخري ويڙهه
ڪمانڊر- ان- چيف جو تبصرو
دوست محمد جي ڪابل ڏانهن واپسي


## ڪابل ۾ قتل عام

ڪابل جو وايو منڊل گهڻو وِڳوڙي ٿي چڪو هو. برطانيه جي سفير ڪي، جنرل سيل کي گهرائڻ واسطي اهڙو پيغام موڪلڻو پيو. پر ليڊي سيل جي لکيل ڊائري موجب آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ طاقت ۾ مانار هئي. سندس ڊائريءَ جي لکت ٻڌائي ٿي ته هوءَ ڪابل واري بنگلي ڇڏيندي اداس ٿي وئي هئي جنهن ۾ اندر گلن جو باغيچو ۽ سبزين ترڪارين جي هڪ ننڍڙي واڙي هئي جنهن کي سندس پٽاڻ ساهيڙيون گهڻو ساراهينديون هيون.

تاريخ ٢ - نومبر تي اوچتو ئي بغاوت جي آنڌاري ايڙي آئي. بنا ڪنهن اڳواٽ ٻڌائڻ جي برنس جي گهر کي گهيرو ڪري ويا. سائنس گڏجيڪي به ماڻهو موجود هئا تن کي وڏي گجرن مورين جيان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. پهريدارن جو ٽولو جيڪو برنس ۽ اتي رکيل سرڪاري خزاني مٿان پهريدار مقرر هو تن مان ڪو وانگي به جيئرو ڪونه ڇڏيائون. هن ڪوس جو ڪهڻو اثر وڌن سرڪاري

Gul Hayat Institute

عملداري تي گهڻو پيو.

هائي سفير جي حثيت غير اهم ٿي وئي هئي جيڪا اڳئين ڏسجي رهي هئي. ماڻهو بہ هوريان هوريان شاه شجاع جي فوج مان نڪرندا ٿا وڃن، جوڦي جهڪائي پانڌيائي پير جي. نہ چڏڻ وارن کي حملا ڪري قتل ٿي ڪيو ويو. برطانيہ سرڪار طرفان مقرر ڪيل ڪابل واري برگيڊ بہ هيان هاري مايوس وينِي هئي. چاريڪار ۾ گورکا فوج موجود هئي جن جو واسطو شاه شجاع سان هو.انهن مان پانجهر ڪونہ بچيو. جن لاءِ جيترو اوسيس ڪجي ٿورو آهي. هن واقعي جي جهوري ڪان مٿڪ ناٿن جڻ جهجي ۽ پڇي پُري پيو هو.

ٿورو گهڻو ڪارناموں انگريز فوجين ڪري ڏيکاريو. برگيڊير شيلٽن پنهنجي ۴۴- پيادل سان بالا حصار ڏانهن وڌيو. شاه شجاع بہ پنهنجا فوجي "ڪيمبيل" جي مهنداري هيٺ سندس واهر لاءِ روانا ڪيا. هن بنا ڪنهن سوچ ويچار جي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا ناڪام رهي. مجبور ٿي ڪيمبيل کي واپس ٿيڻو پيو. سيل ۳۵- پيادل کي لَڪن جي نظرداريءَ لاءِ مقرر ڪيو هو. وڳوڙي حالتن کي منهن ڏيڻ واسطي انهن فوجين کي پوئتي گهرائي ورتو ويو ۽ اهي فوجي ضابطن مطابق مقرر قطارن جي شڪل ۾ واپس اچڻ لڳا هئا. ان زماني ۾ فوج جي وڏن عملدارن ۾ بہ ڦيٽارو پئجي ويو هو. ڪنهن بہ هڪ ڳالهہ تي متفق راءِ ڪونہ ٿي ڏنا. سندن سپاهَ ۾ڪاوڙ ۽ ڪروڌ پريل هو. هن گنڀير وايو منڊل ۾ هن جنگ سان لاڳاپيل فوجي مجلس شورا بنائي وئي جيڪا پنهنجي نقطئہ نظر ۾ واضح ڪونہ هئي. هن کان اڳ برطانيہ جي ڪمانڊر کي جنگي مجلس شورا ٺاهڻ جي ضرورت پيش ڪونہ آئي هئي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ افغانستان ۾ ڏارين لاءِ نفرت ڏينهون ڏينهن ڪوڙيءَ ول جيان وڌي رهي هئي.

لارڊڪ آڪلنڊ جي اختيار ڪيل غلط حڪمت عملي، سفير جو بيهودو طريقئہ ڪار ۽ جنرل ايلفن اسٽون جي،حالتن کي ضابطي هيٺ رکڻ جي ڏس ۾ نااهلي،فوج ۾ نظم ۽ ضبط جي کوٽ، بلڪ عدم موجودگي، وڏن فوجي عملدارن جي چڙ واڳي، اهي اهڙيون ڳالهيون هيون جن ڪري خراب حالتون وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳيون هيون. غلط طريقا اختيارڪري هڪ بهادر فوج کي ڀڄيءُ ۾ ڏئي بزدل بڻائڻ ڏاڍو سولو ڪم آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ لارڊ آڪلنڊ جي عملي جي اهل ۽ ڪم لائق ماڻهن کي ڪم ڏسجي ٿو. ان زماني ۾ بہ انتظاميہ کي هڪ وبائي روڳ لڳو هو. ڳاڙهين قمصن وارا هزارين ماڻهو هندستاني فوج جي سامهون بغاوت جا نعرا هڻندا ٿي رهيا. هڪ بزدل ماڻهوءَ جي اڳوائي، برطانيہ سرڪار کي گهڻو ڇيهو رسائي سگهي ٿي.

ايلفن اسٽون جي مهنداري هيٺ گهڻي ۽ نهايت بهادر فوج ڪم ڪري

Gul Hayat Institute

اڪبر خان، شاه شجاع انگريز دشمن پٺاڻن جو اڳواڻ هو. سفير هڪ بهادر انسان هو پرهو هن وقت حوصلا هاري چڪوهو. هو پاڻ سان ڪجهه ماڻهو گڏي ٢٣ ڊسمبر تي دربار ۾ وڃي حاضر ٿيو هو. هن اهڙين اجاين ڳالهين ۾ پٺ رَتِ جا پورا ٽي هفتا وڃائي ڇڏيا هئا. انهن ڳالهين جو نتيجو اهو ٿيو جو آخر کيس به قتل ڪيو ويو. سندس ٻانهن ٻيلي عملدارن کي قيد ڪري ڇڏيائون. اهو سڀ ڪجهه اڪبر خان جي اشاري سان ٿي رهيو هو. امڪان آهي ته اهو قتل اوچتي اپار، ڀهرائي ۽ ڪاوڙ ڪري ٿيو هجي. اصلي ڳالهه کين جهلي قيد ڪرڻ جي هئي. پر جهيڙو وڌي ويو. بد قسمت سفير اڪبر خان جي ٻانهن ڪان جهلي ڪيس ٻاڌائي رهيو هو "سائين خداجي واسطي" ۽ اهي سندس آخري لفظ هئا " ٽريوور" به سائس گڏ هو جنهن کي به پڻ قتل ڪيو ويو. باقي لارينس ۽ ميڪنزي کي گرفتار ڪيو ويو هو.

سفير جي قتل ٿيڻ ڪان پوءِ انگريزن آڻ مڃي. ان ڪانپوءِ هڪ ناه عمل ۾ آيو جنهن ۾ انگريزي فوج کي لڪن مان لنگهڻ جي ضمانت ڏئي وئي هئي. پر ان ڪان اڳ سخت برفباري شروع ٿي چڪي هئي جنهن هندستاني فوج کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو. ان جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته سائن گهڻو سامان هو جنهن کي ڇڏڻ لاءِ هو تيار ڪونه هئا. جيستائين ان سامان کي کڻڻ جو بندوبست نه ٿيو تيستائين هو اتي ويٺا رهيا. تاريخ ٦ جنوري تي اهو فوجي قافلو روانو ٿيو. فوجي ڇانوڻيون برف ڪان محفوظ (٢) هيون. هنن سخت برفباريءَ دوران سفر شروع ڪيو هو. هن فوجي قافلي ۾ ۴۵۰۰ ماڻهو هئا جن مان ٦٩٠ يورپي ٢٨۴٠ ماڻهو هندستاني پيادل ۽ باقي ٻيا ٩٧٠ گهوڙيسوار هئا. گهوڙن جي مدد سان هلندڙ ڇهن ۽ جبل ۽ ڪم ايندڙ ٽن توبن ڪان سواءِ ٻيون سڀ توبون اتي ڇڏيون ويون هيون. جنرل ايلفن اسٽون، ناٿ ۽ سيل ڏانهن جاين خالي ڪرڻ جو پيغام روانو ڪيو هو. پر هنن سندس اهڙي حڪم مڃڻ ڪان ڪليو انڪار ڪيو هو. هڪ ته واپسيءَ واري فوج جي حالت خراب هئي. ٻيو ته لڪن وارا رستا ڏکيا ۽ اڻاڳا هئا. مصيبتن جي ماريل فوج جي ٻڇڙي حالت ڏسڻ جهڙي ڪانه هئي. سندن سورن جي ڳالهه ڪيتري ڪجي ۽ ڪهڙي ڪجي جن کي پنهنجي فوجي ڪماندرن ڏکن ۽ ڏولاون سهڻ لاءِ هن سنج ۾ اڪيلي ڇڏيو هو. اڪبرخان انگريزن جي فوج جو سک سلامتي سان لڪن لنگهي وڃڻ جو واعدو ضرور ڪيو هو. انگريز واعدي پاڙڻ لاءِ کيس مجبور ته ڪري ڪونه پئي سگهيا. جيڪڏهن هو سندن سفر جي سٺائيءَ لاءِ ڪجهه بندوبست ڪري ها ته هن لاءِ ممڪن ۽ سولو هو. هڪ طرف اتر جي اوڪ ٻئي پاسي سخت برفباري، ٽئين طرف ڏونگر جا ڏکيا ڏاڪا ۽ چاڙهاڪا. هزارين فوجي لڪن مان لنگهندي برف ۾ ڳڱانجي مري ويا. ڪن عملدارن ۽ سندن گهر وارين ٻچي وڃي دوست پٺاڻ قبيلن ۾ سر بچاءُ ڪيو. ڪي وري دشمن افغان قبيلن جي ور چڙهي ويا پر پوءِ به کين

برف ۽ تلوار جي موت کان تحفظ ملي ويو. فوج جو وڏو حصو راهه هنندي مري ويو. ڪجهه وري توبخاني سان لاڳاپيل فوجي عملدار "جگدال لڪ" Jagdal lak وٽان لنگهندي تہ سيڪاٽي ڇڏيا هيا. سگهارن فوجين جاڪي تولا جلال آباد ڏانهن وڌڻ لڳا جن کي پٺاڻن دغا سان قتل ڪري ڇڏيو. انهن مان رڳو "بريڊن" نالي هڪ ڊاڪٽر بچيو جيڪو ٿڪل ڏٻري گهوڙي کي سٽيندو ڪٽيندو مس وڃي جلال آباد پهتو هو.

هيءَ هڪ ڪڙي حقيقت آهي تہ برطانيہ سرڪار جي ۴۵۰۰ جوانن تي مشتمل فوج، جنرل جئنويئر جي بانڌي بڌڻ سان قبائل پٺاڻن ماري فنا ڪري ڇڏي. ليڊي سيل تن ڏينهن ڪابل ۾ موجود هئي تنهن پنهنجي مڙس ڏانهن لکيل خط ۾ کي حقيقتون ظاهر ڪيون آهن. هن برطانيہ جي سفير تي گهڻا چوهه ڇنڊيا آهن جنهن کي بعد ۾ پٺاڻن نِگهو (قتل) ڪري ڇڏيو هو. سندس خيال هو تہ هيءَ ساري تباهي فوج جي وڏن عملدارن جي بي وقوفيءَ ڪري ٿي آهي ۽ اهڙي غلط سوچ ڪري ائين اوس بہ ٿيڻو هوجنهن ۾ ٻين نقصانن سان گڏ ساري فوج کي هٿ سان وٺي موت جي ٻَهي ۾ ڏيڻو پيو.

ڪابل مان رواني ٿيندڙ ايلفن استون جي برگيڊ ۾ هيٺ ڏنل فوجي دستا شامل هئا.

| | |
|---|---|
| (۱) ا بنگال هارس آرٽيلري . | ۹۰مائهو . |
| (۲) ايچ- ۾. ۴۴- بنگال هارس آرٽيلري | ۶۰۰ |
| (۳) ۵- بنگال نيم مسلح گهوڙيسوار دستا ( بہ اسڪئاڊرن) | ۲۶۰ |
| (۴) ۵- ڏيهي پيادل | ۷۰۰ |
| (۵) ۳۷- ڏيهي پيادل | ۶۰۰ |
| (۶) ۵۴- = = | ۶۵۰ |
| (۷) ۵- شاه اريگيولر | ۵۰۰ مائهو |
| (۸) ٻي اريگيولر | ۲۱۰ |
| (۹) شاه جي پيادل | ۸۷۰ |
| (۱۰) قلعن کي ڪاٽ هڻڻ وارا | ۲۰ |
| ڪل | ۴۵۰۰ |

هن فوج سان گڏ ٻيا فوجي عملدار سندن گهر واريون ٻار ٻچا سان هئا. جن جو انگ ۱۵۰۰ کان وڌ هو. مائهن جو هي هڪ وڏو قافلو هو جن کي ضابطي ۾ رکڻ ۾مناسب بندوبست ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هن قسم جا مائهو فوجين مٿان هڪ وڏو بار هئا.

Gul Hayat Institute

چڏيو هو. مٿان پٺاڻن کين قتل ڪري لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا. وڏن فوجي عملدارن کي جنگي باندي بڻايو ويو جن مان هڪ نوجوان آفيسر نڪولسن به هو. پامير مٿان خزاني ڏسڻ لاءِ تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو هو. قلات- گلزئي نالي واري فوج ڪرنگي ماتحت هئي جن پٺاڻن جو سخت مقابلو ڪيو. پر ان وقت ناٽ ڏانهن پيغام پهتو ته پنهنجو لشڪر وٺي سنڌ اچي. ان ڪان پوءِ فوج (٦) اتان نڪري اچي قنڌار پهتي.

## قنڌار

قنڌار ۾ ناٽ پنهنجي بچاءَ ۽ دشمن سان مقابلي جو جوڳو بندوبست ڪيو هو. پر جنرل انگلنڊ ڪوئيٽا ڪان رسد جي روانگي جو ڪو خاص بندوبست ڪونه رکيو هو. جنرل ناٽ جي اٽل ارادن ۽ بلند حوصلن ڪري قنڌار جي چوڌاري گڏ ٿيل مخالف پٺاڻ سردار بلڪل بي وس ٿي چڪا هئا. شاه شجاع جون فوجون به هن علائقي ۾ پهچي چڪيون هيون، تنهنڪري هو تمام گهڻو مضبوط ٿي چڪو هو. جيڪڏهن گورنر جنرل ڪهڙي به حڪمت عملي تيار ڪري ڪيس ڏئي ها ته هو ان کي ڪامياب ڪرڻ جو اهل هو.

## پٺاڻن ڪان پلاند ڪرڻ وارو لشڪر

سنه ١٨٤٢ع جي اڱيارڙيءَ ۾ لارڊ آڪلنڊ جي جاءِ تي لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل مقرر ٿي آيو هو. ان ڪري انگريزن جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ ۾ گهڻي سگهه اچي وئي هئي. هن منجهيل وايو منڊل ۾ لارڊ آڪلنڊ هر شيءِ ۽ هر ماڻهوءَ کي اڪيون بوٽي الله جي آسري تي ڇڏي ڏنو هو. بنگال جو ڪمانڊر. ان- چيف " جنرل جاسپر نڪولس" هڪ ڏاهو فوجي عملدار هو. ڪيس جابلو علائقن ۾ جنگ ڪرڻ جو گهڻو تجربو هو جيڪو پنهنجي نقطئہ نگاه ڪان هڪ اهم ماڻهو هو. لارڊ آڪلنڊ برگيڊير وائيلڊ کي بنگال جون چار پيادل بٽالنون پشاور ۾ آڻي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. سندس اهو به حڪم هو ته برگيڊير هڪ ڪاسڪل" ماتحت ڪي يورپي يونٽ به ان جاءِ تي موجود رهڻ گهرجن. تن ڏينهن برطانيه سرڪار

Gul Hayat Institute

٦۴- بنگال = =
٣- لائيٽ ڊرئگون
١- نيم مسلح گهوڙيسوار
١٠- نيم مسلح گهوڙيسوار
هي ٻئي گهوڙيسوار دستا ٻن ڊويزنن تي مشتمل هئا.

هن وقت تائين جنرل پولاڪ کي اهڙيون هدايتون ڪونه مليون هيون تہ برطانيہ سرڪار پنهنجي ڪَرَ تي جيڪو شڪستن جو ڪچو رايو هو اهو ڪهڙي طريقي سان ڌوئي پنهنجو دامن صاف ڪري. انگريزن کي پنهنجي سنگينن جي سگهہ سان پنهنجي ڌيل ۽ ڌيا کي مچائڻو هو. ڪابل وارين فوجن جو جيڪو قتل عام ڪيو ويو. تنهن جو بہ پلاند چڪائڻو هو. پٺاڻن جيڪي قسم کڻي پڪا واعدا ڪيا ۽ پوءِ دوڪا ۽ دولاب ڪيا هئا تن جو ڪين سبق سيکارڻو هو. ڪائن جنگي باندي بہ ڇڏائڻا هئا. فوجي عملدارن ۽ سپاهين جون جيڪي گهرواريون وٺن قيد هيون تن کي بہ آجو ڪرائڻو هو جن ۾ ليڊي مؤڪ ناٽن ۽ ليڊي سيل بہ هئي.

اپريل جي ۵- تاريخ تي جنرل پولاڪ پنهنجون فوجون وٺي خيبر ڏانهن روانو ٿيو ۽ لڪ لنگهڻ مهل پٺاڻن سندس ڏهہ بہ ڪانہ جهلي. آرام سان پيش قدمي ڪندو وڃي جلال آباد پهتو. رستي ۾ ڪنهن بہ پٺاڻ سردار ۾ مٿس حملي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانہ ٿي هئي. ڪيس اتي وڃي معلوم ٿيو تہ جلال آباد ۾ ترسيل انگريزي فوج سندس پهچڻ کان اڳ پٺاڻن کي زبردست شڪستون ڏنيون هيون جن موٽي جلال آباد ڏانهن منهن ئي ڪونہ ڪيو هو. ان ڪري ڪابي جي هر چيز وٺن پهچڻ شروع ٿي وئي هئي. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ۽ حقيقت بہ ائين آهي تہ جيڪڏهن سيل سياري گذارڻ لاءِ تڪڙ ۾ جلال آباد وڃڻ بدران گنداماڪ ۾ ڪپ ڪوڙي مڙسيءَ سان ويهي رهي ها تہ نہ رڳو انگريزن جي بيٺل ساک وري بہ بحال ٿي وڃي ها پر جنرل ايلفن اسٽون جي ساري فوج بہ ناس ٿيڻ کان بہ بچي وڃي ها.

"سيل" جي مهنداري هيٺ وڙهندڙ فوج نهايت مضبوط هئي جيڪا ڪٿي بہ، ڪهڙي مهل بہ دشمن کي مهاڏي ڏيڻ لائق هئي. پر شرط اهو تہ سندس لشڪر کي گهربل شيون ۽ (٧) باروت جي رسد جاري هجي.

نئين گورنر جنرل، هڪ نئون پڌر نامو جاري ڪيو هو جنهن ۾ هن صاحب وڏي هام هنئين هئي. پر سندس ڪم ۾ ايتري ڦڙ تائي ڪانہ هئي جيترو جوش سندس لفظن ۾ هو. نظر ائين اچي رهيو هو تہ برطانيہ سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي عملي جا مون ڊڪائڻ ايڏو سولو ڪونہ هو. شاهہ شجاع اڃا بہ ڪابل جي تخت تي موجود هو. سندس ڏنل بيانن مان وسهجي رهيو هو تہ

Gul Hayat Institute

سنڌس عقل کانئس الوداع ڪري ويو آهي. سنڌس چوڻ هو تہ انگريزن جي تباهي انهيءَ ڪري ٿي هئي جو هنن سنڌس چوڻ تي عمل ڪونہ ڪيو هو. ڪنهن جوان وجهہ وٺي ڪيس ان ڏينهن قتل ڪري ڇڏيو. جنهن ڏينهن جنرل پولاڪ خيبرلڪ مان لشڪر سان گڏ لنگهڻ شروع ڪيو هو.

هي جنرل جڏهن جلال آباد پهتو تہ ڪيس مٿان هدايتون ملڻ بند ٿي ويون تہ هن کي ڇا ڪرڻ ۽ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي گورنر جنرل، هن ۽ ناٽ، ان سان گڏ لاهور ۾ رهندڙ انگريز نمائندي مسٽر ڪلرڪ ڏانهن خط لکي سنڌس خاص حثيت کي واضع ڪيو هو ۽ برطانيہ سرڪار جي حڪمت عملي بہ کين سمجهائي هئائين. پر انهن ڏانهن ڪي واضح حڪم ڪونہ موڪليا ويا هئا.

قنڌار ۾ رهندڙ جنرل ناٽ کي اطلاع ڏنو ويو هو تہ ڪوئٽيا علائقي واري جنرل انگلنڊ جي هٿ هيٺ رهندڙ فوج سنڌس ڪمانڊ ۾ ڏني وئي آهي. هن کان علاوه رسد واري ڪاتي سان لاڳاپيل مائهن کي رسد جي سامان گڏ ڪري، هن ڏانهن جلد موڪلڻ جو حڪم ڪيل هو.

٦- جنوري ١٨٤٢ع تي گورنر جنرل جنگي مجلس شورا کان هڪ اهڙي ڳالهہ بہ منظور ڪرائي ورتي هئي. جيڪا جيڪڏهن هن کان اڳ ٿي وڃي ها تہ هزارن فوجين جون حياتيون بچي پون ها. اها اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ سياست جي ڪاتي سان لاڳاپيل نوجوان عملدارن کي فوجي ڪماندرن جي ماتحت رکيو ويو هو.

جنرل پولاڪ اونهاري جي ڇتيءَ گرمي دوران پنجاب وڃڻ کان لهرائي رهيو هو. سنڌس مرضي هئي تہ سياري تائين هو جلال آباد ۾ رهي. پر ان وقت تائين انگريز حڪمت عمليءَ بابت ڪي واضح حڪم اڃا بہ جاري ڪونہ ٿيا هئا. ٤- جولاءِ تي لارڊ ايلنبرو ناٽ ڏانهن لکيو هو تہ هو بہ ڪابل وسيلي افغانستان ڇڏي هندستان هليو اچي پر اچي ضرور. جنرل پولاڪ ڏانهن بہ اهڙو حڪم پهتو هو تہ هندستان ڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ ناٽ جي مدد ڪري. حڪم اهڙو هو جيڪو فوجين لاءِ سَنَدَ هو ۽ جنهن جي آڌار تي هو پاڻ ۾ رابطو بہ قائم ڪري پئي سگهيا. ان حڪم جي پوئواري لاءِ "ناٽ" کي ڪابل پهچڻو هو ۽ پولاڪ کي بہ اتي پهچي هندستان اچڻ لاءِ سنڌس واهر ڪرڻي هئي. ويچارن جنگي باندين لاءِ ڪو واضح حڪم ڪونہ پهتو هو. پر پوءِ بہ هنن جي مرضي هئي تہ سنڌن آجپي لاءِ هو ضرور هٿ پير هلائيندو پوءِ ڪتائي سنڌن ڀاڳ.

گورنر جنرل جو. ٤- جولاءِ وارو ڪليل خط ناٽ کي ٢٠- جولاءِ تي پهتو هو. جنهن ۾ ڪيس ڪابل رستي افغانستان ڇڏي هندستان اچڻ جو حڪم ڪيل هو. ٧ آگسٽ تي پنهنجي ۽ جنرل انگلنڊ واري فوج سان گڏ قلعي ٻاهران فوجي واند هنئي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو سولائيءَ سان سنڌوءَ ڏانهن وڌي سگهي. انهيءَ ڪري هو بہ ڏينهن اتي رهيو پيو هو.

Gul Hayat Institute

۹- آگسٽ تي هو ڪابل روانو ٿيو. هن سان گڏ ۴۰- فوٽ، ۴۱ فوٽ پنهنجون فوجي بٽالنون هيون. جنرل انگلنڊ سان، بامبي آرمي، شاهه شجاع جون ٽي ريجمينٽون. بامبي انفنٽري، شاهه شجاع جو توبخانو، بامبي هارس آرٽيلري گڏ هئي. شهزادي تيمور جهڙو هڪ بيڪار مائهو هن سان گڏ ڏنو ويو هو. قنڌار جي حڪومت سنڌس ننڍي ڀاءُ صفدر جنگ جي حوالي ڪئي وئي هو جيڪو افغان سردارن وٽ وڏيڪ قابل قبول هو. ۳۰- آگسٽ تي گوهاني جي ماڳ وٽ گلزئي قبيلي جي مائهن کي زبردست شڪست آئي هئي. ان واقعي کان جلد ئي پوءِ غزني خالي ٿي چڪي هئي. ۱۷- سيپٽمبر تي ناٽ پنهنجي لشڪر سميت اچي ڪابل واري جوءِ ۾ پهتو ۽ ڏنائين ته بالا حصار جي قلعي تي يونين جئڪ جو جهنڊو جهولي رهيو هو. جنرل پولاڪ هن کان ٻه ڏينهن اڳ سفر تي اسهيو هو. سنڌس فوج پٺاڻن کي سخت شڪست ڏني. خاص طورتي گلزين کي اهڙي ته سيڪت ڏنائين جو ڪين جٽيءَ جو ڪير ياد اچي ويو. انهن سان هلڪيون سلڪيون جهڙپون جلال آباد کان ٻاهران، ۲۰ آگسٽ کان ئي شروع ٿي ويون هيون.

ناٽ پٺاڻن کي شڪست ته ڏني هئي پر پوءِ به وياڪل ۽ نراس نراس پئي لڳو. جنرل پولاڪ ڪيس باميان ڏانهن هڪ برگيڊ فوج رواني ڪرڻ لاءِ چيو هو انهيءَ لاءِ ته جيئن سر رچمنڊ شيڪسپيئر جي واهر ڪري سگهجي جيڪو قزلباشن جا ۶۰۰ گهوڙيسوار وٺي جنگي باندين کي آجي ڪرڻ لاءِ اوڏانهن ويو هو. پٺاڻ انگريزن جي مهم کي ڏسي ڏڄي ويا چڻ ڪڪڙ تي ميڻهن. ۽ جنگي باندين کي پاڻمرادو آجو ڪري ڇڏيو هئائون. انهن جنگي باندين مٿان هڪ اهڙو فوجي عملدار مقرر ڪيو ويو هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ شاهه شجاع جي هڪ ريجيمينٽ ۾ صوبيدار جي عهدي تي رهي چڪو هو. ڪيس انعام اڪرام ۽ پينشن وٺڻ جي لالچ هئي تنهن ڪري هن وجهه وٺي مٿي ڄاڻايل قيدين کي آجو ڪري ڇڏيو هو. انهن فوجين ڇا ڪيو جو هن قلعي تي يونين جئڪ جو ڦريرو ڪٽي ڦڙڪايو. هينري پاٽجر به اتي موجود هو جيڪو سياسي کاتي جو تجربيڪار اهلڪار هو. سنڌس ڪوشش هئي ته اوسي پاسي جا پٺاڻ سردار انگريزن جي آڻ مڃن ۽ فرمانبرداري قبول ڪن. انهن ڏينهن ۾ پٺاڻن مٿان انگريزن جو هائو ويٺل هو ايئن پئي چرڪيا جيئن ڪانوڪمان کان. تنهن ڪري کين ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ وارو طريقو نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. ان کان سُتت ئي پوءِ خاميون خبرون اچڻ لڳيون ته سر رچمنڊ شيڪسپيئر ويجهو اچي پهتو آهي. سائس صالح محمد خان جا ۲۵۰ بندوقباز به گڏ هئا. اهي تِڪا تِڪا باميان مان نڪري هندو ڪش مان اڪري اڳتي وڌي رهيا هئا جو کين "سيل" وارو فوجي برگيڊ مليو جيڪو هنن جي آهر ۽ واهر لاءِ هنن ڏانهن وڃي رهيو هو. پاڻ ۾ اوچتو ملي ڏاڍو خوش ٿيا. ان زماني تائين ويچارو جنرل ايلفن

وارن سردارن جا غلام ٿي چڪا هئا. (٩) ٿوري وقت ڪانپوءِ يورپين جا ڪي بار به هٿ لڳا هئا جيڪي جنگ ۾ پنهنجي مائٽن کان وڇڙي ويا هئا ۽ پناٽن ڪين پالي وڏو ڪيو هو.

پر انهن کي وٺي اچڻ واسطي موڪليل مائٽهن سان گڏ ڪو طبي عملو روانو ڪرڻ به ضروري هو. ان سفر دوران ڪين همدرديءَ ۽ مهربانيءَ جاڪيترا مثال نظر آيا. افغانستان جي ڪيترن علائقن جي ماڻهن ۾ اهو احساس به ڏٺو ويو ته انگريزن هن ملڪ جي پنهي لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون هيون.

عام ماڻهوءَ جي سزا واسطي هي فيصلي ڪيو ويو هو ته ڪابل بازار واري چهر چوڪ کي ڊاهي تباهه ڪري ڇڏجي ڇاڪاڻ جو سروليم ميڪ ناٽن جي ويڍيل ڳتيرا ٽيل جسم کي سندس توهين ڪرڻ جي نقطئه نظر کان اتي گهليو ويو هو سو اتان جي رهواسين کي اتان ڪڍي فوج جي انجنيئرن، شاهي بازار جي ان مشهور چوڪ کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. بدقسمتيءَ سان ان مهل ڪيترا فوجي اچي اتي پهتا جن ماڻهن سان ڏاڍيون زيادتيون ڪيون.

جڏهن سياري ۾ اسان افغانستان ڇڏڻ وارا هئاسون ته هتان جي حڪمران فتح جنگ به پنهنجو ملڪ ڇڏي انگريزن سان هندستان هلڻ جي خواهش ڏيکاري.

## هندستان ڏانهن موٽ

فوج جي اها واپسي ڏاکي به ڏاکي شروع ٿي. اڳيم جنرل پولاڪ ۽ ان جي فوج هئي. تنهن کان پوءِ مئڪ ڪاسڪل ۽ ان کان بعد جنرل ناٽ هليو. لشڪر ١٢ آڪٽومبر تي روانو ٿيو هو. جنرل پولاڪ نهايت ڏاهو فوجي عملدار هو. هن پيش قدميءَ دوران فوج ۾ نظم ضبط واسطي چوڪيءَ جو بندوبست ڪيو هو تنهن ڪري ڪوبه اڻ وڻندڙ واقعو پيش ڪونه آيو. مئڪ ڪاسڪ کي البت گلزيَ ۽ خبير وارن گهڻو ڪجهه ستايو ۽ تپايو هو. جنرل ناٽ کي قنڌار جهڙي ميداني علائقي جو تجربو هو. هن جي سخت گير روبي ڪري ڪيتريون انساني جانيون تلف ٿيون ۽ ڪيترا جانور گم ٿيا هئا. ان جي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو ٻيو فوجي علمدار هجي ها ته ايترو نقصان ڪونه ٿئي ها.

خير اها ڳالهه ڪيئن به ٿي پر ايڏي پراهين ۽ ڏکئي سفر تان ايڏيءَ گهڻي فوج جو واپس موٽڻ هڪ وڏي سوب هئي. برطانيه سرڪار جي فوج دشمن جي هر اتحاد کي شڪست ڏني هئي ۽ ائين ڪري ڏيکاريو جيڪو هن چاهيو پئي. هن

عين وقت تي گورنر جنرل اعلان ڪيو ته هندستان ۾ رهندڙ افغان جيڪڏهن پنهنجي ديس وڃڻ چاهين ته کين کلي موڪل آهي. ان زماني ۾ افغانستان جو اڳيون حڪمران دوست محمد ڪلڪتي ۾ موجود هو تنهن هن اعلان مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. کيس اها به ڪل ڪانه هئي ته افغانستان ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. سندس خيال هو ته سدوزئي گهرائي جي ماڻهن ڏيهه ۾ ضرور ڪونه ڪو ڏڦيڙ ڪيو هوندو. سندس چوڻ هو ته اهو برطانيه سرڪار تي منحصر آهي ته کيس قيدي سمجهيو وڃي يا مهمان. حقيقت اها هئي ته انگريز سرڪار جو سائنس رويو نهايت شاندار هو. کيس اهو صدمو ضرور هو ته ١٨٣٩ع ۾ ڪائنس سندس ساٿيءَ ۽ ٻانهن ٻيلي هڪدم ڦري وڃي مخالف ڌر سان گڏيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته هو پنهنجي وطن وڃڻ کان بيزار بلڪ چڙيو وينو هو. پر هو آخر ۾ افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. سندس پٽ اڪبر خان اثر رسوخ ۽ سردارن جي مرضيءَ سان وڃي پنهنجي پرائي حڪمراني سنڀالي.(١٠) سندس اڳيان مقرر ڪيل بارڪزئي گورنرن به پنهنجن پنهنجن صوبن جي وڃي حڪومت سنڀالي هئي. ٻنان ٻانڻ ۾ ۽ ڌارين حملا آورن سان وڙهي ٿڪجي پيا هئا ان ڪري دوست محمد جي حڪومت ڪي ڪوبه مسئلو درپيش ڪونه هو.

هو هن وقت ڪابل، غزني ۽ جلال آباد جو حڪمران هو. تخت تي ويهڻ کان ڏهاڪو سال ڪن اڳ هن افغاني ترڪستان فتح ڪيو هو ۽ بلخ تي به قبضو ڪيو هئائين ۽ اتي پنهنجي پٽ افضل خان کي گورنر مقرر ڪيو هئائين، جيڪو عبدالرحمٰن خان جو پيءُ هو. سنه ١٨٥٤ع ۾ سندس ڀاءُ ڪهنه دل خان وفات ڪئي ۽ قنڌار وارو پرڳڻو به سندس حڪمرانيءَ ۾ شامل ٿي ويو. سنه ١٨٥١ع هن ڀهريون ڀيرو هرات وارو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو هو.

Gul Hayat Institute

## باب چوٿون

# سنڌ جي فتح - ۱۸۴۳ع

قديم تاريخ
سر چارلس نئپيئر
سنڌ ۾ انگريز فوجن جي افغانستان مان موٽ
اميرن سان عهدنامو
مياڻيءَ سان عهدنامو
مياڻيءَ جي جنگ
حيدرآباد پرسان دبي واري جنگ.

## قديم تاريخ

برطانيہ حڪومت جي گڏيل هندستان جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي نقطئہ نگاهہ کان سنڌ کي فتح ڪرڻ (۱) نهايت ضروري قدم هو. هن ملڪ جي فتح ڪري مهان سنڌوءَ وسيلي تجارتي آمدرفت جي شروعات ٿي. سنڌ ۾ پيل لکين ايڪڙ غيرآباد زمين سکر واريءَ لائيڊ بئريج جي تعمير ڪري آباد ٿي وئي جيڪا لارڊ ولنگڊن جي زماني ۾ سنہ ۱۹۳۱ع ۾ جڙي راس ٿي هئي. سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ اهو علائقو افغانستان جي ٻنان تسلط کان ڇڄي وري هندستان سان شامل ٿي ويو هو جيڪو هڪ ٻن پيڙهين کان وٺي جبل جي رهاڪو ٻروچن جي ور چڙهي ويو هو. انهن جهنگلي ۽ وحشي قسم جي حڪمرانن هٿان جي امن پسند انسانن کي نهوڙي ڇڏيو هو. هن ديس جي فتح ڪري برطانيہ سرڪار جي عملدارن ۾ اختلاف

وسنديون انهن پوئن ۽ پٽن تي آباد هيون جن تائين سنڌوءَ جي اٿل جو پاڻي پهچي سگهندو هو. ماڻهو ڏاڍا ٻورهيت هئا. جڏهن سنڌوءَ جو پاڻي لهي ويندو هو ۽ ٻني کيڙڻ لائق ٿڃي ويندي هئي تہ پوکي ڪرڻ شروع ڪندا هئا. هاڻي سنڌوءَ ۽ پنجاب جي پنجن درياهن جو پاڻي ٻئريجن وسيلي چوڏس پکڙجي ويو آهي، ويران زمينون آباد ٿي ويون ۽ هتان جي رهاڪن جا صدين جا سپنا ساڀيا ٿي پيا آهن. سکر وارو ٻئريج هاڻي اجهو تيار ٿيو. اتان جا رڻ پٽ ميدان ساين ڪٺڪن سان ڇانئجي ويندا. ڌن دولت پيدا ٿيندو. هرڪو ريان ڪيان هوندو. لکين ماڻهو پورهئي سان لڳي ويندا. تلوار راجا ۽ ڏڪار رائي جي راڄ کان پوءِ سخت گير ۽ ڪافر انگريزن جي حڪومت آئي آهي. هتي قديم زماني جي پنچ Punch جا لفظ ورجائڻ ضروري آهن جنهن چيو هو Peccavi جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيندو I have Sinned يعني "مون پاپ ڪيو آهي. پر هن جو مطلب هي بہ ٿي سگهي ٿو:

I have sind مون سنڌ فتح ڪئي آهي. هيءَ جوٽي جڻ هڪ ڳجهارت آهي جنهن جي پڄاڻي هيءَ وڃي بيهندي تہ "مون سنڌ فتح ڪري جڻ تہ مهاپاپ ڪيو آهي". جنهن ماڻهوءَ اهي لفظ چيا هئا تنهن لاءِ سنڌ فتح هڪ سپنو هو جيڪو ساڀيا ٿي ويو. ڏوهہ پاپ جيڪو بہ سو لارڊ ايلنبرو جي چوڻ تي ڪيو ويو هو (٢).

جڏهن احمد شاه ابدالي پنهنجي افغان سلطنت قائم ڪئي تہ ان وقت سنڌ درياه کان پار مغل علائقو هو جيڪو هن فتح ڪري پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو. مشرق جي ملڪن جو بلڪ ساري دنيا جو اهو رواج آهي تہ حڪمران پاڻ ۾ وڙهندا ۽ دشمنيون پاڙيندا آهن ۽ پنهنجي مفادن جو فصل اتان لڻندا آهن جتي هر ٻج ئي ڪونہ ڇٽيندا آهن. ڪڏهن ماڻهن کي بچاءَ جو بهانو ڏئي ڪانئن هر چيز ٻهاري ونندا آهن. اهڙي قسم جي بچاءُ جو ڪين جڻ هڪ قدرتي حق مليل هوندو آهي. جيڪڏهن نہ بہ هوندو آهي تہ وري اهڙو جواز پيدا ڪري ونندا آهن. ويچارا ٻورهيت هڪ جاگيردار کي ايندو ۽ ٻئي کي ويندو ڏسندا آهن. نارمن جي ڪد سئڪسن ايندا، ترڪن پٺيان مغل تن جي پٺيان افغان ايندا. هو ويچارو ٻنيءَ ۾ هر بہ پيو هلائيندو ۽ سائينءَ کي بہ پيو سوال ڪندو تہ يا ڏٽي هي حڪمران، شل اڳئين ظالم حڪمران کان چڱو هجي. دهليءَ جي سڀني شهنشاهن مان هڪڙو اڪبر مغل چڱو ماڻهو هو جيڪو پڇا ڳاڇا ڪندو تہ هو تہ هارين نارين جو ڇا حال آهي.

باقي ٻيا حڪمران پنهنجي محصول جو حصو ونندا هئا. سندن فوج جو خرچ نڪري پوندو هو. هاري جي خوش نا خوش جو ڪين ڳڻتي ڳارائو ڪونہ هوندو هو.

ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن دهليءَ ۽ ايران جا حڪمران

۾ وڃي سنڌ جي حڪمرانن سان ڳالهه ٻولهه ڪري. ٻئي طرف پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه سنڌوءَ جي ڪنڌين سان افغان علائقا فتح ڪري پنجاب سان ملائي ڇڏيا هئا. هاڻي سنڌ کي فتح ڪري پنجاب سان ملائڻ واسطي ويهن ئي ننهن جا زور لائي رهيو هو. هوڏانهن ميرن جي ڪوشش هئي ته هو سنڌ ڏانهن اڳتي نه وڌي- انگريزن جي مرضي هئي ته سنڌوءَ جي ساري وهڪري سان امن امان هجي. هن ڪڏهن به سنڌ يا پنجاب کي پنهنجي حڪومت سان ملائڻ جو ڪونه سوچيو هو. پر قدرتي طور حالتون اهڙيون بڻيون جو انگريز سنڌ ۽ پنجاب کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيا هئا. پر هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته انگريز ان وقت مغل شهنشاهت جا جانشين هئا ۽ هن هندستان جي مختلف ٽڪرن کي گڏي مغلن وارو هندستان بنائي ورتو هو. اهڙيءَ ريت انگريزن کي مغل شهنشاهيءَ جي مختلف علائقن تي حڪومت ڪرڻ ۽ پنهنجي اثر رسوخ نافذ ڪرڻ جو پورو پورو حق هو جيڪي ڌار ڌار دورن ۾ دهلي حڪومت کان ڇڄندا الڳ ٿيندا رهيا هيا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته مقدر سندن مرضيءَ خلاف کين (انگريزن کي ) دهليءَ جو حڪمران بنايو هو. جڏهن اهي حڪمران بنجي ويا ته اهو سندن فرض هو ته ان حڪمرانيءَ جا پراڻا علائقا فتح ڪري وري ساڳيءَ شهنشاهت ۾ شامل ڪن. سنڌ جي فتح جو سڌو واسطو دراني افغانستان جي ٽٽل حصن کي گڏي هڪ ملڪ ڪرڻ واري ڪوشش سان آهي. ڇاڪاڻ ته پهرينءَ افغان جنگ دوران افغانستان جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون هيون. هن فتح جو ڪنهن حد تائين انهن واقعن سان به واسطو آهي، جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ته انگريزن سنڌ ٽالپرن سان هڪ ناهه ڪيو جنهن مطابق انگريزن سنڌ رستي افغانستان ڏانهن پنهنجي فوج وٺي وڃڻ جي اجازت گهري هئي. ان نقطئه نگاه کان هن سنڌ جي ٻن ماڳن جي چونڊ ڪئي هئي جن مان هڪ اتر ۾ ٻيو ڏکڻ سنڌ ۾ واقع هو. هن کان علاوه شاه شجاع جون فوجون به هن ملڪ رستي افغانستان ويڃيون هيون. سنڌوءَ جي وهڪري سان بکر اهڙو ماڳ هو جيڪو دنيا جي وڏي تجارتي آمدرفت جي سلسلي سان لاڳاپيل مشهور گس تي هڪ اهم ناڪ هو. مٿي ڄاڻايل ميرن سان ڪيل عهدنامي تي جلدئي عمل ڪرڻو هو. هن قسم جو مطالبو ڪرڻ انگريزن جو حق هو ڇاڪاڻ ته اها هندستان جي اقتدار اعليٰ جي وارث ۽ عظيم طاقت هئي. مذڪوره ناه ۾ نائي جي لالچ يا ڪو ٻيو مقصد ڪونه هو. جيڪڏهن سنڌ جا حڪمران عهدنامي جي شرطن جي پوري پابندي ڪن ها ۽ سندن دربار ۾ رهندڙ انگريز ريذيڊنٽ جي چوڻ مطابق عمل ڪن ها ته سنڌ جي آزادي به بهاولپور جيان ساليانی خراج جي شرط تي برقرار رهي ها

افغان جنگ جي لاهين چاڙهين ڪري انگريزن کي ڪراچيءَ ۾ فوج رهائڻي

Gul Hayat Institute

پنجي وئي هئي. اهڙيءَ ريت بکر ۾ به فوج مقرر مدت کان وڌيڪ ترسي پئي هئي. افغان جنگ دوران ۽ ان کان پوءِ امير ۽ سنڌ ن دربار جا ماڻهو انگريزن خلاف سازشن ۾ رڌل هئا. سنڌن دربار ۾ رهيل انگريز ريزيڊنٽ انهن ڪوششن ۾ لڳا رهيا ته سنڌ ۾ انگريزن خلاف ڪا بغاوت نه ٿئي ۽ پنهنجين اهڙين ڪوششن ۾ هو سوڀارا به ٿيا هئا. ڪرنل انگلنڊ سنڌ ۾ رهيل فوج جو ڪمانڊر هو. ان زماني ۾ ناٽ قنڌار ۾ ترسيل هو. کيس فوجي رسد پهچائڻ ڪرنل انگلنڊ جي ذميواري هئي. ڪوئٽا کان پريان رهندڙ هڪڪزئي قبيلي جا ماڻهو جنرل ناٽ تائين اهڙي رسد پهچڻ ۾ وڏو ڏچو بڻيل هئا.

جڏهن جنرل ناٽ گورنر جنرل جي حڪم موجب ڪابل ڏانهن روانو ٿيو ته رسد پهچائڻ اڃا به وڌيڪ ڏکي ٿي پئي هئي. ڪرنل انگلنڊ کي ڪوئٽيا پار هڪلزئي وارن جي ڏچي جو اڳيئي پتو هو. کيس اهو به خدشو ٿيڻ لڳو ته متان سنڌ جا حڪمران به رسد جي آمدرفت ۾ رنڊڪون پيدا ڪن. تنهن ڪري کين سوڙهو گهٽيو هئائين. سنڌ جي فتح جي رام ڪهاڻي ان دور کان وٺي شروع ٿئي ٿي.

# سرچارلس نئپيئر

سرچارلس نئپيئر پنهنجي دور جو نهايت ذهين فوجي عملدار هو. ائين ڪٿي چئجي ته برطانيه جي تاريخ ۾ فوجي خدمتن جي ناتي هي ماڻهو امتيازي حثيت جو مالڪ هو. هن قسم جو اعزاز کيس ڪوشش ڪندي ڪونه مليو هو يعني هن پنهنجي زندگي جا سٺ سال انهيءَ اعزاز ملڻ جي آسري جدوجهد ڪندي ڪونه گذاريا هئا. کيس نوجوانيءَ دوران هڪ ايبيٽ تي جهيڙيندي سخت گهاءَ به رسيا هئا ۽ ١٨٣٧ع ۾ هو ميجر جنرل جي عهدي تي پهتو هو. هن کان اڳ هو آيونيا جي "سيفالونيا" نالي هڪ ٻيٽ تي گورنر هو. هندستان ڏانهن اسهڻ کان ٿورو اڳي اتر انگلنڊ جي چارٽسٽ تحريڪ سان منهن ڏيڻ واسطي کيس اتي مقرر ڪيو ويو هو. توڙي جو سندس همدرديون ان تحريڪ سان هيون پر هن ڏاهپ ۽ مسرت کان ڪم وٺي حڪومت کي ان اٿ وٺندڙ وايو منڊل مان ڏاڍي سٺي نموني ٻاهر ڪڍي آيو. ان کان پوءِ ڪمانڊر- ان- چيف، لارڊ هل کيس هندستان جي فوجي خدمتن جي آڇ ڪئي جيڪا هن قبولي. هو سنه ١٨٤١ع ۾ هندستان پهتو ۽ اتي کيس پونا ڊويزن جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. برطانيه سرڪار جي، افغانستان ڏانهن

Gul Hayat Institute

# سنڌ ۾ انگريزن جو افغانستان مان موٽڻ

جنرل انگلنڊ، هن جنگ ۾، هڪ فوجيءَ جي حيثيت ۾ ڪو اعزاز جوڳو نالو پيدا ڪونہ ڪيو هو. ماٿهن جي وات تي رڳو "هٽڪلزئي" قبيلي جي بهادريءَ جو نالو هو. پر جڏهن سنڌس فوج لڪن تان هيٺ لٿي تہ هن جي بي شمار فوج جي انتظام ڪي ڏسي جنرل نئپيئر سمجهي ويو تہ جنرل انگلنڊ ڪنهن وڏي پائي جو فوجي عملدار آهي ۽ ان ڪري ڏانهس مبارڪ باد جو هڪ خط بہ لکيائين. بعد ۾ ڪيس معلوم ٿيو تہ سنڌس فوج ۾ نظم ضبط نالي واري ڪا شيءَ ئي موجود ڪانہ هئي. هٽڪلزئي قبيلي جي حملن دوران زخمي ٿيل فوجين جي ڪنهن بہ نظر داري ڪانہ ٿي ڪئي. هو سيپٽمبر جي پيڇاڙيءَ ۾ آگبوٽ وسيلي سکر پهتو هو ۽ ڪمانڊنگ آفيسر کي حڪم ڪيائين تہ جنرل انگلنڊ جي موننڊڙ فوج کي وچي سهائتا ڏئي. اتي ئي ميجر آئوٽ رام سان سنڌس پهرين ملاقات ٿي هئي. هي ٻئي فوجي هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. ان کان پوءِ ميجر آئوٽ رام ڏکهي موڪل تي هليو ويو ۽ موٽيو تہ ڪيس جنرل نيپيئر جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.

بنگال- فوج جڏهن سکر مان نڪري پنهنجي منزل مقصود ڏانهن رواني ٿي تہ ان وقت مس وچي سر چارلس سک جو ساہ ڪنيو. ڇاڪاڻ تہ هن ۽ بمبئي واري فوج وچ ۾ هڪ قسم جو ڦيناڙو پئجي ويو جيڪو هن جي وڃڻ ڪري ماٺ ٿي ويو. بعد ۾ هن فوج جي بچاءَ لاءِ پڪو بندوبست ڪيو. جيڪو ڪيس ايندڙ اونهاري تائين پورو ڪرڻو هو. اتان جي اوسي پاسي کي بہ گهمي ڏٺو هئائين. هن کان علاوہ سياسي نظم ۽ ضبط کي بہ صحيح ڪيائين جيڪو سنڌس خيال موجب گورنر جنرل پنهنجي قلم جي هڪ ئي جهٽڪي سان ڏانوا ڏول ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت گونر جنرل سنڌ کي فتح ڪرڻ واسطي پڪو پهہ ڪري چڪو هو ۽ نئپيئر کي بہ ان کان واقف ڪري ڇڏيو! هئائين. ڪيس اهو بہ اطلاع ڏنو ويو هو تہ جڏهن جنرل ناٽ خيبر کان واپس ٿيندو تہ سنڌس فوج بہ هن جي مهنداري هيٺ ڪم ڪندي. پر ڪيس اها ڳالهہ پسند ڪانہ هئي. هن جي مرضي هئي تہ گهوڙيسوار دستن کي وڌائجي ۽ ڪئپٽن جيڪب جي ماتحت جيڪي اريگيولر هارس مري ڳهي رهيا آهن سي سنڌس حوالي ڪيا وڃن. بعد ۾ ڪيس بہ ريجمينٽون ۹- بنگال ۽ پونا هارس بہ ڏني وئي هئي.

جڏهن جنرل ناٽ جون رهيون کهيون فوجون قنڌار کان بولان ۽ ڪڇ- گندوا وسيلي پهتيون تہ سر چارلس جي ڪنڌ تان بہ چڻ بار لهي پيو هو. ان کان پوءِ ڪيس خبر هئي تہ سنڌ تي حملو ڪيو ويندو.

# سنڌ جا حڪمران ۽ انهن سان ڪيل عهدنامو

هن کان اڳ سنڌ جي حڪمرانن کي مجبور ڪري هڪ عهدنامون ڪيو ويو هو جنهن ۾ انگريز، ٽالپر ۽ شاه شجاع ڌريون هئا. اهو صحيح هو يا غلط هو بس ٿي ويو. گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ هائي تہ چونداسون تہ اهو بلڪل غير واجبي هو. جيڪڏهن هن جنگ جي ناتي، برطانيہ سرڪار جي ان وقت جي حڪمت عمليءَ کي جاچي ڏسبو تہ اهڙي قسم جو معاهدو وقت جي اهم ضرورت بہ هو. لارڊ ايلنبرو بہ خيال هو تہ ميجر آئوٽ رام لکيل عهدنامي کي ڏسي هو اڳين معاهدن کان بہ ڦرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن جنرل نيپئيئر کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي تہ اهو معاهدو ضرور ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ جا حڪمران اهو ساڳيو عهدنامون قبول نہ ٿا ڪن تہ انهيءَ کي ٿورو ڍگهو ڪري ۽ لفظن جي اهڙي ڦير گهير ڪئي وڃي جيئن هنن کي اهو عهدنامو قابل قبول نظر اچي. سرچارلس نئپيئر جڏهن اصلي عهدنامون ڏٺو تہ سمجهيائين تہ سنڌ جي حڪمرانن سان ڏاڍي وائڻي زيادتي ڪئي وئي آهي. ۽ اها سندن ملڪ سان دست اندازي ڪرڻ جي برابر هئي. پر اهي بدنام ۽ نهايت گندا حڪمران هئا جيڪي اتان جي اهڙن امن پسند هارين نارين ۽ ڪڙمين ڪاسبين تي ظلم ڪندا هئا جن جهڙو شريف انسان سڄي هندستان ۾ ڪونہ هو. جيڪڏهن اهڙي قسم جو عهدنامون ڪانئن لکائي ورتو ويو هو تہ سمجهڻ کپي هتان جي غريب مائهن جي بهتر مستقبل جو پڌرنامون هو. هن کان علاوه هيءَ حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هنن ميرن جي ابن ڏاڏن جابلو بروچن جي واهر سان سنڌ جي اڳين حڪمرانن کان تخت ڦريو هو. هائي تہ سندن حڪومت انهن قبائلي سردارن جي لٺ باٺي سان برقرار آهي. ان کان سواءِ هنن ميرن جابلو بروچ ۽ پٺاڻ بہ پگهارن تي فوج ۾ ڀرتي ڪري ڇڏيا آهن. سنڌجي هنن حڪمرانن انهن کي ڀليون ڀنيون ۽ جاگيرون ڏئي ڇڏيون آهن. هتان جي اصلي ڌرتيءَ ڌڻين سان ڦهري ڪلور ڪري ڇڏيا اٿن. سنڌين جا ڳوٺ ۽ وسنديون بہ سندن ڏاڙن کان آجيون ڪونہ آهن.

افغانستان واري ڏچي پيري ميجر آئوٽ رام سائن ڳالهيون ٻولهيون ڪندو ۽ کين ماٺ ڪرائيندو آيو. پنهنجي طبيعت ۾ بہ ڪڏهن مڻ تہ ڪڏهن ماسو هوندا هئا. ميجر جون هنن سان همدرديون هونديون هيون. جڏهن هيانءِ هاري وهندا هئا تہ کين آٿت بہ ڏيندو هو. هينري لارينس جيان هي بہ ان جاکوڙ ۾ لڳو رهندو هو تہ ميرن جي حڪومت ختم ڪرڻ بدران کين آتاري آتاري ڪنهن ڳالهہ تي

ٿورو سفر ڪري وڃي تجل پهتا. هيءُ ماڳ نر جي ڪناري ۽ ڪوٽ ڏجي کان چاليھہ ميل پري هو. هن ٿاڪ کان امام ڳڙهہ جو قلعو سٺ ميل ڏور هو. ۽ هن اڳتي سفر ڪري ١٢ جنوري ١٨٤٣ع تي وڃي اتي رسيو. پاڻ سان پاڻي ۽ کاڌو خوراڪ بہ ساڻ کنيو هئائين. نيپيئر جڏهن اتي پهتو تہ قلعي ۾ وانگي بہ ڪونہ هو. باقي ڏهہ هزار پائونڊ دارون پيو هو جنهن سان هن اهو قلعو اُڏائي پٽ ڪري ڇڏيو. اهو قلعو تباه ڪري هن چڱو ڪم ڪيو هو. هيءُ قلعو ميرن پنهنجي اولاد لاءِ تعمير ڪيو جيڪو ڍهڻ ضروري هو. هو اتان پير ابو بڪر ڏانهن روانو ٿيو جيڪو سکر-حيدرآباد واري رستي تي ۽ سکر کان چاليھہ ميل پري هو. ڪوٽ ڏجي ۾ رهايل فوج کي بہ اوڏاهين اچڻ جو حڪم ڏنو هئائين. آئوٽ رام کي حڪم ڪيو هئائين تہ هو خيرپور وڃي ۽ مير علي مراد جي انهن مائٽن کي پاڻ وٽ گهرائي جيڪي سندس حڪمران هجڻ جي مخالفت ڪري رهيا هئا. پر اهي مير آئوٽ رام جي سڏ تي وٽس ڪونہ آيا. تنهنڪري هن جنرل نيپيئر کي صلاح ڏني تہ هو حيدرآباد واريُ ريزيڊنسيءَ ۾ پهچي ۽ حيدرآباد مير نصير ۽ ميرپور جي مير شير محمد کي نئين عهدنامي تي صحيح ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. نيپيئر کي اهي بہ خبرون پئجي رهيون هيون تہ ميرن جي فوج جي انگ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو هو ۽ بلوچستان جي جبلن جا رهاڪو بروچ، رند، لغاري ۽ چانڊيا ڪٽڪن جي صورت ۾ هن جي ڪيڏ اڳتي وڌي رهيا هئا. هن سوچيو تہ جيستائين هي بروچ حيدرآباد پهچن تنهن کان اڳ هو وڃي ميرن مٿان ڪڙڪي.

هن سان گڏ لشڪر جو انگ تمام ٿورو هو جنهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(١) پونا هارس
(٢) ٩- بنگال- نيم مسلح گهوڙيسوار دستا
(٣) سنڌ هارس
(٤) هز- مئجسٽي- ٢٢- فوٽ
(٥)١- بامبي گرينا ڊيئرس
(٦) ١٢- بامبي- انفنٽري
(٧) ٢٥- بامبي انفنٽري.
(٨) مدراس سئپرس
(٩) هٽ- بيٽريز
(١٠) لائيٽ بيٽريز

سنڌن ڪل انگ ٢٨٠٠ هو. هيءُ فوج گهڻي بهادر هئي. سازينڊز گرميءَ ۾ منزلون هڻندي ١٦- فبروريءَ تي مٽياري نالي هڪ ٿاڪ وٽ پهتي جيڪو حيدرآباد کان ويهہ ميل اتر ۽ سکر کان ١٦٠ ميل هيٺ ڏکڻ طرف واقع هو.

Gul Hayat Institute

# مياڻيءَ واري خونخوار جنگ

مياڻيءَ وارو جهيڙو انهن مشهور جنگين مان هڪ آهي جنهن ۾ برطانيه سرڪار جي انگريز ۽ هندستان فوج پاڻ ملهايو ۽ بهادريءَ جون روايتون برقرار رکيون. مٽيارن پرسان فوجي واند ۾ جنرل نئپيئر کي معلومات ملي هئي ته ميرن بيشمار فوج، ڦليلي وهڪري جي پراڻي پيٽ جي اڙ ۾ منزل ڪيو ويٺي آهي. ميجر آئوٽ رام ريزيڊنسي کان سنيهه مُجيو هو ته ميرن جي مرضي جنگ ڪرڻ تي ڪانه آهي ۽ مذڪوره ماڻهو ميرن گڏ ڪونه ڪيا آهن. جهيڙي جي نيت سان جيڪي ماڻهو وٺن اچي مڙيا هئا تن کي به هنن واپس ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته جاسوسن نئپيئر کي هن ريت معلومات ڏني هئي ته ميرن جي گڏ ڪيل ٽيهه هزار فوج انگريزن جي فقط ٢٨٠٠ لشڪر کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي موجود هئي. جيڪا سرچارلس جي حيدرآباد ڏانهن وڃڻ واري رستي کي روڪيو بيٺي هئي. تنهن ڪري هن اها خبر ٻڌي آڌيءَ رات جو مياڻي ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ ٻيءَ ڦٽيءَ ڌاران ميرن جي فوج سامهون اچي پنهنجي واند هنئين. ان جي ساڄي پاسي ٢٢- فوٽ (پيادل) ۽ کاٻي پاسي گهوڙيسوار دستا هئا. هن لشڪر جي ساڄي طرف، پرسان هڪ وسيع شڪار گاه جي ٻارهن فوٽ اتاهين ڀت هئي جنهن کي آسانيءَ سان ٽپڻ مشڪل هو. ڄاڻايل شڪار گاه وارو ٻيلو تمام گهاٽو هو جنهن کي پار ڪري انگريزي فوج وٽ رسڻ گهٽو ڏکيو هو. ان شڪار گاه جي آرپار هڪ ٻهو هو جنهن تي نئپيئر، ٢٢- فوٽ جا سرڦريا نوجوان مقرر ڪيا هئا. کين حڪم هو ته آخري ماڻهوءَ ۽ آخري گهڙيءَ تائين دشمن جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي هتان لنگهڻ نه ڏنو وڃي. اهڙيءَ ريت فوج جو اڳ، پُٺ ۽ سامان جي بچاءَ لاءِ تمام سٺو بندوبست ڪيو ويو هو.

فوج سان لاڳاپيل سامان ٻونا هارس جي پهريداري هيٺ رکيو ويو هو. اهڙيءَ ريت جنگ جي تياري مڪمل ٿي چڪي هئي. حملو ڪري دشمن فوج کي ٻنهي پاسن کان گهيري ۾ آڻڻو ڪونه هو. هتي فقط هارڻ ۽ جيتڻ جو سوال هو. تلوار جو بندوق جي سنگين سان مقابلو هو. انگريزي فوج، هڪ قطار جوڙي ڦليليءَ جي پيٽ ڏانهن وڌڻ لڳي هئي. جنهن جي اورئين پاسي کان دشمن فوج بندوقن سان مسلح هئي. هنن انگريز فوج کي ڏسڻ سان بندوقون ڇوڙڻ شروع ڪيون. تلوار سان مسلح فوج به حملي لاءِ اڳتي وڌي. ٻوءِ دست بدست جنگ شروع ٿي وئي. مقابلي کان ٻوءِ سُنت ئي دشمن جي تلوارباز فوج ٻوئتي هٽڻ لڳي. ان کان ٻوءِ

انگريز فوج جي ٻي مسمار لشڪر تي نظر پئي جيڪو ٽنون سان مسلح اڳتي وڌي رهيو هو. ڪين مختلف رنگن جا ڪيڙا پاتل هئا ۽ ڏسڻ ۾ جهنگلي پئي لڳا. برطانيه سرڪار جي ڪاٻي پاسي تي موجود گهوڙيسوارن جي حملن ۽ جوابي حملن کان پوءِ دشمن فوج پوئتي هٽڻ لڳي ۽ انگريزي گهوڙيسوار دستن ڦليلي اُڪري ٻيءَ پر تي موجود دشمن تي جلهه ڪئي هئي. ان ڪري بلوچن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو. منجهائن ڪي ڀڄڻ لڳا پر گهڻن مڙس تي مقابلو ڪيو. ڏاڍا بانڪا ۽ بهادر جوان هئا. مڙس وڃي مڙس کي ڳرو ڏنو. ڪو هوش حوصلو ڪونه هو ته ترار ڪٽان تي اچي ۽ ڪاٽي تي لهي. پروچن مان پنج هزار جوانن پنهنجي جوانيءَ جو نذرانو ڏنو هو. انگريز ۽ هندستاني فوج کي هن قسم جي سخت جنگ جو پهريون تجربو هو. ٢٢- ريجيمينٽ پنهنجي بهادريءَ جو هڪ مثال قائم ڪيو هو. سنڌ جي حڪمرانن ۽ سندن متن مائٽن آڻ مڃي هئي ۽ حيدرآباد انگريزن جي حوالي ڪئي وئي هئي.

هن جنگ کان هڪ ڏينهن اڳ ريزيڊنسي ۾ رهندڙ آئوٽ رام ۽ هندستاني فوج تي لغارين وڃي حملو ڪيو جن کي وڏيءَ جاکوڙ کان پوءِ مس ڪري پٺتي هٽايو ويو هو. ان ڏينهن ويهه هزار جابلو بروچ درياهه اُڪري حيدرآباد واري پاسي آيا هئا. آئوٽ رام پنهنجا اڳبوٽ پوئتي موٽائي جنرل نئپيئر سان سرسبتو احوال اوريو جنهن جنگ واري ڏهاڙي پاڻ سان ٿوري فوج وٺي انهن کي شڪارگاهه واري جهنگ مان ڪڍي ڇڏيو هو.

شهر تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ قلعي ۾ ٤٠٠ فوجي وهاريا ويا. ان کان پوءِ نئپيئر پاڻ وڃي سنڌوءَ جي ڪناري سان منزل ڪئي هئي ۽ هنگامي ضرورت کي منهن ڏيڻ واسطي اتي ڪاهيون ڪوٺائي مورچه بندي ڪرائي هئي پر پاڻ رهندو ڪليءَ زمين تي هو. هاڻي وٽس باقي ٻه هزار فوج هئي. ٻيو لشڪر ڪرنل رابرٽس ڏانهن سکر ۽ ڪجهه ڪراچيءَ موڪلي ڏنو هئائين. سکر کان حيدرآباد ۽ اتان ڪراچيءَ تائين سنڌوءَ جون ٻئي ڪنڌيون بروچن ٻاري ڇڏيون هيون ۽ انگريزن جا فوجي جٿا ۽ فوجي چونڪيون محفوظ ڪونه هيون. هر پاسي وڳوڙي وايو منڊل هو. لارڊ ايلنبرو کي جڏهن سنڌ جي هنن حالتن جو پتو پيو ته ڊرتي ڏٺين جي اهڙي بغاوت ختم ڪرڻ لاءِ ستلج واري ڇانوڻيءَ ۾ رهيل فوج، سنڌ رواني ڪرڻ جو هنگامي حڪم جاري ڪيو. اسٽئڪ جي مهنداري واري فوج، ٣- بامبي جا نيم مسلح گهوڙيسوار دستا، بلڊ ۽ ليزلي وارا توبخانه ۽ ٻٽالنون سنڌ روانيون ڪيون ويون. ٻئي پاسي رابرٽس وٽ سکر ۾ رهيل فوج کي ضروري سامان سميت حيدرآباد ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڪيو ويو هو. وقت تکو تکو گذري رهيو هو ۽ حالتون جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ بگڙنديون ڳنڀير ٿينديون پئي ويون. ٻئي طرف کان ميرپور جو مير شير محمد ويهه هزار جوان گڏ ڪري اڳتي وڌي رهيو هو جن مان گهڻا مياڻيءَ

Gul Hayat Institute

ڪڍيو ويندو هو. اهڙي معاملي ۾ هڪ فوجي عملدار کي ڏوهي قرار ڏئي فوج مان ڪڍيو ويو هو. شاهدين مان پتو پيو ته اها طلاق ڏنل عورت ڏاڍي جهيڙالو هئي. جڏهن اهو فيصلو بحال ڪرڻ لاءِ سرچارلس وٽ پهتو ته ان کي رد ڪري ڇڏيائين ۽ لکيائين ته: " اِهَ هن فيصلي کي رد ڪريان ٿو. تاريخ ۾ ڪهڙ پڻي يوسف جي گنجائش ڪانه آهي."

لارڊ ڊلهاسي پنهنجي وقت جو ذهين ۽ ذڪيو گورنر جنرل هو جيڪو ڪنهن سان گهٽ نهندو هو. اهڙو دور به آيو جو هن ۽ سرچارلس نئپيئر جي وچ ۾ گهڻي اڻبڻت پيدا ٿي پئي هئي.

افغانستان جنگين لاءِ سنڌ ناني وارو تمغو ڏنو ويندو هو جيڪو اندلث جي شڪل جهڙو اڌ گول هو. حقيقت ۾ اها اپرندڙ سج جي تصوير هئي. گواليار جي سوڀ لاءِ ستاري جي شڪل جهڙو تمغو هوندو هو. وقت جي رسم رواج مياڻيءَ ۽ حيدرآباد جي جنگين لاءِ به تمغا هئا جن جي مُهر واري پاسي " مياڻي" "حيدرآباد" يا مياڻي/ حيدرآباد لکيل هو ۽ دبي واري جنگ کي سرڪاري طور حيدرآباد واري جنگ سڏيو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

## باب پنجون

# گواليار خلاف جنگي مهم

مرهٽن جي ملڪ گواليار ۾ وڳوڙ
مشقن لاءِ فوجن جو گڏ ٿيڻ
برطانيہ سرڪار جي فوج جو جنگي نقشو
گورنر جنرل جو فوج سان گڏ اچڻ
چمبل درياه وارو رستو
گواليار تي ٻن پاسن کان حملو.
مهراج پور واري جنگ
پُنير واري جنگ

## "مرهٽن جي ملڪ گواليار ۾ وڳوڙ"

Gul Hayat Institute

مرهٽن سان ٿيءَ ٿين جنگ سمجهڻ کپي. توڙي جو هيءَ پنهنجي صورتحال جي نقطئہ نظر سان نهايت خطرناڪ جنگ هئي. ان هوندي بہ موجود دور جي ڳالهہ ٻولهہ موجب اها ڄڻ وڏي ڏڻ عيد ملهائڻ جهڙي جنگ هئي. هاڻي اسان ڪي ڪي تاريخي ڳالهيون ياد ڪرڻيون پونديون. هن واقعي کان چاليهارو سال کن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ لارڊ ليڪ ۽ آرٿر، لارڊ مارننگٽن جي حڪمن کي عملي جامون پارائي رهيا هئا. هنن فوجي جنرلن مرهٽن کي ايترو مجبور ڪيو هو جو ماتحت يا ڏن ڀرو حڪمرانن جيان اڄي انگريزن جا اتحادي ٿيا هئا. سندن سگهہ وارو مکيہ علائقو وچ هندستان هو جيڪو سياسي نقطئہ نظر کان بہ نهايت اهم هو. انگريزن سان

پر افسوس جو اها صورتحال گهڻو هلي ڪانه سگهي. گواليار جي راجا اوچتو ماڻهن جي چٽي لڳي منهن مٿي ڪنيو هو. ۷- جنوري ۱۸۴۳ع تي جنڪوجي راءِ سنڌيا مري ويو. کيس اولاد ڪونه هو. سنڌس عمر اڃا ايتري هئي جو کيس پنهنجي اولاد ٿيڻ جو آسرو هو تنهن ڪري ڪو ٻار گود به ڪونه ورتو هئائين. سنڌس گهر واري تيرهن سالن جي ڇوڪري هئي. هن پنهنجي مائٽن مان هڪ ڇوڪري کي پنهنجي گود جو پٽ بڻايو. برطانيه سرڪار به ان کي قبول ڪيو هو. پر اهم مسئلو اهو هو ته ان ٻار بدران سنڌس قائم مقام تي حڪومت ڪير هلائي. جيڪو ماڻهو هتان جي ملڪن جي راجائن جي رسمن رواجن کان واقف هوندا تن کي اهو ضرور پتو هوندو ته هن منجهيل مامري کي اڪلائڻ سولو ڪونه آهي. هن ننڍڙي حڪمران جي قائم مقام ٿيڻ لاءِ ٻه ماڻهو دعويدار هئا جن مان هڪ هو ماما صاحب جيڪو اڳئين راجا جو مامون هو. ٻيو هو "دادا ڪاسجي ولا" جيڪو ملڪ جو خزانچي ۽ حاجب به هو. هندستان جي انگريز حڪومت کي مرهٽن جي هن ملڪ جي ڀلي جي ڊاڍي ڳڻتي هئي. هن حڪومت کي هن ڌرتيءَ جي محصول ۽ ماڻهن جي به گهڻي اون هئي. ڇاڪاڻ ته اها هندستان جي مغل شهنشاهيءَ جي جانشين هئي. هندستان جي ملڪن جو ايترو فڪر ڪرڻ سنڌس فرض به هو. هنن سڀني ڳالهين کي نظر ۾ رکي هندستان جي انگريز سرڪار مرهٽن جي هن ملڪ جي ڀلي ۽ بهبوديءَ خاطر مٿي ڄاڻايل ماما صاحب کي ان ننڍڙي حڪمران جو قائم مقام مقرر ڪيو. جوان راڻي ۽ ان جي پاسي وارا ماڻهو دادا ڪاسجي جي فائدي ۾ هئا. ٻيو وري ته سنڌس ڪردار ڪجهه مشڪوڪ هو. تنهن ڪري انگريز سرڪار ۽ گواليار جي راڻيءَ وچ ۾ سخت قسم جو اختلاف پيدا ٿي پيو. هر قسم جو سازشون چوٽ چڙهيل هيون ۽ اهي سازشون جڻ ته زنده رهڻ واسطي ساهه کڻڻ جيتري اهميت حاصل ڪري ويون هيون. ماما صاحب جي اهڙي مقرريءَ تي سخت اعتراض ڪيو ويو ۽ آخر ۾ راڻيءَ طرفان ان کي رد ڪيو ويو.

گواليار جي فوج نهايت مضبوط هئي. ايتري مضبوط جيتري قدر انگريز سرڪار جي وچ ۾ موجود ملڪ جي فوج کي سهارو هجڻ کپي. هتي گهوڙيسوارن جو انگ ڏهه هزار، پيادل ٽيهه هزار ۽ بهترين توبخانو هو جنهن کي ڪائونٽ ڊي بنائڻ پنجاه سال ڪن اڳ منظم ڪري ويو. وٽن منهن جي ڀرڻ واريون بندوقون به جام هيون جن کي ڪتب آڻڻ وارا ماهر نشاني باز هئا. وقت گذرڻ کان منجهن وڏيڪ مهارت ايندي ٿي وئي. فوج ۾ قديم روايتون موجود هيون ۽ هڪ ٻن نسلن کان وٺي هن فوج ڪنهن تي حملو ڪري فتح ڪونه ڪيو هو. جڏهن هن فوج ٻڌو هو ته برطانيه سرڪار ماما صاحب جي مدد ڪري رهي آهي ته ان جو هڪ حصو دادا ڪاسجي جي مدد ڪري رهيو هو. گواليار جي فوج ڪنهن حد تائين ڄڻ باغي

Gul Hayat Institute

ريزيڊنٽ جو ڪو اثر ڪونہ ٿيو تڏهن هو بہ اسان نڪري ڊول پور هليو ويو. هن پاڻ کي بي اختيار سمجهيو هو ۽ حالتون وڳوڙن جي ور چڙهي ويون هيون. رنجيت سنگهہ جي مرڻ کان پوءِ لاهور جو راجنيتڪ وايومنڊل بہ ڏانوانڊول هوجيڪو ڏينهوڻ ڏينهن ويو ٿي بگڙندو. هي اهڙيون ڳالهيون هيون جن ڪري گورنر جنرل گهڻو پريشان رهندو هو. لاهور ۾ سٺر هزار کان اسي هزار تائين لشڪر موجود هو جنهن کي سنڀالڻ وارو ڪونہ هو. ان جي بغاوت ڪرڻ جو بہ وڏو امڪان هو. هن فوج ۾ چاليهہ هزار اضافي مائهو بہ شامل ڪري سگهجن ٿا. هن کان علاوه وٽن پنج سو توبون هيون. حالتون هوريان هوريان اهڙيون ٿينديون ٿي ويون جو انگريزن جي دست اندازي جڻ تہ ناگزير بڻجي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ هن ڳالهہ جو بہ قوي امڪان هو تہ مرهٽا ۽ لاهور فوج پاڻ ۾ ملي هڪ سگهہ نہ بڻجي پون.

اونهارو گذري رهيو هو ۽ سوچيو ويو هو تہ ايندڙ سياري ۾ حالتون کي سلجهائڻ ۽ سڌارن جا جتن ڪيا ويندا. گواليار ۾ تہ پاٽون چاٽون وڳوڙ ڪاهي پيا هئا. خاص ڪري انهن جو زور اولهہ پاسي تمام گهڻو هو جيڪو علائقو جابلو ۽ سفر ڪرڻ جوڳو ڪونہ هو.

ان زماني ۾ گورنر جنرل اهو سوچيو هو تہ سياري ۾ جمنا جي ڪنار سان وڏو فوجي مظاهرو ۽ مشقون ڪرايون وڃن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڪن مٿي ڦرين ماڻهن مٿان ڪو نفسياتي اثر ويهي. هو افغانستان مان فوجن جي واپسيءَ وقت سندن آجيان لاءِ اتي موجود هو پر پوءِ اونهارو وڃي ڪلڪتي ۾ گذاريو هئائين. هن اهي بہ هدايتون جاري ڪيون هيون تہ سندس اجازت کان سواءِ گواليار تي چڙهائي نہ ڪئي وڃي. سندس مرضي هئي تہ گواليار سان جنگ وقت ميدان تي ڪيس موجود هجڻ گهرجي. هن سان گڏ گواليار جي سرڪار سان صلح جون ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ جون ڪوششون بہ ڪيون ويون. سوچيو ويو هو تہ هيءُ ڪم ڪنهن سچاڻ ۽ سچيت ماڻهوءَ کان ڪرائجي. انهيءَ ڪري ڪرنل سليمان جي چونڊ ڪئي وئي. جنهن بنديلکنڊ جي ماڻريءَ کي ٺڳن کان صاف ڪري هڪ پرامن خطو بنائي ڇڏيو هو. گواليار سان دوستاڻن لاڳاپن وڌائڻ واسطي سال جي پڇاڙي ڌاران ڪيس دربار ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. مهاراڻي پنهنجي ڪيل ڳالهين بابت پڇتاءُ ڪيو هو پر تمام ٿورو. پر اهو واعدو ڪونہ ڪيائين تہ دادا کي ڪڍي هوءَ صلح جو عهدنامون طئي ڪندي. ناهہ جون ڳالهيون ڪندي اهو بہ چيو هئائين تہ گواليار جي فوج سندس مڪمل ضابطي هيٺ آهي. وڌيڪ اهو بہ ٻڌايائين تہ دربار جي خواهش آهي تہ فوج تي ايندڙ خرچ کي گهٽائجي پر فوج ائين ڪرڻ تي راضي ڪانہ آهي. ان جي خواهش آهي تہ فوجي خرچ اجا بہ وڌائجي. گواليار سرڪار وٽ انگريزن طرفان هڪ مختصر فوج رکيل هئي جنهن جا عملدار بہ انگريز هئا. ان

Gul Hayat Institute

ساڄو پاسو
جنرل سر هيُو گوف، هيڊ ڪئارٽر جي عملي سان گڏ
برگيڊيئر رينن

گهوڙيسوار ڊويزن
ميجر جنرل ٿئڪ وِلي
هزمئچسٽي-١٦- لانسرس
محافظ دستا
١- نيم مسلح گهوڙيسوار
۴- اريگيولر گهوڙيسوار
لينس ٽرپس
اليگزينڊر ٽرپس

برگيڊيئر اسڪاٽ

۴- نيم مسلح گهوڙيسوار
١٠ نيم مسلح = =
گرانٽس ٽرپس

٢- ڊويزن
ميجر جنرل ڊينس
برگيڊير اسٽئڪي

Gul Hayat Institute

١۴- نِٽو انفنٽري
٣١- = =
۴٣- = =
١٧- لائيٽ فيلڊ بئٽري

٣- ڊويزن
ميجر جرنل لٽلر
برگيڊير رائيٽ

۳۹- فوٽ
۵٦- نيٽو انفنٽري
۱۰- لائيٽ فيلڊ بيٽري

۳- برگيڊ
ميجر جنرل وئليئنٽ

۴۰- فوٽ
۲- گرينا ڊيئرس
۱۱- = =
هڪ طاقتور توبخانو جيڪو ۸- انچ هائوزرس تي مشتمل هو.

فوج جو ڪابو پاسو
گهوڙيسوار ريجيمينٽ
ميجر جنرل گري
برگيڊير هاريٽ

۹- لانسرس
۸- نيم مسلح گهوڙيسوار
۸- R. H هڪ ٽرپ

۱- برگيڊ
برگيڊير ڪلونڪ
بفس
۳۹- نيٽو انفنٽري
۲- برگيڊ
برگيڊيئر ائنڊرسن
هزمئجسٽي- ۵۰- فوٽ
۵۰- نيٽو انفنٽري
۵۸- نيٽو انفنٽري
سيپري مان ايل گواليار فوج

Gul Hayat Institute

اڪرن لاءِ ڳالهه ٻولهه شروع ٿي وئي هئي. هڪ ٻئي سان ڪي وڏا واعدا به ڪرڻا ڪونه هئا. پر گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گواليار ۾ اهڙو ماڻهو به ڪونه هو جو اڪيلي سر ڳنڀير وايو منڊل کي منهن ڏئي سگهي. گورنر جنرل مهارائي ۽ مهاراجا کي ڳالهين واسطي ونس اچڻ لاءِ پيغام موڪليو ۽ ڪين چيو ويو هو ته هو هنگونا وٽ اچي ملن ۽ ٢٦ تاريخ گڏجي گواليار لاءِ نڪربو. هتان جي فوج کي ماضيءَ جي حڪمرانن جي شان ۽ شوڪت بابت ڪو خيال دل تي ويٺل هو تنهن ڪري هنن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

# چمبل کي پار ڪرڻ

اهو ضروري ٿي پيو هو ته هي درياه ناتال واري وسڪاري کان اڳي اڪرجي. سندس وهڪري ۾ ٽي فوٽ وڏيڪ جاڙهه اچي ويو هو. هن صورتحال ۾ ٻيڙين جي پل تيار ڪرڻ به مشڪل هو. وڏيءَ جاڪوڙ کان پوءِ جنوري جي پهرئين هفتي ۾ ان پل جو نهي تيار ٿيڻ جو امڪان هو. جنرل هيوگوف متي وچي ان علائقي مان ٻيڙين وسيلي فوج پار پهچائي جتان دشمن فوج جي مقابلي جو وڏو امڪان هو ۽ اها ايراضي ٽڪرائتي ۽ گهارن سان ڇني پئي هئي. ڏيک جي نقطئہ نگاه کان به هڪ نهايت دلفريب منظر هو جنهن کي بنگال انجنيئرس جي هڪ ڪئپٽن مسٽر ينگ ماهرانہ انداز ۾ چٽيو هو ۽ عنوان ڏنو هئائينس" Passage of the chambal جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو ته صبح جو سوير انگريزي فوج اتان اُڪري رهي اهي. منظر ۾ پٽڻ ۽ ٻيڙيون نظر ٿي آيون. چوڏاري ٻاهين جا مچ ٻربل هئا جتي فوج پنهنجا پنل ڪپڙا سڪائي رهي هئي. ٻاهه جي مچن جي دونهين مان اهو تاثر ملي رهيو هو ته جڻ اهو جنگ جو دونهون آهي. پس منظر ۾ پنهنجي وردين ۾ نيزي باز فوج بيٺي آهي جن جي ڏڦن جي ڦرن تي جڙهيل سفيد ڏڪ ڏسجي رهيا آهن. ڪمانڊر- ان- چيف ۽ ان جو عملو نمايان نظر اچي رهيو هو. جن جي ٽوپلن ۾ لڳل ڪنب به واضح هئا. پاسي ۾ جوٽيل ڏاند ٻوتن کي ڇڪي ويندي ڏيکاريا ويا هئا. هي فوجي نوعيت جي هڪ اعلي قسم جي تصوير هئي جيڪا رولنڊسن جي تصويرن کان ڪنهن ريت به گهٽ ڪانہ هئي.

فوجي هڪ ايڪيري پٽڻ وٽان درياه اُڪري ٻيءَ پر پهچي رهيا هئا جتي ننگونا نالي هڪ ماڳ تي فوجي واند هنيل هئي. گورنر جنرل به پرسان اچي منزل ڪئي هئي. ناتال واري ڏينهن گواليار جا به وڪيل جيڪي دربار جي رسد واري

# پنبير جي جنگ

هن محاذ سان لاڳاپيل حال احوال تمام گهٽ نظر ايندو. ”هسٽري آف برٽش آرمي“ نالي ڪتاب ۾ سرجان فورٽسڪيو هن جهيڙي جو ذڪر ضرور ڪيو آهي پر مهراجپور واري محاذ جي بيان کان گهڻو گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته اها جنگ، اڳ ڪيل رٿا بنديءَ موجب ڪانه وڙهي وئي هئي.

گورنر جنرل جي حڪم موجب جنرل گري فوج وٺي اڳتي وڌيو ۽ آنتري واري ناڪرو علائقي ۾ داخل ٿيو جيڪو مينهن جي نين جي گهارن سان ڇنيو پيو آهي. سندس ساڄي پاسي ٽڪرين جي هڪ قطار هئي جيڪا ڪڏهن ويجهو ۽ ڪڏهن پري ٿي رهي هئي پر گهڻو ڪري اڌ ميل جيتريءَ وٿيءَ تي پورو ڇوٽ تي هلندي ٿي آئي. ڪيس پتو هو ته آنتري واري لڪ وٽ دشمن فوجون موجود هيون. پر اهو ڪونه سوچيو هئائين ته انهن جون فوجون هن ٽڪرين ۾ به ويهي سگهن ٿيون. هو آرام سان اڳتي وڌي رهيو هو. سندس پنيان لشڪر سان گڏ پنج هزار ڏاند گاڏيون هيون جيڪي سامان سڙي سان پريل هيون. هن ۾ غير فوجي لاپرواهي هوندي هئي پر نظر اچي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ هر انگريز سپهه سالار ۾ اهڙيون اوڻايون هونديون هيون. لشڪر جڏهن منزل ڪرڻ واري ماڳ وٽ پهتو ته پوئتي اک وتائي ڪونه ڏنائون ته ڪاڏي خوراڪ ۽ جنگي سامان کڻي ايندڙ گاڏيون سلامتيءَ سان پنيان اچي رهيون آهن يا دشمن فوج جي ور چڙهي ويون. گاڏين جو اهو قافلو ڏهن ميلن ۾ پکڙيل هو ۽ پٺ جي رکوالي ڪندڙ فوج به ٿوري مقرر ڪئي وئي هئي. پاسن تي پهريداريءَ لاءِ به ڪا فوج ڪانه رکي وئي جيڪا پروارين ٽڪرين مان حملو ڪندڙ امڪاني دشمن فوج سان مقابلو ڪري. اها فوج هڪ ڊگهي قطار ۾ سفر ڪري رهي هئي. شام جو ٽين وڳين انگريزي فوج پنير نالي هڪ ڳوٺ ويجهو اچي پهتي. اجا هٿيار هڪ جائتا ڪري پير پساريا به مس هئائون ته سندن پٺ وارين توبن جون رعـد واريون رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. ٻئي پاسي کان گهوڙيسوار واچ مينهن ڪندا اچي فوجي واند ۾ پهتا. سندن منهن تي هيڊ هاريل هئي. مٿن ڏهڪاءُ ۽ هراس ويٺل هو ۽ ٻڌايائون ته دشمن پُٺِ واريءَ فوج تي اوچتو جهٽُ هنيو آهي، هن وقت تائين اها شايد ڪسي ڳترا ڳترا ٿي چڪي هوندي.

ڇوڏاري بگل ٻري ويا. جتي فوجي جتي هو اتان ڊوڙندو قطارن ۾ بيهندو ويو. گهوڙيسوارن به حڪم موجب ڪميتن جون واڳون ڪٽي ڊريون ڪيون ۽ ان جونءِ ۾ ڪٽي جُوه وڌائون. جيڏانهون توبن جي گجڪارن جا پڙاڏا ٻُري رهيا هئا. ان وقت لارڊ گري ۽ سندس عملي جي ڌيان ۾ هي ڳالهه اچي وئي ته جڏهن آنتري جي لڪ ۾ ويٺل دشمن فوج کي معلوم ٿيو ته انگريز فوج هن لڪ کان لنوائي ڪنهن

Gul Hayat Institute

ٻئي ڪس سان گواليار وڃي رهي آهي ته ان پيش قدمي روڪڻ لاءِ هنن وچ تي گهات هنيو آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو هو ته انگريز فوجي منزل پرسان ۽ ڀنير ڳوٺ ويجهو هڪ ٻيو قلعبند ڳوٺ هو جنهن ۾ هي مرهٽا فوج مورچه بند ٿي رهي هئي. سندن توبون ۽ گهوڙيسوار پٺيان ايندڙ انگريزي فوج کي هيسائي دڙٻاٽي رهيون هيون. جنرل حالتن جو اندازو ڪري پنهنجي ڪجهه فوج لشڪر قطار ڏانهن روانو ڪيو. سندس خيال هو ته لڪ جي پهريداري ڪندڙ ساري فوج ان ارادي سان اچي هتي پهتي آهي ته جيئن گواليار ۽ بنديلکنڊ جو رابطو بحال ڪري سگهجي. ائنڊرسن جي برگيڊ، ٥٠- فوٽ ۽ هندستاني فوجين جي ٻن پلٽڻن کي گڏي اڳتي رواني ڪيل فوج جي ساڄي طرف کي سنڀالڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. کين حڪم هو ته هو پنهنجي توبخاني جي آڌار تي اڳتي وڌن. ائنڊرسن ڏٺو ته سندن ساڄي طرف اڌ ميل ڪن تي انگريزي فوج ۽ سندن هلڪيون توبون دشمن سان گنڍيون بيٺيون هيون. سندس سامهون ماٿريءَ ۾ دشمن- پيادل بيٺي هئي جنهن جي پٺ تي توبن جون قطارون هيون. هو پنهنجي برگيڊ سان اڪيرين ٽڪرين ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ پنهنجي توبن جي گولن جي آڌار تي پٽن جي اڙ ۾ بيهي رهيو ۽ مرهٽن جي پيادل فوج تي گولاباريءَ جو حڪم ڪيائين. جنرل ميدان تي ڪونه پهتو هو. ائنڊرسن پنهنجي مرضي موجب احڪام صادر ڪري رهيو هو. هن پنهنجي گرجدار آواز ۾ فوجن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ حملي جو اشارو ڪيو جن جهٽ ڏئي ماٿريءَ جي لاهونديءَ ۾ بيٺل توبن تي وڃي قبضو ڪيو. ۽ ساري ماٿري دشمن پيادل کان خالي ٿي وئي.

برگيڊيئر ڪلونڪ ٻي برگيڊ جي مدد سان يارنهن توبن تي وڃي قبضو ڪيو. اهاجنگ گهڻو وقت ڪانه هلي. هن محاذ جي اڳواڻي بفس Buffs ڪري رهيا هئا ۽ واهر طور ٣٩- نيٽو انفنٽر سائن گڏ هئي. اها جنگ اتي ئي ختم ٿي وئي جيڪا سج جي پوئين پهر شروع ٿي هئي. جهونجڪڙي وير پڇاڙيءَ کي پهتي. انگريزي فوج جا ٢١٣ ماڻهو مارجي ويا. بفس جا ٧٢، ٥٠- فوٽ جا ٣٢ ۽ ٣٩- نٽيوِ جا ٦٢ جوان قتل ٿيل.

هن جنگ جي ڪا اهڙي خاص ڳالهه ڪانه آهي جنهن تي اوچو ڳاٽ ڪجي پر بفس، ٥٠- فوٽ ۽ ٣٩- نٽيوِ انفنٽري پٽنگن جيان وڃي مچ ۾ مٿا ڏنا هئا. هنن ڪنهن فوجي جنرل جي حڪم ڪان سواءِ پاڻون جاڻون هي ڦيٽ ۽ چوٽ ڏني هئي. اهو چيو ويندو آهي ته هن مارڪي ڪان هڪ ڏينهن اڳ هڪڙي برگيڊيئر پاڻ کي پستول هٿي آپگهات ڪيو هو ۽ اتفاق سان اها سپهه سالاري ائنڊرسن کي ملي وئي هئي. هن محاذ تي انگريزن طرفان گهوڙيسوارن جون ٻه برگيڊون هيون پر هنن ڪڪ پڇي ٻيٺو ڪونه ڪيو. پر جيڪڏهن انگريزي فوج جا گهوڙيسوار ميدان ۾ لهن ها ته مرهٽا گهوڙيسوار کين ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏين ها. خير جنگ ته ائين ئي ختم ٿيڻي هئي پر مرهٽن جي فوج کي غلط حڪمن ملڻ ڪري ٻنهي ڌرين جو نقصان گهٽ ٿيو.

باب ڇهون

# پنجاب جي راڄڌاني لاهور ۾ ڦيٽاڙو

گواليار جي فتح کان پوءِ ڇا ٿيو.
پنجاب ۾ ڇمون وارا پائر
پنجاب جون تشويشناڪ حالتون
دليپ سنگهه جو نالي ماتر پنجاب جي تخت تي وهڻ
سک فوج ۾ ان جا مشير
پنجاب جي هٿان وزير کي ڦاهي.

## گواليار جي فتح کان پوءِ ڇا ٿيو؟

گواليار جون حالتون ايتريون چوٽ تي چڙهي ويون هيون جو ان جو آخري فيصلو ضروري هو. هندستان جي انگريز سرڪار کي اهو گدڙ دل ۾ کونڊ هو تہ ان ملڪ کي فتح ڪري پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏجي. اهي تہ پنهنجي نيت سچائي ۽ صفائي سان اهڙا جتن ڪري رهيا هئا تہ جيئن ان ملڪ جون حالتون سڌري وڃن ۽ امن امان قائم ٿي وڃي. هندستان بابت مارڪيوئس ويلزلي جي حڪمت عملي بہ اها هئي. لارڊ ايلنبرو انگريز طاقت ۽ ٻين ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن بابت جيڪو يادداشت نامون پڌرو ڪيو هو اهو هڪ اهڙو عهدنامون هيو جنهن جي

تہ سرهارڊنج ڏاڍي نرم سڀاءَ وارو هو ۽ اتي بہ نرمي اختيار ڪرڻ لڳو جتي اها ڳڇيءَ جو ڳيڙ ثابت ٿيندي آهي ۽ لهٽي بدران ڏيٺا ڀئجي ويندا آهن. هو آيو هو تہ دشمن لاءِ بہ دل ۾ ويا ڪنيون آيو هو، بگهڙ ۽ گهٽي ڪي ايلاز منٿون ڪرڻ آيو هو تہ مهرباني ڪري هو ٻئي ڄڻا هڪ ٻي گهيڙ تان ڀائي پين. سندس ڪوشش اها هوندي هئي تہ هڪ سٺي وائسراء طور ياد ڪيو وڃي. سنڌوءَ جي سنيهہ هڪ پاسي هئي تہ ٻئي طرف مغل شهنشاهيءَ جي ڪمزوري ڪري حالتون جيئن خراب ٿيون هيون، تيئن ٿي قائم رهيو، جيڪي نيڪ ٿيڻ جون گهرجائو هيون. انگلنڊ جي وزير ۽ ڪمپنيءَ جا ڊائريڪٽر امن ۽ آشتيءَ لاءِ وهلوريا ٿي وتيا. پنجاب ۾ وڳوڙ ڪاهي پيا هئا. هن وقت صلح سانت لاءِ واجهائڻ ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ هو. نہ وري اتان جي با اختيار ماڻهن مانار لاءِ ڪي هٿ ٻير ٿي هنيا هئا. وڳوڙي وايو منڊل، ڏينهون ڏينهن هٿن مان نڪرندو ٿي ويو جنهن انگريز سرڪار کي منجهائي وائڙو ڪري ڇڏيو هو. اهو ڄڻ ڪو اگرو سياسي ناٽڪ هو جيڪو وڪٽوريا دور ۾ هندستان ۾ هلي رهيو هو. سائمن ڪميشن بہ اها ڳالهہ ياد ڏياري ٿي تہ هن ڪتاب ۾ ان جو مختصر ذڪر ضرور اچڻ گهرجي. اهو اهڙو ناٽڪ هو جيڪو انگريزن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. هتي فوجي پنئچائت جو ذڪر ڪرڻ بہ لازمي آهي جنهن جو رنجيت سنگهہ جي فوج ۾ ١٨٤١ع کان ١٨٤٥ع تائين گهڻو اثر دخل رهيو. ان طريقي ڪار مرهٽن جي فوج کي پُنير ۽ مهراجپور جي محاذن تي ۽ سک لشڪر کي سوبران واري ميدان تي آڻي بيهاريو هو.

## پنجاب ۽ ڄموءَ وارا پيائر

پنجاب جي سياست جو ڪجهہ احوال، افغان جنگ واري موضوع ۾ اچي ويو آهي. ڌيان سنگهہ سچيت سنگهہ، ڄمون جي ڊوگرا راجپوت سردار جا ٽي پٽ هئا. ڊوگر هڪ جابلو علائقي جو نالو آهي جيڪو ڪشمير ۽ پنجاب جي وچ تي پکڙيل نظر ايندو. اهو نالو ڪنهن خاص هندونيات سان واسطو ڪونہ ٿو رکي پر هن ڊوگراديس ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ کي ڊوگرا سڏيو ويندو آهي.

پنجاب جي ميداني علائقن جا سڀ راجپوت مسلمان ٿي ويا آهن باقي روهہ ۾ رهندڙ ماڻهو اڃا بہ ابائي هندو ڌرم سان واڳيل نظر ايندا. سک ڌرم بہ جابلو هندن کي پنهنجي اثر ۾ آڻي ڪونہ سگهيو آهي تنهن ڪري پنجاب جي جابلو علائقي جا رهواسي اڃا سوڌو هندو آهن ۽ ڊوگرن تي سک ڌرم جو ڪوبہ اثر ناهي

وقت نه ڪيو هو. هن ٻيو ٻيرو ٻه ٻجڻ جا جتن ڪيا. هن پنجاه هزار روپيه قلعي واريءَ فوج ۾ ورهايا جن ڪيس قلعي کان ٻاهر وڃڻ جي موڪل ڏني. پر ٻاهرئين فاٽڪ وٽ خالصه فوج بيٺل هئي جنهن ڪيس نڪرڻ جي اجازت ڪانه ڏني. ٻئي ڏينهن صبح جو ڇئن پلٽڻن ۽ توبخاني جي آفيسرن کي حڪم پهتو ته وزير اعظم کي ميان مير واري ميدان تي وٺي اچن ۽ ان حڪم جي تعميل ڪئي وئي. اهڙو اطلاع ٻڌي قلعي اندر رهيل فوج به وزير اعظم جي قتل ٿيڻ وارو تماشو ڏسڻ لاءِ اچي ميان مير واري ميدان تي پهتي. سارو معاملو تيار ٿي چڪو هو. آخري گهڙي اچي پهتي هئي. وزير اعظم ان سزا لاءِ تيار هو.

هن سان، رائي ۽ مهاراجا به گڏ هو جنهن جي عمر ان وقت فقط ٻارنهن سال هئي. اهي ٻئي ٻن هاٿين تي سوار هئا. سندن پٺيان ايندڙ ٻين ٻن هاٿين تي سندن نوڪر چاڪر اچي رهيا هئا. جواهر سنگهه پاڻ سان هيرا جواهر ۽ ٻيو خزانو به جام کنيو هو. سندس ارادو هو ته ان خزاني وسيلي هو آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو.

ساري فوج پنهنجي عهدن موجب ميدان تي بيٺي هئي. برگيڊون هڪ ٻئي پرسان بيهاريون ويون. فرانس جي فوجي ترتيب جيان ڪين ٽيهڙ ۾ بيهاريو ويو هو. انتظار ڪندي ڪين ڪافي وقت ٿي ويو هو. هنن کي توقع هئي ته وزير کي منجهند کان پوءِ ميدان تي آندو ويندو.

هن ڏيک بابت هڪ اکين ڏٺي شاهد جو بيان هن ريت آهي. قلعي ۽ ميان مير واري ميدان جي وچ تي چار پلٽڻون ۽ توبخاني جا گهوڙيسوار وزير اعظم کي وٺي اچڻ لاءِ بيهاريا ويا هئا جيڪي هڪ خاموش قافلي سان گڏجي پوئتي موٽيا. ساڍي ٽين وڳي شام جو اهو قافلو ميدان ۾ اچي هڪ پاسي بيٺو. پوءِ طبل ۽ نغارن وڄڻ شروع ڪيو ۽ جنرل وينچورا جي برگيڊ سلامي پيش ڪئي. گهوڙ- چڙها جيڪي عام طور ريگيولر فوج جي پٺيان بيهندا هئا هي ان جي سامهون بيهي رهيا. جيئن اهو قافلو ٿورو اڳتي وڌيو ته ان سان گڏ ايندڙ پلٽڻون ان جي جوڏاري ڪرو ٻڌي بيهي رهيون ۽ ٻئي پاسي کان توبخانو قري آيو. وزير اعظم سان گڏ آيل قافلو جڻ مڪمل گهيري ۾ هيو ۽ ڀڄڻ جون سندس سڀ واٽون وارجي چڪيون هيون. اهو قافلو سرڪندو اچي وچ تي پهتو. سڀني کان اڳيان وزير ويٺل هو. ان مهل پيادل فوج جون ٻه ڪمپنيون اڳتي وڌيون. هڪ ڪمپنيءَ ان هاٿيءَ کي الڳ ڪيو جنهن تي وزير اعظم سوار هو. ٻي ڪمپني ٻين ٽن هاٿين کي ڇڪي پري ڪري بيهاريو. جن تي ڊنل ۽ هيائل عورتون سوار هيون. جڏهن هنن هاٿين کي ڏار ٿيندي ڏٺو ته منجهن اچي روڄ ۽ راڙو پيو. ڪين وٺي انهن تنبن ۾ وڃي وهاريو ويو جيڪي خاص انهن لاءِ اتي هڻيا ويا هئا.

ٻنل ۽ سڙندڙ ٽٽا اجلائي رهي هئي تہ انهن مان هڪ عورت رڙيون واڪا ڪري ڪين پنيو ۽ پاراتا ڏنا هئا تہ فوج ۽ خالصہ هڪ سال اندر تباه ٿي وڃن. اها پنڻ واري ڪا هڪ عورت ڪانہ هئي پر اهڙيون ڪيتريون رنوڙ زالون هيون جن جي اندر مان اهي آهون نڪري رهيون هيون. هن ڏک ڀري ڪهاڻيءَ جي اجهو اها پڄاڙي آهي. اهو وقت جو وزير اعظم هو. پر جيئن شيڪسپيئر چيو آهي تہ سندس وفات تي ٻن ڳوڙهن ڳاڙڻ وارو بہ ڪونہ هو. ٿن مهينن جي ٿوري عرصي ۾ پنجاب جي هيءَ فوج ستلج اڪري موت کي للڪاريو هو.

Gul Hayat Institute

باب ستون

# سکن جو ستلج پار اکرڻ

ستلج جي برطانيہ سرڪار واري ڪناري تي موجود حالتون
سرحد تي برطانيہ سرڪار جي فوج
سکن جو ستلج اڪرڻ
برطانيہ سرڪار جي فوج جو جنگي فقشو
۱۸۴۵ع واري برطانيہ سرڪار جي هندستاني فوج
مريدڪي ڏانهن پيش قدمي
مريدڪي جي جنگ.

## ستلج جي برطانيہ سرڪاري واري ڪناري تي موجود حالتون

اهو ڪٿي سمجهايو ويو آهي تہ ستلج پار ڪي سک علائقا بہ هئا جتي سک حڪمران پنهنجي فوج رکي ڪانہ سگهندا هئا. افغان جنگ دوران لاهور حڪمت سان انگريز سرڪار جي نهہ وڃڻ ڏيا بہ فيروزپور وسيلي تيندي هئي. سک معاملا نبيرڻ وارو انگريزي نمائندو بہ لڌيانہ ۾ ويهي پنهنجو فرض سرانجام ڪندو هو. پوئين دور ۾ اهو فيروزپور ۾ اچي رهيو هو جيڪو لڌيانہ بنسبت لاهور کي وڌيڪ ويجهو هو. انگريزي نمائندن مان ڪيترا اهڙا مشهور معروف ماڻهو بہ ٿي گذريا آهن جن انگريز- سک تعلقاتن کي دوستائي نموني نباهڻ ۾ پان ملهايو

هندستان ۾ باربرداري ۾ جنگي رسد پهچائڻ جو نظام اڃا به اهوئي پراڻو آهي ۽ ان جي سست رفتاريءَ جا ڪارڻ به مٿي ڪاٽي ڇڏايا ويا آهن. هن باربرداري واري نظام ۾ ٻي اوڻائي اها به هئي ته جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ فوجي آمدرفت ۽ باربرداري لاءِ بندوبست ڪبو به هو ته اها خبر هنڌين ماڳين پهچي ويندي هئي ۽ فوجي تيارين جو راز ڪنهن کان به ڳجهو رهي ڪونه سگهندو هو.

سيپٽمبر ١٨٤٥ع ۾ پنجاب وارن پنهنجو وزير اعظم ڪُهي ڇڏيو هو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ساري ملڪ تي فوج قبضو ڪري ورتو هو. نئين وزير کي فوجن جو سختي سان حڪم هو ته انگريزن جي نمائندي سان جيڪي به ڳالهيون يا لکپڙهه ڪئي وڃي سا اسان جي صلاح مشوري ۽ حڪم کان سواءِ نه ڪئي وڃي ۽ اها ڪائنن اڳوات منظور ڪرائي وڃي.

چيو ويندو آهي ته جنهن وقت کان ونئي پنجاب وارن پنهنجي وزير اعظم جواهر سنگهه کي ڪُٺو تنهن وقت کان ونئي منيجر فراڊ فوٽ جي اندر ۾ اڳرائي گهر ڪري وئي هئي. هن کي پنجاب وارن جي سپاهه جي پليءَ پٽ پروڙ هئي. افغان جنگ دوران جڏهن فوجون پنجاب مان لنگهي رهيون هيون ته هن کي پنجاب خلاف سخت قدم کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. افغانستان ۾ انگريزن جي شڪست کان پوءِ پنجاب وارن جو سائن رويو ئي تبديلي ٿي ويو هو ۽ انگريزن سان آڪڙ ۽ تِنڊ سان ڳالهائيندا هئا. سندس فوج ۽ انهن جي ڪمانڊرن جي هلت چلت ۾ به وڏو فرق اچي ويو هو. جڏهن افغانستان پلاند ونڻ واري فوج جڏهن خيبر لڪ مان لنگهي رهي هئي ته پنجاب فوج جو اٿڻ وهڻ به الائي ڪيئن ٿي ويو هو. پنجابين جي مٿي ۾ جيڪو واءُ ڀرجي ويو ۽ تنڊ ۽ تيلي کان سندن زمين تي پير ئي ڪونه ٽي ڪنو ته ميجر براڊ فوٽ جي جڻ ڪپڙن کي باه لڳي ٿي وئي ۽ اهو سندس هڪ فطري عمل هو. تنهن هوندي به ڪيس اها خبر هئي ته جيڪڏهن ڪوشش ڪري جنگ کان لنوائي سگهجي ٿو ته پوءِ هرويرو سڏي جنگ کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ چو وجهجي؟ خاص طور تي جڏهن لاهور ۾ امن امان ۽ صلح سانت آهي ته پوءِ ڪڪر ۾ ڪڙو اڇلائڻ عقلمندي ڪانه ٿيندي.

انگريزن واري پاسي کان به پنجاب جي وڳوڙي وابي منڊل مطابق ڪن ڪڙا هئا ۽ پنجاب جي اڳرائي خلاف جڻ اوڪڙو وينا هئا. ان وقت پنجاب جو وزيراعظم لال سنگهه هو. جنهن کي پنهنجي منهن کان مک اڏائڻ جا به اختيار ڪونه هئا. تيج سنگهه راجائي سنگهاسڻ تي ويٺل هو. سندس سڀئي عضوا ٻنٽن تي هئا ۽ اهي ٻنڻ سڪ فوج جي ڪنٽرول روم ۾ رکيل هئا. سپهه سالارن کي به ڪي اختيار ڪونه هئا. ڪن فيڪون فوجي پنچائت وٽ هئي. هر چيز ان جي اک جي اشاري سان ٿهندي ۽ ڍهندي هئي.

Gul Hayat Institute

هارڊنج ۽ سر هيوگوف جي حڪمن موجب هلڻ واريون هيون. فوج جو مکيه حصو انبالا جي ڇانوڻيءَ ۾ ترسيل هو جيڪو سرحدي شهر لڌيانه کان اسي ميلن جي پنڌ تي ۽ فيروزپور کان ١٦٠ ميلن جي وڇيءَ وٿيءَ تي هو. ڊسمبر جي شروعات تائين امڪاني حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيش قدمي ڪرڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه هو. تو ڙي جو ان وقت ميرٺ مان ٩- لانسر ڏڦير فوج رواني به ٿي چڪي هئي ۽ فوج جي ٢/٣ حصي جي نقل حرڪت واسطي بار برداري ۽ رسد جي پهچ لاءِ جوڳو بندوبست به ڪيو ويو هو. هن جو مطلب اهو هرگز سمجهڻ نه ڪپي ته جنگي تيارين واسطي اهو پورو ۽ مڪمل بندوبست هو.

ميرٺ جي ڇانوڻيءَ ۾ موجود لشڪر کان سواءِ، لڌيانه، فيروزپور، سملا واري جابلو علائقي ۾ انبالا ۾ ڪل هيءَ فوج هئي.

**توبخانو**

| | |
|---|---|
| هارس آرٽيلري - | ٧ ٽريس |
| فوٽ آرٽيلري - | ٦ ڪمپنيون |
| هلڪو توبخانو - | ۴ ڪمپنيون |

**گهوڙيسوار**

| | |
|---|---|
| برٽش ڪيولري - | ٢ ريجيمينٽون |
| ڏيهي نيم مسلح گهوڙيسوار - | ٣ ريجيمنيٽون |
| اريگيولر ڪيولري - | ٢ ريجيمينٽون |

**انفنٽري (پيادل)**

| | |
|---|---|
| يورپي ماڻهن تي مشتمل - | ۵ بٽالنون |
| هندستاني ماڻهن جون - | ١٣ بٽالنون |

Gul Hayat Institute

ساريءَ فوج کي ٽن گهوڙيسوار برگيڊن ۽ ڇئن پيادل جي حصن ۾ ورهايو ويو هو. پيادل فوج جون فقط به برگيڊون هيون ۽ اصول مطابق هر برگيڊ ۾ ٽي ريجيميٽون يا بٽالنون هيون. فوج جي اها ترتيب تيستائين عمل ۾ ڪانه آئي جستائين جنگ جي نقشي، برگيڊيئرن ۽ عملي جي مقرريءَ بابت ڪو اعلان نه ٿيو. جڏهن فوج جي پهرين چرپر ٿي ته ان وقت گورنر جنرل پڌتر ۾ هو ته پيش قدمي ڪندڙ فوج، پنجاب تي حملي ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي جذبن جو کليو اظهار ڪري يا نه ڪري. ٽن ڏينهين هندستان ۾ ريل اچا شروع ڪانه ٿي هئي. تنهن

ڪري جنگ ۾ فوج جي هر حصي جو هڪ جائزو هڻ ۽ هڪ جائزو وٺڻ جڻ ته مشڪل هو. هنن ڳالهين کي نظر ۾ رکي فوج جي ورهاست ڪئي وئي هئي جيڪا دلچسپيءَ کان خالي ڪانه آهي. فيروزپور ۽ لڌيانه ۾ رهندڙ فوج کي اڳئي برگيڊن ۾ ورهايو ويو هو.

**فيروزپور ۾ جنرل لٽلر جي ماتحت:-**

هارس آرٽيلري - ٢ ٽرپس
هلڪو توبخانه - ٢ ٽرپس
ڏيهي گهوڙيسوار - ٢ ريجيمينٽون
يورپي پيادل - هڪ ريجيمينٽ ۽ برگيڊ گٽريسن
ڏيهي پيادل - ٧ ريجيمينٽون ۽ بٽالين گٽريسن

**لڌيانه ۾ برگيڊيئر ويلر هيٺ ٥٠٠٠ فوج**

هارس آرٽيلري - ٢ ٽرپس
يورپي - هڪ بٽالين
ڏيهي - ٥ بٽالين
اريگيولر ڪيولري - هڪ ريجيمينٽ

**امبالا ۾ ميجر جنرل والٽر گلبرٽ جي هيٺ**

هارس آرٽيري - ٢ ٽرپس
يورپين ڪيلوري - هڪ ريجيمينٽ
ڏيهي ڪيوري - ٥ ريجيمينٽون
يورپي - ٣ بٽالنون
ڏيهي - ٥ بٽالنون.

**سملا واريءَ جابلو چانوٽي ۾ رهندڙ فوج**

يورپي - ٢ بٽالنون
گورکا - هڪ بٽالين

**ميرٺ ۾ رهندڙ فوج**

هارس آٽيري - ٢ ٽرپس
يورپين ڪيلوري - ٢ ريجيمينٽون

Gul Hayat Institute

قطارون ايئن نظر اچي رهيو هيون جڻ پنجاب جي فوج جا ڳچ ڳاري رڪنديون ۽ ان لشڪر وچان جنرل پنهنجي فوجي وردي ۾ ڏاڍي شان سان گذرندو اکين لنگهي ويو.

## جنگ جو نقشو

پيش قدميءَ جي ترتيب جو، جنگ جي نقشي تي گهڻو اثر دخل هوندو اهي. ڇانوڻيءَ کان ٻاهر نڪرڻ کان گهڻا ڏينهن پوءِ به پيش قدمي فوجي اصولن مطابق شڪل اختيار ڪري ڪانه سگهي هئي. فوج جي ورهاست هن ريت هئي:-

### گهوڙيسوار ڊويزن

١- برگيڊ- برگيڊيئر هئريٽ
٣- اريگيولر
٨- نيم مسلح گهوڙيسوار ( فيروزپور)
٢- برگيڊ- برگيڊيئر گوف
٥- نيم مسلح محافظ دستو
٣- برگيڊ- برگيبيئر وائيٽ
٣- لائيٽ ڊنرنگ
۴- نيم مسلح گهوڙيسوار
١- ڊويزن
ميجر جنرل سر هئري سمٿ - ٣١- فوٽ
١٨- برگيڊ- برگيڊيئر هڪس ٢۴- نئو انفنٽري
= = -۴٧
٢٠- برگيڊ- برگيڊيئر ريان- ۵٠- فوٽ
۴٢- نيٽو انفنٽري
۴٠- نيٽو انفنٽري

٢- ڊويزن- ميجر جنرل سر ڊبليو. گلبرٽ- ٢٩- فوٽ
١- برگيڊ برگيڊيئر ٽائيلر ۵٠- فوٽ
۴١- نئو انفنٽري

Gul Hayat Institute

باب انون

# فيروز شهر واري جنگ

فيروز شهر جي جنگ جي شروعات
جنگ ۾ ”آڌي مات واري چانوٽي“
صبح واري زبردست فتح
انگريزي فوج جي ستلج ڏانهن پيش قدمي
سکن ۾ قوت

## فيروز شهر جي جنگ جي شروعات

انگريز فوج کي يقين ٿي ويو هو تہ سکن جي مکيہ فوج فيروز شهر جي اوسي پاسي موجود آهي. (تنهن زماني ۾ فيروزپور کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو) ۽ اڌ گول جي شکل ۾ مورچہ بندي ڪيو ويٺي هئي. سرهيُو گوف فيصلو ڪيو تہ لٽلر کي گهرايو وڃي. اهو مقصد رکي ٻئي فوجون فيروزپور ڏانهن ويندڙ رستي جي اولهہ پاسي اچي مليون. تيج سنگهہ جي فوج سامهون لٽلر جي فوج منزل ڪيون ويٺي هئي. سندس مرضي هئي تہ ان جو پاسو ڪري ۽ ٢١- تاريخ تي صبح جو دشمن فوج جي مورچن تي وڃي حملو ڪري. سر هينري هارڊنج، سر هيوگوف جي سيڪنڊ-ان- ڪمانڊ جا اختيار سنڀاليا. جنگ جي حالتن ۾ اهڙيءَ صورتحال جو پيدا ٿيڻ هڪ عام ڳالهہ هوندي آهي جنهن ۾ گورنر جنرل کي ڪمانڊر-ان- چيف جي حڪمن کي رد ڪرڻ جو اختيار بہ هوندو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪَڏي رهيون هيون جني لال لهوءَ جا جهرڻا پلئجي پيا هئا جڻ ريتي رت جي اتر جي اوڪ شروع ٿي ويئي هئي. هتي جنرل نيپيئر جي اختيار ڪيل حڪمت عملي ڪم آئي. ٥٠- فوٽ هڪ بهادر ريجيمينٽ هئي جنهن سکن جي چئن بٽالين کي ڊوڙائي ميدان ڇڏائي ڇڏيو جن جو جنرل آويٽابل جي برگيڊ سان تعلق هو.

رات جو سمون هو. چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هو چوڌاري پنجاب جي فوج بيٺي هئي جن جي وچ تي انگريزي لشڪر جي هڪ برگيڊ هئي جنهن جو پنهنجي فوج سان تعلق ٽٽي چڪو هو. سر هئري سمٿ پنهنجي فوجن جا سٺا ٽيل لاش ڏٺا جيڪي دشمن فوج جي ڇوڙيل توبن جي گولن سان ماريا ويا هئا. هن ڏٺو تہ ڪيترين جڳهين تي انگريز ويڙهاڪ نهايت ثابت قدميءَ سان اڳتي وڌي رهيا هئا. ڪين اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ ٻي فوج ڪٿي آهي ۽ ڇا ڪري رهي آهي. اٽڪل ٠-٣ وڳين هن سکن ريان جي برگيڊ کي پٺتي ڌڪي ڇڏيو. هن سان گڏ ٻين برگيڊن جا هرڪاريا ماڻهو بہ ساڻ هئا جيڪي هن فوجي حصي سان گڏ اڳتي وڌي رهيا هئا. اڳتي وڃي ڪيس معلوم ٿيو تہ هو مصري والا نالي هڪ ڳوٺ وٽ پهچي چڪو آهي جيڪو پنجاب فوج جي مورچہ بندي واري ماڳ کان هڪ ميل پري ۽ فيروزپور شهر واري رستي سان واقعي هو جتي جنرل لٽلر جي ڊويزن منزل ڪيون ويٺي هئي ۽ فوج جا بهترين يونٽ جنگي حڪمت عمليءَ موجب مورچہ بندي ڪيون ويٺا هئا.

مٿي اهڙو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ گلبرٽ جي فوج پنجاب لشڪر جي مورچن تي وڃي سڌو حملو ڪيو هو. هڪ ڀيري تہ منجهن اندر بہ ڪاهي پيو هو. بعد ۾ ڪاهي کان سندن توبن جي پٺيان ڦري وڃي فيروز شهر پهتو هو. پر سامهون جڏهن بندوقن سان گڏ جوابي حملو ڪيو ويو تہ هو بيهي رهيو ۽ سندس ڪيترا ماڻهو سر هئري سمٿ جي ور چڙهي ويا. لارڊ گوف هن سان گڏ هو. حالتن جي نزاڪت کي محسوس ڪندي هو پنهنجي فوج سکن جي مورچہ بندي کان ٣٠٠ گز پري صفا تي ويو ۽ اتي چپ ڪري ويهي رهيا. سر هينري هارڊنج ڪمانڊر- ان- چيف سان گڏ هو. ٻئي فوجي واند کي سڙندو ڏسي رهيا هئا. هڪ طرف کان نعرن ۽ ٻئي طرف کان جوابي نعرن جو پڙاڏو هو. ٻئي ڄڻا جڪ ڪائي رهي هئا تہ باقي فوج ڪهڙا قاڙها ماري رهي آهي. لشڪر سان رابطہ ختم ٿي چڪو. لشڪرجي مهنداري ختم ٿي وئي هئي. وايو منڊل ڏاڍو ڳنڀير هو. هن مريدڪي واري فوجي واند ڏانهن پيغام موڪليو تہ سرڪاري خفيہ ڪاغذ سازي تباهہ ڪيا وڃن انهي ڊج کان تہ متان دشمن جي هٿ لڳي وڃن. اهي ڪاغذ لارڊ ويلنگٽن ڏانهن روانا ڪرڻا هئا. پروشيا جي شهزادي والڊير کي حفاظت لاءِ فيروزپور روانو ڪيو ويو. هن سان گڏ ڪوبہ ماڻهو قتل ڪونہ ٿيو هو. گورنر جنرل سان گڏ سندس عملو هو جنهن

بہ ضروري هو. انگريزي فوج سنگينن جي زور تي پنجاب فوج کان پوريون پنجهٺ صحيح توبون هٿ ڪيون تن کي ڇڪڻ جو بندوبست ڪرڻو هو وتنهن ڪري پنجاب جي پيچندڙ فوج جي ڪِڏ لڳڻ بدران آرام ڪرڻ صحيح ٿيندو.

هيءَ پنجاب فوج مٿان هڪ زبردست فتح هئي. ڪمانڊر-ان- چيف وڏيءَ دليري کان ڪم ورتو هو. انگريزن جي ٿڪل مٿل فوج ۾ تعداد ۾ بہ ٿوري هئي. ٻئي پاسي پنجاب فوج جي انگ جو انت شرو ئي ڪونہ هو. امڪان تہ تباهيءَ جا هيا پر ڳچي ۾ فتح پئجي وئي. هن جهيڙي ۾ انگريزن جي ست بٽالين، ٣- ڊرئگون ۽ هارس آرٽيلري زبردست ڪم ڪري ڏيکاريو. جاني نقصان جا انگ اکر هن ريت آهن. انگريز عملدار ٣٧ ۽ عام سپاهي ۴٦٢ هئا. انگريز عملدارن مان زخمين جو انگ ٧٨ ۽ سپاهين جو تعداد ١٠٥۴ هو. ڏيهي فوجين مان ١٧ عملدار ۽ ١٧٨ سپاهي مارجي ويا. جڏهن تہ زخمي عملدارن جو انگ ١٨ ۽ سپاهين جو تعداد ٥٧١ هو. اهڙي ريت مارجي ويلن جو ڪل انگ ٦٩۴ ۽ زخمين جو انگ ١٧٢١ هو.

انگريزي فوج جنگي ميدان ويجهو واند هنئي هئي. ان ڏينهن گورنر جنرل ۽ ٻيا فوجي جنرل گهوڙن تي چڙهي ميدان ڏانهن وياجتي فوجي ڪئمپ کي باه وچڙيل هئي ۽ اتي رکيل گولا بارود ڦاٽي رهيو هو ۽ انگريز فوج جا ڪيترا ماڻهو مري چڪا هئا.

## انگريز فوج جي ستلج ڏانهن پيش قدمي

سخت شڪست کان پوءِ پنجاب جي فوج ڀاڄ ڪندي ستلج پار اڪري ٻيءَ ڪنار سان وڃي واند هنئي ۽ ٻئي دشمن ڏرين جي وچ تي ستلج وهي رهيو هو. ٻنهي فوجن جون ورديون هڪ جهڙيون هيون ۽ پنجاب وارن انگريزن جو نقل ڪري انهن جهڙيون ورديون پاتيون هيون. سر هيوگوف ٢۴- تاريخ اڳتي سلطان خان والا ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. اتان جو پاڻي تمام سٺو ۽ ستلج کان پنجن ۽ فيروز پور کان ستن ميلن جي وٿيءَ تي هو. ان فوجي واند ۾ گورنر جنرل بہ اچي خيما کوڙيا هئا. گهايلن جي چيٺ ٺهل ۽ ٽڪور بہ اتي ٿي رهي هئي. شهزادو والڊمر بہ هتي اچي سائٽن مليو جنهن جو اردلي فيروز شهر ۾مارجي ويوهو.هتي فوجي واند ۾گورنر جنرل بہ اچي خيما کوڙيا هئا. گهايلن جي چيٺ ٺهل ۽ ٽڪور بہ اتي ٿي رهي هئي. شهزادو والڊمر بہ هتي اچي سائٽن مليو جهن جو اردلي فيروز شهر ۾ مارجي ويو هو. هتي فوجي واند ۾ نهايت آرام سان پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو. انگريز

فوج کي جا ڪرڻو ۽ جا نہ ڪرڻو هو ۽ ستلج کي ڪڏهن ۽ ڪٿان پار ڪرڻو هو. اهو سڀ ڪجهہ هتي سوچڻو هو. پيون فوجون جيڪي هن محاذ تي وڙهڻ واسطي اڳتي وڌي رهيون هيون تن لاءِ بہ هتي ويهي انتظار ڪرڻو هو. هن کان علاوه وڌيڪ فوج گڏ ڪرڻ لاءِ بہ هتي ترسڻو هو. خاص طور تي توبخاني کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻو هو. نہ تہ اڳي ايئن ٿيندو هو هارس آرٽيلري ۽ ملڪي توبخاني کي دشمن جي وڏين توبن سان منهن ڏيڻو پوندو هو. اهي توبون جڏهن گولاباري ڪنديون هيون تہ صفون هيٺ مٿي ٿي وينديون هيون ۽ ملڪين توبن کي اڏائي ڇڏينديون هيون.

٦- جنوري تي لشڪر جو هڪ وڏو تعداد فوجي واند ۾ اچي پهتو هو. سر جان گري ميرٺ مان ٩- لانسر ١٦- لانسر، ٻہ گهوڙيسوار ڪارپس، ١٠- فوٽ ۽ ٽئين انفنٽري جو بٽالنون وٺي آيو هو. ٻئي پاسي کان برگيڊيئر گاڊباءِ لڌيانہ کان اچي پهتو هو جنهن سان سيرمور ۽ ناسري گورڪا بٽالنون، ٣٠- ٽئين انفنٽري ۽ گهوڙيسوار ريجيمينٽ گڏ هئي.

سيئي گهوڙيسوار ريجيمينٽون گڏجي هڪ مڪمل ڊويزن ٺهي پئي هئي جنهن جو مهندار سر جوسف ٿئڪ ويل کي بنايو ويو هو. ٥- ڊويزن جان گري جي حوالي ڪئي وئي هئي. سر رابرٽ ڊڪ کي مئڪ ڪاسڪل واري ڊويزن ۽ ٽين برگيڊ ڏني وئي. هاڻي سندس هٿ هيٺ هڪ ڊويزن ۽ ٻہ برگيڊون ڪم ڪري رهيون هيون.

٣- ۽ ٥ ڊويزن ۾ ٽي ٽي برگيڊون شامل هيون. ساري فوج ۾ چار ڪيولري برگيڊون ۽ ٻارنهن پيادل برگيڊون شامل ڪيون هيون. هن کان علاوه توبخانو بہ اڳيئن کان وڌيڪ مضبوط هو. ۽ تمام گهڻي دير ٿي وئي هئي ان ڪري پنجابين جي دل وڌي وئي هئي. هنن بہ تازيءَ فوج جون ڪيتريون ڊويزنون شامل ڪيون هيون ۽ آڪڙ کان مٿو آسمان سان گسڻ لڳو هون. سکن کي پوري خبر هئي تہ سندس سپاهي ميدان تي وڙهڻ کان ڪيڏي نہ کني ڪترائيندو آهي. اها ڳالهہ ساري هندستان ۾ مشهور هئي ۽ هرشهر جي بازار ۾ جڏهن چار ماڻهو مڙندا هئا تہ وات تي پنجاب فوج جي سپاهين جو قصو هوندو هون. هندستاني فوجي عملدارن ۾ نظم ۽ ضبط جي ڪوتاهي هوندي هئي. اخبارن جا نمائندا فوجي ريجيمينٽن سان گڏ ڪونہ هوندا هئا پر مٿن مائٽن دوستن احبابن ڏانهن چٺيون جماٽيون لکي سڀ احوال اوري وجي مٿي چڙهندا هئا ۽ ڪين جنگي حڪمت عملي جي ڪابہ خبر ڪانہ هوندي هئي. جيڪڏهن جنگي طريقہ ڪار ۾ ڪماندر ان- چيف ٿوري گهڻي غلطي ڪندو هو تہ چوڏس چوبول مچي ويندو هو. سمجهہ ۾ ائين ايندو هو تہ سارو هندستان اهڙين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا ڪيون اوسيئڙي ۾ ويٺو هوندو آهي. هندستان جو هر هڪ ماڻهو سمجهي رهيو هو تہ پنجاب جي فوج ناس ٿي ويندي ۽

لاهور ۾ ته هي ڪجهه ٿي رهيو هو پر فوج ۾ قائم ٿيل پنچات، فوج جي نئين سر تعمير ڪرڻ واسطي هٿ پير هڻي رهي هئي. انگريز جيڪڏهن فيروز شهر کان انهيءَ جي ڪِنِ پون هان ته ايئن ڪري سگهن ها. پر هنن ايئن ڪونه ڪيو هو. ليڪن اها اينرو ته ڊهي پئي هئي جو اجا تائين پاڻ سنڀالي ڪانه سگهي هئي. ٻئي پاسي ڪان وري اها ڳالهه به هئي ته سر هيو گوف جي فوج انوقت اهڙي حثيت ۾ ڪانه هئي جو پنجاب جي هن پڄندڙ فوج جي ڪِنِ پئي سندن وار به ونگو ڪري سگهي. پوءِ وري ڪي پٽڻ جي مٿان ۽ هيٺ ستلج جي ٻنهي ڪنارن سان ۽ سوبران جي وچ تي سکن جي ٻي شمار توبن جون قطارون بيهي ويون هيون.

پنجاب فوج ان وقت نيئن سگهه سان اڀري رهي هئي منجهن هڪ نئون حوصلو ۽ نئون اتساهه پيدا ٿي چڪو هو. جنگي مهم جي جي شروع ڪرڻ لاءِ ڏاڍا اتاولا هئا ۽ ستلج جي پار ڪرڻ واسطي واجهه وجهي رهيا هئا. سکن واريءَ فوج ۾ پناڻ به گهڻا هئا ۽ روهيلن جو تعداد به چڱو خاصو هو جيڪي ستلج جي ٻئي پار ڌرم ڪوٽ جي قلعي ۾ انگريزن سان مقابلي لاءِ تيارين ۾ رڌل هئا. قلعي اندر به رڳو توبون نظر ٿي آيون ۽ اهي به هندستان ڏانهن وڌڻ لاءِ تيار هيون. هن ڪان علاوه رنجور سنگهه جي اڳواڻي ۾ پنجاب فوج جو هڪ حصو ستلج پار ڪري ڦلور نالي قلعي وٽ اچي پهتو هو ۽ لڌيانه تي حملي ڪرڻ جو سوچي رهيو هو.اها حقيقت هئي شڪست ڪاڏل هي فوج پنهنجي نئين تعمير ڪري پاڻ ۾ بلند حوصلا پيدا ڪرڻ چڪي هئي. اڳين جنگين ۾ سندن شڪستون به فتح جي ويجهو ويجهو رهيون هيون. پر سندن هاڻوڪيون تياريون اڳين تيارين کان گهڻو وڌيڪ هيون. گلاب سنگهه سفارتي پيچيدگين کان گهڻو واقف هو. ان وقت هن گورنر جنرل سان هڪ خفيه رابطو قائم ڪيو هو. ڪيس اهو اشارو ڏنو هئائين ته دربار انگريز سرڪار سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ تيار آهي. لارڊ هارڊنج جي مرضي هئي ته اهڙا ڪي قدم کنيا وڃن جو منجهيل مامرا صحيح نموني سان نبري وڃن.

انگريزن وڌن ڏچن ڪانپوءِ فتحون حاصل ڪيون هيون. سندس مرضي هئي ته انگريزن جي اڳين ساک بيهارڻ واسطي ضروري آهي ته پنجاب فوج جو مٿو چڪيءَ ريت چٿجي. ان ناتي هن پهرين ڳالهه اها سوچي ته انگريزن ني ئي ٿيندڙ اوچتا حملا ڪنهن ريت به ختم ٿيڻ گهرجن. وڏيون توبون گولا باروت به تمام گهڻو آٽي ستلج جي ڪنار سان آٽي گڏ ڪجي تنهن ڪان بعد ئي انگريز هندستان جي هڪ غالب سگهه بنجي سگهندا ۽ ستلج جي ڪنارن سان هڪ طاقت جي نالي طور سڃاتا ويندا. اهڙين ڳالهين جو ڪهڙي طريقي سان بندوبست ڪيو ويو يا بعد واريون جنگيون ڪهڙي طريقي سان وڙهيون ويون؟ اهو احوال ٻئي باب ۾ پڙهي سگهندا. آخري جنگ البت انگريزن جي وڏي فتح هئي ۽ ان ۾ ڪي ڏکوئيندڙ واقعا به ٿيا هئا.

Gul Hayat Institute

باب نائون

# علي وال ۽ سوبران ۾ انگريزن جون زبردست فتحون

- سکن جو لڏيانہ تي حملو
- علي وال واي جنگ
- سوبران واري جنگ جي شروعات
- وڏي جنگ
- درياه جي ڪنار سان شڪست جو احوال
- انگريز لاهور ۾

## سکن جو لڏيانہ تي حملو

سکن جڏهن پنهي سوبران شهرن جي وچ تي ستلج تي ٻيڙين جي پل جوڙي تيار ڪئي تہ سرهيوگوف پنهني فوج وٺي اڳتي وڌيو ۽ سکن جي سامهون درياه جي ٻيءَ پر تي وڃي مورچہ بندي ڪئي. ١٧- جنوري تي سر هيري سمٿ ڪي هڪ برگيڊ پيادل ۽ هلڪو توبخانو ڏئي ڌرم ڪوٽ جي فتح لاءِ روانو ڪيو ويو. انهيءَ سمي ڪمانڊر- ان- چيف کي سڌس پئي تہ رنجور سنهہ ڦلور جي ماڳ وٽان درياه پار ڪري پئي پر منزل ڪئي آهي ۽ سندس ارادو لڏيانہ تي حملي ڪرڻ جو آهي. پر هن ان جاءِ تي اچي وانڊ هنئي جتان انگريزن ڏانهن ايندڙ رسد گذرئي هئي.

ٻه پوروڇوٽ تي پيش قدمي سروع ڪئي. انگريزي فوج ڊٻن ۽ پٽن مان سفر ڪري رهي هئي جڏهن ته سک فوج هڪ خشڪ زمين مان ۽ گسن پيچرن وسيلي اڳتي وڌي رهي هئي.

سک فوج سان چاليهه توبون ساڻ هيون. سمت سان ١٨ توبون هيون جن مان ١٢ هارس آرٽيلري، ٦ فيلڊ گن، ۽ اهي نون نونَ پائونڊن واريون هيون. پنجاب فوج اڳتي وڌي انگريزي فوج تي گولاباري شروع ڪري ڏني. سکن جون ٻين توبن انگريزي لشڪر پٺيان ايندڙ سامان واري قافلي مٿان گولا وسائڻ شروع ڪيا. سکن هڪدم حملو ڪري سامان سان لاڳاپيل قافلي تي حملوڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. جت اٺن جون مهارون ڦٽيون ڪري جان بچائي ڀڄي هليا ويا.ان سامان ۾ توبن جا گولا ۽ باروت ۽ توبون ٻه هيون جيڪو سکن جي قبضي ۾ هليو ويو. هن قافلي سان ڪيترا جنگي گهايل ٻه هئا جن جي لاهور ۾ نمايش ڪئي وئي. رنجور هن حملي ڪانپوءِ هڪدم ئي سمت جي پٺيئن پاسي تي دباءُ رکيو. پر هارس آرٽيلري جي جوابي گولا باري ڪري هو اڳتي وڌي ڪونه سگهيو. بعد ۾ هن پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ تحت انگريزي فوج جي پاسي ۽ پٺيئن طرف کان ست بٽالنون حملي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون هيون. سمت ٻه اياٽو ڪونه هو ۽ اهڙي سک للڪار ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو هو. پر افسوس ته هن سان آيل فوج ايڏي وڏي مقابلي لاءِ تيار ڪانه هئي. ان جو ڪارڻ اِهو هو ته هوءَ ساري فوج رات سفر ۾ ڳهندي ۽ هڄندي آئي هئي ۽ دنيا ڪي خبر ئي ڪانه هئي ته جئري آهي يا مري وئي. ساڻس گڏ انگريز بٽالين جو ٻه حال ساڳيو هو. ٣٩- ريجيمينٽ جو مريد ڪي ۽ فيروز شهر واري محاذ تي سخت نقصان ٿيو هو تنهن جو ازالو هن وقت تائين ڪونه ڪيو ويو هو. ان ريجيمينٽ ۾ مائهن جي گهڻي کوٽ هئي ان ڪري ڪمزور هئي. ٥٣- بٽالين ۾ نوجوان سپاهين تي مشتمل هئي تنهن لاءِ رات جي وڳڙي ۾ زبردست جنگ وڙهڻ ممڪن ئي ڪونه هو. اڳيون سارو ڏينهن، اڪرس ۽ ڪاڙهه ۽ هواءِ جي ٻه ٻُٽ هئي. پنجاب جي ٿڌيءَ رت ۾ چڻ اوچتي گرمي اچي وئي هئي. ان ڪري سمت پيش قدمي روڪي ڇڏي ۽ سندس بٽالنون وچي هڪ جاءِ تي سوڙهيون ٿيون هيون. ڪرٽن سان گڏ ٿي گهوڙيسوار ريجيمينٽون ۽ هارس آرٽيلري واريون توبون هيون، جنهن پنهنجي لشڪر جي پٺ جو خوب تحفظ ڪيو هو. سک هڪ ڳوٺ تي قبضو ڪري چڪا ۽ ان ڪي خالي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا جيڪو رسد واري رستي سان هڪ اهم جڳهه تي واقع هو. جڏهن انگريزي پيادل فوجون هن ڳوٺ کان اڪري اڳتي ٿيون ته بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي لڏيانه ڏانهن وڌڻ لڳيون هيون ۽ جهونجهڪڙي مهل اچي فوجي ڇانوڻيءَ ڀيڙو ٿيون. پيادل، گهوڙيسوار ۽ هارس ڪيولري ٻه هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا سي ٻه ان سمي اچي اتي سهڙيا هئا.

ڪاڏي خوراڪ جون شيون حاصل ڪيون هيون جيڪي رسد واري ڪاتي سان لاڳاپيل عملدارن کي اتان جي واپاري مُهاڪڙين پهچائي ڏنيون.

ڪوشش ڪري هر پاسي کان فوج کي مضبوط بڻايو ويو هو.

جڏهن هيڏانهن هوڏانهن واري فوج مڙي هڪ جائتي تي ۽ فوج مان سان واسطو رکندڙ بئي سامان جي پورت تي وئي تہ هئري سمت جنگي نقشو تيار ڪيو جيڪو ٻن گهوڙيسوار برگيڊن، پيادل چئن برگيڊن ۽ توبخاني جي ٻن بٽالين تي مشتمل هو:-

**گهوڙيسوار ڊويزن جنهن جو ڪرنل نگران هو.**

**برگيڊيئر**

١٦- لانسر

٣- لائيٽ ڪيولري

۴- اريگيولر ڪيولري

**برگيڊيئر - اسٽيڊمن**

محافظ دستو

١- لائيٽ ڪيولري

۵- لائيٽ ڪيولري

شڪاوتي ڪيولري

هارس آرٽيلري- ٣- ٽرپس

**پيادل**

١- برگيڊ برگيڊيئر، هڪس
٣٩- فوٽ
٢۴- نِتو انفنٽري
٢٧ = =

٢- برگيڊ = ويلر
۵٠- فوٽ
۴٨- نِتو انفنٽري
سير مور گورگا

٣- برگيڊ- برگيڊيئر ولسن
۵٣- فوٽ
٣٠- نِتو انفنٽري

۴- برگيڊ- برگيڊيئر گاڊباءِ
٣٦- نِتو انفنٽري
نسيري گورگا

**توبخانو**

٢ (ہہ) بٽالين

ہہ- اٺ انچ هائوزرس

Gul Hayat Institute

هئي تہ کھڙي جنگ کھڙي طريقي سان وڙهي سگھجي ٿي. هن جنگ ۾ بہ هن ڏاهي فوجيءَ ڏاڍي سرت ۽ سجيتائيءَ سان جنگي نقشو جوڙيو هو. هن ٻڌو وال ۽ فيروزپور شهر وارن واقعن کي هڪ پنوائتو خواب سمجھي وساري ڇڏيو هو.

انگريزي فوج جي کابي طرف فوج اچا سنهري بيٺي ٿي کانہ هئي تہ پنجاب فوج طرفان توبن گجڻ شروع ڪيو. سر هئري سمٿ ساري صورت حال کي سمجھڻ واسطي ٿوري گھڙيءَ لاءِ ماٺ ۾ اچي ويو. هن فيصلو ڪيو تہ علي وال طرف کان جنگ جي شروعات ڪجي. هن گادباءِ واري برگيڊ کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪيو. ان سان گڏ مھڙ ۾ بينل هڪس واري برگيڊ کي بہ اڳتي وڌڻ جو اشارو ڏنو جن علي وال ڳوٺ کي فتح ڪري پنجاب فوج جي ان پاسي جي نڙيءَ تي وڃي لت ڏني ۽ سٽ ڏئي بہ وڏيون توبون هٿ ڪري ورتائون. هيڏانهن هي جھيڙو اڃا ڳنڍيو ئي پيو هو جو ويلر ۽ ونسن جي برگيڊن وڏي وڃي پنجاب فوج جي مھاڙيءَ تي جُلهہ- ڪئي ۽ سنگينن جي سگھہ ۽ آڏار سان کين ڌڪي سندن مورچن کان ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. هن انگريزي فوج سان چوٽون بہ کاڌيون پر سندن وار ونگو ڪري ڪونہ سگھيا هئا. هاڻي پوندڙي جو اڪيلو ڳوٺ رهجي ويو هو جيڪو انگريزي فوج جي تلوار کان بچي ويو هو. علي وال جي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ انگريزي فوج ساڄي پاسي کان اڳتي وڌي رهي هئي. رنجور سنگھہ ان نيئڻءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي گھوڙيسوار دستن کي اڳئي وڌڻ جو اشارو ڪيو.پر اسٽيڊمن واري برگيڊ وڃي سائس جھانپوتجي پئي جنهن جي ڪمان پاڻ ڪرتن ڪري رهيو هو. پنجاب فوج هن حملي جو تاب نہ سهي پوئتي هٽڻ شروع ڪيو ۽ ان جي صفن ۾ ٿاڪوڙا مچي ويا. علي وال ڳوٺ کان ٻئي پاسي ۾ درياہ جي ڪنار سان پنجاب فوج جي وڏي ڪئمپ قائم هئي. برگيڊيئر گادباءِ پنهنجي ماتحت فوج کي اوڏانهن وڌڻ جو اشارو ڪيو. هن ڪئمپ ۾ فقط پنجاب جي پيادل فوج موجود هئي. پوندڙي کي پنجاب فوج جي گھوڙيسوار ساڄي کان حملو ڪيو ۽ ٻئي پاسي کان چوٽ ڏيڻ واسطي ٥٣- فوٽ وڏي اچي ڳاڙو ڏنو. جنهن هن محاذ کي يہ کني ورتو. اوينابل جو بٽالنون مدافعت لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائي رهيون هيون. دست بدست جنگ جاري هئي. سنگينن جو سنگينن سان مقابلو هو. انگريزي فوج ان مهل اُگھاڙيون تلوارون سامهون جهلي اوسر جي روپ ۾ آنڌي بڻجي اڳتي وڌڻ لڳي. پنجاب فوج جون صفون لڏي ڊانواندول ٿي ويون ۽ پوئتي درياہ وارن پتڻن ڏانهن هٽڻ لڳا هئا. انگريزي فوج پنهنجي صفن کي سڌو ڪري پنجاب فوج مٿان ڪڙڪي پئي. ٻئي پاسي کان توبون بہ پنجاب فوج تي ٻُهڪڻ لڳيون. ان قوت برطانيہ سرڪار جون فوجون ستلج ڏانهن گوني ڪنڊ تي وڌي رهيو هيون. پر نئين صورتحال موجب ڦِري سڌو منهن ستلج ڏانهن ڪيو هٿائون. ان مهل پنجاب فوج جا

ٻير اکڙي ڇڪا هئا ۽ آنڌاري آڌو هڪ ڪک ٻن جيان تواڻي تي ڇڪي هئي. پاڇڙ ۾ ٻيڙين واريءَ پل تي اينترو بار پيو جو اها بہ پاڻ جهلي ڪانہ سگهي ۽ ڀڄي پئي، ٻوءِ تہ وڃي ٻيڙين ۾ پاڻ سٽيائون. رنجور سنگهہ پنهنجي توبن کي بچائڻ لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪئي. انهيءَ وٺ پڪڙ دوران بہ توبون وڃي واريءَ ۾ ڦاٿيون ۽ بہ توبون ڪاهي وڃڻ ۾ سوڀارا ٿيا. باقي سندن ٦٥ توبون انگريزي فوج جي قبضي ۾ اچي ويون. ساري فوجي ڇانوڻي دشمن جي هر مال مڏيءَ سميت انگريزن جي هٿ لڳي. درياه جي ٻيءَ ڀر پهچي پنجاب فوج ڦٻٽ لاءِ صفون سنواريون پر جڏهن انگريزي فوج جي توبن مٿانئن ٻُهڪڻ شروع ڪيو تہ ميدان ڇڏي ڀڄڻ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريائون. توبون بہ ڇڏي هليا ويا هئا جيڪي پوءِ انگريزن ٻيڙين وسيلي ٻيءَ ڀر پهچايون.

پنجاب فوج جي هيءَ زبردست شڪست هئي. انگريزن جي پاسي کان ٥٩٠ ماڻهو قتل ٿيا. هن جنگ ۾ فوج جي اڳواڻي ١٦- لانسرس ڪئي هئي جنهن جا ٥٨ فوجي قتل ٿيا جڏهن تہ ٨٦ گهائجي پيا هئا. هنن حملن مٿان حملا ڪري هيءَ سوڀ ماڻي هئي. پنجاب فوج جا ٽي هزار ماڻهو مئا هئا. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن لنگهڻ واسطي ٻيڙين واري جوڙيل پل پوري ڪانہ پئي تہ پاڻ وڃي ٻيڙين ۾ سٽيائون. پنجاب فوج تعداد ۾ تمام گهٽي هئي ۽ پويان دشمن جي دٻ پوءِ تہ پل ۾ ٻيڙين جي تات طلب ڇڏي نڪ سامهون درياه ۾ ڪاهي پئي، نہ اوتڙ ڏنائون نہ سوتڙ. چيو وڃي ٿو تہ انگريزن اينترا قتل ڪونہ ڪيا هئا جيترا درياه ۾ ٻڏي مئا هئا.

رنجور سنگهہ جو اهو جاني نقصان ان ڪري ٿيو جو هن درياه کي بچاءُ سمجهي ۽ پنهنجي فوج جي پٺ اوڏانهن رکي.

هن جنگ ۾ پنجاب فوج ۾ پندرهن کان ويهہ هزار ماڻهو هئا ۽ انگريزن جي فوج جو انگ تڏهن هزارن کان ٿورو گهڻو ويڪ هو. جڏهن هن سوڀ جي خبر ڊيوڪ آف ويلنگٽن کي پهتي تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ فوج جي ٿنهي حصن جو پاڻ ۾ رابطو ۽ گڏيل ڪوشش جنگ جي هن نتيجي لاءِ ڏاڍي موثر ثابت ٿي هئي. لارڊ هيوگوف کي بہ هن قسم جي فتح جي خبر جو ڏاڍو انتظار هو جيڪو پنهنجي اندر ۾، نظر نہ ايندڙ توبن جا گجڪار ۽ ٻُهڪار ٻڌي رهيو هو. جڏهن ڪيس سوڀ جو ڪريون خبرون ڏِهيون تہ خوشيءَ کان سندس پير ٽيءَ تي اصلي ڪونہ ٽي ڳتا.

پنجاب فوج جي هن زبردست شڪست جو نتيجو اهو نڪتو تہ ستلج پار جيڪي بہ سک لشڪر موجود هو تنهن کي سوبران کان سواءِ واپس گهرايو ويو. لارڊ گوف بہ پنهنجون فوجون جيڪي ستلج جي ڪناري، مختلف ماڳن تي ٻيهاريون ويون هيون آٽائي ورتيون. ان وقت سر چارلس نيپيئر جي فوج بهاولپور پرسان سنڌوءَ ڪناري سان موجود هئي. گورنر جنرل ڪيس مٿي اچڻ جو پيغام موڪليو.

Gul Hayat Institute

ڪي هوريان هوريان اڳتي وڌائي رهيو هو. گورنر جنرل فيروز پور ۾ موجود هو ۽ اتي ويهي اهو ڪجهه ڪري رهيو هو جيڪو ڪيس ڪرڻ مناسب هو.

۷- فيبروري تي ساري فوج پنهنجي گهٽي سامان سان اچي پڙ تي پهتي. مٿان هئري سمت جي لشڪر به اتي اچي لڏا لاٿا. وڏيون ۱۹ توبون هاٿين جي مدد سان ڇڪي آڻي ميدان تي بيهاريون ويون هيون جن مان پنج، ۱۸- پائونڊرس ۽ باقي ٻيون سڀ ۸- انچ هائوزرس هيون. انهن جي پٺيان هر قسم جو گولا بارود ججهي مقدار ۾ موجود هو. انگريز فوج وڏي ٺاٺ ٺانگر سان پهتي هئي جنهن مان محسوس ٿي رهيو هو ته فوجي سپاهين ۾ جنگ لاءِ ڏاڍو جوش ۽ جولان هو جيڪي توبن جي پاسن سان ڪلندا ڪڏندا اچي رهيا هئا ۽ خوشيءَ وچان توبن جي نالين تي ٿڦڪيون هڻي رهيا هئا. هتي پهتل فوج الهه آباد ۽ ٻين علائقن کان گهرائي دهليءَ ۾ ڪٺي ڪئي وئي. پوءِ دهليءَ کان خشڪيءَ وسيلي سوين ميل سفر ڪري هڃي هتي اچي پهتي هئي. جڏهن سر هئري سمت جي فوج واپس اچي هن لشڪر سان ملي ته سڀ سٽائي ٿي وئي ۽ سينو تاڻي جنگ لاءِ تيار ٿي بيهي وئي. ۸- تاريخ گورنر جنرل پاڻ اچي هن فوجي واند ۾ منزل ڪئي، ساڻس ۱۸- پائونڊرس توبون به گڏ هيون. سنڌس انهيءَ ڳالهه تي زور هو ته فيروزپور وٽ بيڙيون هٿ ڪيون وڃن جن جي مدد سان فوج کي ستلج جي ساڄي ڪناري پهچائي رات جو پنجاب فوج جي پٺين پاسي کان زورائتو حملو ڪجي. گورنر جنرل جي هن رٿ سان سر هيوگوف سهمت ڪونه هو. نظر اچي ٿو ته ڪمانڊر- ان- چيف پنهنجي نقطهءِ نظر ۾ صحيح هو. هارڊنج جنهن مهڙ واري حملي کان لنوائي رهيو هو سو سنڌس خيال موجب وڏيڪ ڪارائتو هو. ڇاڪاڻ ته هن فوج سان گڏ تمام بهترين توبون هيون ۽ انهن توبن جي گولاباري اهڙي ته طاقتور هئي جنهن جو مثال ساري هندستان ۾ ملڻ ئي مشڪل هو. جيڪڏهن سکن کي انگريزي فوج جي انهيءَ چرپر جو پتو پئجي ويو ته پنهنجي لشڪر کي به آڻي ساڄي طرف بيهاريندا. پر جيڪڏهن پنجاب فوج سنڌن تيار ٿيل فوجي نقشي موجب وڙهي ته پوءِ سنڌن شڪست مقرر بڻجي چڪي آهي ۽ پوءِ پاڻ ئي صلح لاءِ ڳالهه ٿي ٻاڏائيندا. ڪين اهڙي شڪست نصيبن ۾ لکيل آهي جهڙي سر هئري سمت رنجور سنگهه کي رسائي هئي. اها رٿ لاچار گورنر جنرل منظور ڪئي.

۹- تاريخ تي، سر هيوگوف هر ڊويزن جي ڪمانڊر کي هدايتن ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. اڳي ٻڌايل سنڌس جنگي نقشي ۾ ٿوري ڦير ڦار ڪئي وئي. جيڪا موجود سهولتن جي نقطهءِ نظر کان مناسب هئي. لٽلر فيروز پور ۾ موجود هو ۽ سکن جي چرپر تي ڪرڙي نظر هئي ته متان اهي ستلج پار ڪن. گري سائس مسلسل رابطي ۾ هو. سر هيوگوف هيٺ ٽي ڊويزن فوج هئي. ٽين ڊويزن ڊڪ واري

# درياه ڪناري سان شڪست جو احوال

ٺيڪ ويل جا گهوڙيسوار دستا زور سان نعرا هڻندا دشمن فوج کان هڪ ٻئي پٺيان چبوترا خالي ڪندا ٿي ويا. اهو حال ڏسي پنجابي فوج کين روڪڻ جون زبردست ڪوششون ڪيون. پر ڪامياب ڪونہ ٿيا ۽ انگريز فوج جا گهوڙيسوار دستا هڪ ٻئي پٺيان قلعي جي پڳل چبوترن جي وٿين مان اندر داخل ٿيندا رهيا. هنن کان پوءِ ڪمپني جي فوجين صفون درست ڪري، نعرا هڻڻ ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. پنجاب فوج جي پيادل وڪ وڪ تي سندن مقابلو ڪري رهي هئي. اهڙي مقصد واسطي هنن تي قطارون جوڙي ورتيون هيون ۽ سنگينن جي زور تي انگريز فوج کي پوئتي هٽائڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. پر سندن اهڙيون سڀ جاڪوڙون اجايون ويون. هارس آرٽيلري جي گهوڙن تي سوٽن جو سٽڪو لڳو پيو هو جن توبن کي ٽڪڙو ٽڪڙو چڪي مورچن جي مناسب وٿين ۾ بيهاريو ٿي. جيڪو بہ پنجابي فوجي مارجي دائري ۾ ٿي آيو تنهن جو جسم مڇيءَ جيان پيرا پيرا ٿي ويو ٿي. پوءِ تہ پنجاب فوج ۾ ڀاڪوڙا پئجي ويا. هرڪو جان بچائي ڀڄڻ لڳو. بس ائين سيڙهو ڪري پيڙين ڏانهن وهي پيا. سندن ڪوشش اها هئي تہ پٽل جي چمڪندڙ توبن جي مار کان جيترو ٿي سگهي ايترو جلدي پري پڄي پنهنجي جان بچائي سگهن. ڪن وري پيڙين وسيلي ستلج اڪرڻ واسطي پتڻ ڏانهن رخ ڪيو. پنجاب- فوج، ڏڦير گهوڙيسوارن ۽ خود پاتل تلوارباز گهوڙيسوارن کان ونئن تي وئي جيڪي هنن لاءِ عزرائيل جو آواز بنجي سندن ڪڍ ڊوڙي اچي رهيا هئا. هنن خلاف قضا جو ٻيو قلم بہ وهي چڪو هو جو هماليہ جبل جي هيٺئين پاسي سياري جو سخت مينهن پيو هو ۽ ستلج ۾ پورا ست انچ پاڻيءَ جو چاڙهہ اچي ويو هو. لانگهن ۽ پتڻن جا نشان پٽا ئي ميسارجي ويا هئا. پاڻيءَ جي چاڙهہ ڪري پل پاڻمرادو ٽڙڪاٽ ڪري رهي هئي. پنجاب فوج، هن وقت فوجي ضاطباء اصول پٺي ڪڙين تي زور رکيو هو. ٻني ڪني اڌ ۽ ڪڌ جو کين حوصلو ئي ڪونہ هو. انهن کي اهو بہ هوش ڪونہ هو تہ ايتري ساري ڀاڄوڪڙ فوج جو پل بار ڪٿي سگهندي بہ الائي نہ. هارس آرٽيلري ۽ راهل بردارگورگا سندن پيڇو ڪري رهيا هئا. دشمن پٺيان ڏسي، نڪ سامهون درياه مان وهي پيا. جيڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا ڪير وس. اهڙيءَ ريت هزارين ماڻهو مري ويا. سندن ٻڏڻ جو ايڏو تہ ڏکوئيندڙ منظر هو جو سندن دشمن انگريزي فوج جو هٿيان ڦسي پيو هو. اها هڪ ڏکي گهڙي هئي. فاتح فوج جو اهو فرض هو

# انگريز لاهور ۾

گورنر جنرل پنهنجي سر جنگي محاذ تي موجود هو جيڪو پوءِ ان شام جو فيروز پور ڏانهن هليو ويو. چاڪاڻ ته لنلر جي هراول فوج کي تکڙ ۾ ٻيڙين وسيلي درياه پار ڪرائڻو هو ۽ ان کان پوءِ ڪيس ٻيڙين واري پل تيار ڪرائي هئي جيڪا ۱۲- تاريخ تي جڙي راس ٿي. بعد ۾ برطانيه سرڪار جي فوج اتان پار ڪري قصور پهتي جيڪا فيروز پور کان سورنهن ميل پري هئي ۽ اتان کان ٻتيهه ميل سفر ڪري ۱۳- تاريخ تي خير سان وچي لاهور پهتي. ان فوج سان ڪمانڊر- ان- چيف گڏ هو. هڪ ڊويزن فوج پوئتي جنگي ميدان واريءَ جوءِ ۾ ڇڏي وئي هئي. لاهور ڏانهن ويندڙ رستي کان گهڻا فوجي عملدار واقف هئا ڇاڪاڻ ته اهي ڪابل ڏينهن ايندي ويندي ان گس سان متيندا هئا. سيل، مئڪ ڪاسڪل ۽ ٻين ننڍن وڏن عملدارن افغانستان واريءَ جنگ ۾ حصو ورتو سي هن سک جنگين دوران مارجي ويا هئا. ان ڪري فوج ۾ برطانيه سرڪار کي اڻ ميو ڇيهو رسيو هو. باقي زنده فوجي به سياڻا ۽ سڄيت هئا ڪين پورو پتو هو ته جنگ دوران ڪيئن وڙهجي. مٿي بيان ڪيل فتحن ڪري ننڍو وڏو فوجي ڏاڍو سرهو هو. سوبران جي جنگ کان پوءِ هن نئين ملڪ ۾ فوجن سک جو سچو ساهه ڪنيو ۽ ساهي پٽي هئي. ۱۴- تاريخ جنوري تي لارڊ هارڊنج. به پيش قدمي شروع ڪئي.

۱۵- تاريخ تي چالاڪ لومڙ گلاب سنگهه به اچي پهتو جيڪو تن ڏينهن ۾ سک دربار ۾ وزيراعظم جي عهدي تي فائز هو. هن سان صلح ڪرڻ وارو وفد به گڏ هو جنهن کي فاتحن طرفان مڙهيل عهدنامي تي صحيح ڪري ان ناه کي قبول ڪرڻو هو. پنيان ساري هندستان جا ماڻهو انگريزن جي پلن پاڳن کي ڏسي اچرج ۾ هئا. وٽن ٻيو چارو به ڪونه هو.

پنجاب فوج جو باقي نالي ماتر ڪو حصو وڃي بچيو هو جيڪو افغان- پنجاب سرحد سان موجود هو. ساٺس ٺوريون ٽڪيون ڪي توبون به هيون. هن کان علاوه ڪجهه باروت ۽ خزانو به هو. انگريز اختياريءَ وارن جڏهن انهن سڀني شين جي ڪاٺئن گهر ڪئي ته هنن اڪيون پوتي ها ڪئي ۽ ان جي خلاف ڪا ٻُڙڪ به ڪانه ٻوليائون. پنجاب جي باقي بچيل فوج سکن جي پوتر شهر امرتسر پرسان فوجي ڇانوڻيءَ ۾ ويٺي هئي ۽ پنهنجا زخم چٽي رهي هئي. سندن مکيه فوجي عملدار مارجي ويا هئا ۽ ونن جنگين سان لاڳا پيل ڪي اڌورا سپنا هئا ۽ بس.

هن وقت برطانيه سرڪار جيڪو اعلان ڪيو هو سو بامقصد ۽ مختصر هو. هن راجا دليپ سنگهه کي پنجاب جو حڪمران تسليم ڪيو. ڪيس. ستلج ۽

# باب ڏهون

# پنجاب ۽ ملتان

لاهور
دربار وارو دور
ملتان وارو ڏکوئيندڙ واقعو
هربرٽ ايڊ ورڊ جو قصو
جنرل وش جو ملتان ڏانهن اسهڻ
پنجاب ۾ بغاوت
برطانيه سرڪار جي جوڙيل پنجاب جي انگريزي فوج

## لاهور

نظر ائين اچي رهيو هو ته سڪ- انگريز ناه ڪري هڪ اهڙيءَ حڪومت جو بنياد رکيو ويو هو جيڪا مضبوط ۽ ختناڪ ڪرڻ واري هئي. پر ان حڪومت کي سگهاري بنائڻ واسطي ٻنهي ڌرين کي ڪوشش ڪرڻي هئي. عام ماڻهن جو خيال هو ته ڪانئن ڏا جي زوري اوڳاڙي ڪئي ويندي ان ڪري ڪيترن علائقن جي ماڻهن ۾ ناءُ هو ۽ بغاوت ڪرڻ جي ويجهو وڃي پهتا هئا ننڍڙو مهاراجا مضبوط ماڻهوءَ جي ضابطي هيٺ هو. سندس ماءُ کي ونس اچڻ وڃڻ جي کلي موڪل هئي جيڪا ختن جي سٺي ڪانه هئي. هينري لارينس نهايت سگهارو ۽ سچيت ماڻهو هو جنهن ٿوري وقت ۾ پنجاب جي ديئنتدار ماڻهن کي موهي وڌو هو.

Gul Hayat Institute

ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان سان گڏ هن لارينس کي هيءَ ڳالهه ٻڌائي تہ لال سنگهہ جو ڳجهو حڪم اهو آهي تہ ڪشمير وارو حصو گلاب جي حوالي نہ ڪيو وڃي. مان مسلمان آهيان پر گورنر سکن جو آهيان ۽ مڃيندس بہ اهو جيڪو حڪم اهي ڪندا. هينري لارينس امام دين کي ورائيو تہ جيسيڪڏهن تون سکن جو اهڙو تابعدار ۽ نمڪ حلال آهين تہ اهڙي ثابتي ڏيکار.

امام الدين جو بيان ڇرڪائيندڙ هو. لارينس دربار ڏانهن اهڙي وضاحت ڪرڻ لاءِ لکي موڪليو ۽ چيو تہ لال سنگهہ تي اهڙو مقدمو هلايو وڃي. اهڙي ريت مٿس ڪيس هلايو ويو ۽ هن تي ڏوهہ ثابت ٿي ويو. بعد ۾ هن کي ڪائونسل آف ريجينسي بي ڏوهو قرار ڏئي آجو ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ برطانيہ سرڪار پنجاب حڪومت ڏانهن هدايتون موڪليون تہ لال سنگهہ ملڪ بدر ڪري انگريز-هندستان ڏانهن موڪليو وڃي جنهن جي رهائش جو خرچ انگريز سرڪار پاڻ پريندي. اها ڳالهہ بہ مڃي وئي تہ پنجاب فوج ۽ سک سردارن جيڪو ڪشمير تي ڪاهيو هو سو دربار جي حڪم تحت ۽ صحيح هو. گورنر جنرل حالتن مان محسوس ڪيو تہ ڪيس يا تہ پنجاب ڇڏي هليو وڃڻ کپي يا وري ڪيس سختيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ مائهن هن سک حڪومت خلاف نفرت ڪرڻ شروع ڪيو هو. پنجاب حڪومت پاڻ بہ ڊڄي وئي هئي ۽ ان گورنر جنرل کي گذارش ڪئي هئي تہ "سبسيڊيئر فورس" کي پنجاب کان ٻاهر نہ ڪڍيو وڃي. پنجاب حڪومت سمجهيو هو تہ جيڪڏهن اها فوج پنجاب مان نڪري وئي تہ سندن حڪومت هفتو هلي تہ وڏو ڇهہ ڪيائين. ڪجهہ سال ٿيندا جو ورهين ۽ ڏڦيڙن ملڪ کي لوڏي رکيو ۽ ابتري رتو ڇاڻ ٿي هئي جنهن جو ڪو مثال ئي ڪونہ هو.

## دربار وارو دور

گورنر جنرل بہ اها ڳالهہ قبول ڪئي تہ جيستائين انگريزن جي سنڀال هيٺ پنجاب ۾ امن امان بحال نہ ٿو ٿئي. تيستائين انگريز فوج پنجاب ڪانہ ڇڏيندي. هي ڳالهہ سڀني سک سردارن اتفاق راءِ سان قبول ڪئي. اهڙيءَ ريت "ڀيرو وال" واري عهدنامي تي لارينس ۽ سک سردارن صحيحون ڪيون جنهن جا طئي ڪيل شرط انهن جي گهرجن ۽ مرضيءَ مطابق هئا جن مان مکيہ شرط هي هو تہ جيستائين مهاراجا سورهن سالن جي عمر جو نہ ٿي تيستائين سندس ٻاران ڪائونسل آف ريجنسي حڪومت هلائيندي، جنهن جو وڏو انگريز ريزيڊنٽ هوندو. ڪيس انتظامي معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ جا پورا اختيار هوندا. راڻيءَ جندو جو ملڪي معاملن سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هوندو ۽ ڪيس گذر سفر لاءِ مقرر رقم ملندي رهندي.

ان زماني ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن بابت ڪنهن کي ڄڻ ڪِنِ به ڪانه هئي ۽ جنهن جا نتيجا به اڳرج جهڙا نڪتا. هن وقت تائين انگريزن لاءِ لاهور ائين هئي جهڙيءَ ريت ١٨٤٠ع ۾ ڪابل هو. انگريزن جيڪا حڪومت بنائي هئي سا سندن سهائتا کان سواءِ هڪ وک به هلي ڪانه ٿي سگهي. تنهن ڪري حالتن انگريزن کي پنجاب ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو هو. پر ڪابل جي پيٽ ۾ هتي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا ويا هئا جيڪي هتان جي ماڻهن لاءِ قابل قبول ئي ڪونه هئا.

# ملتان جو ڌڪوئيندڙ واقعو

سنه ١٨٤٦ع جي پڇاڙيءَ ڌاران ڀيرو وال جو عهدنامون ٿيو هو. ١٨٤٧ع وارو سال به خير خوبيءَ سان گذري ويو لارينس هڪ نوجوان عملدار هو جيڪو سدائين پنهنجي ڦلائيندو هو ۽ گورنرن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪا ڳالهه ڪرڻ ئي ڪونه ڇڏيندو هو. سندن خواهش هوندي هئي ته راڄينتي مامرن ۾ نياءَ ۽ نيت سان هلڻ گهرجي ۽ انتظامي طور ڪم جي اڪلاءَ ۾ تيزي هجڻ گهرجي. ملتان وارو صوبو افغانستان کان سنه ١٨١٩ع ۾ فتح ڪيو ويو هو. ان کان هڪ سال اڳ ڪشمير پنجاب سان ملي چڪو هو. ملتان واري علائقي ۾ پٺاڻن جي آبادي به گهڻي هئي ۽ زمين جي وڏي حصي جا مالڪ به هوندا هئا. هاري به سائن گڏ آيل پٺاڻ طبقو هو. ٿورا ڪڪا هندو به هاريو ڪندا هئا. پنجابي مسلمانن جو انگ تمام گهٽو هو جيڪي بکيا ڌکيا ۽ ڪنگال هئا. شهر ۾ هڪ اهم تجارتي مرڪز هو. واپاري طبقو هندو هو جنهن جو واپار افغانستان ۾ وچ ايشيا جي ملڪن سان هلندو هو. هيءَ شهر هندستان ۾ نهايت اهم ناڪ تي قائم آهي جتي غزني ۽ قنڌار کان ايندڙ رستا مختلف لڪن مان لنگهي هن شهر وٽ اچي گڏبا آهن. ماضيءَ ۾ سڀ حملہ آور ڌريون ٻهريائين هن شهر ۾ پهتيون آهن ۽ پوءِ هندستان تي حملو ڪيو آهي. سيئي رستا ان ڪري هتي اچي گڏيا هئا جو هيءُ شهر انهن مشهور ماڳن کان هيٺئين طرف آهي جتي وڏا درياه اچي پاڻ ۾ سنگم ڪندا هئا. اهي ڇاٽايل رستا پاڻيءَ جي اٿاٽ وارين ايراضين کان وڪڙ ڪري لنگهندا هئا. اها صورتحال برطانيہ سرڪارجي آبپاشي نظام شروع ٿيڻ کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿي.

ملتان جو ديوان يا گورنر پاڻ پنهنجي علائقي جي ڍل ۽ محصول جو تعين ڪندو هو ۽ اوڳاڙي ڪرائيندو هو ۽ مرڪزي سرڪار کي اوڳاڙيل ڍل جو حصو پنهنجي مرضيءَ موجب ڏيندو هو. اوڀارين ملڪن ۾ محصول جي اوڳاڙيءَ جو طريقہ ڪار اهو هوندو هو. ڪيس لاهور ۾ گهرائي ليکي چوکي بابت ڪائنس پڇاڻو ڪيو ويو. سندس اوڻاين کي نظر ۾ رکي سندس ملازمت کي ختم ڪيو ويو هو. ريزيڊنٽ ڪيس مارچ ١٨٤٨ع تائين پنهنجا فرائض سرانجام ڏين لاءِ زور ڀريو هو.

اپريل ۾ ديوان مولراج جي جاءِ تي هڪ سک گورنر ملتان موڪليو ويو جنهن سان وانس ائگنيو به گڏ ويو. هيءُ ريزيڊنٽ جي عملي ۾ هڪ پوليٽيڪل

Gul Hayat Institute

عملدار طور ڪم ڪندو هو ۽ اصولن ضابطن موجب ڪيس هن گورنر جو صلاحڪار بنايو ويو هو. بمبئي جي يورپين ريجيمينٽ جو هڪ ليفيٽننٽ اينڊرسن کي نائب طور ساڻس شريڪ ڪيو ويو. صوبي جو انتظام سنڀالڻ سندن ذميواري هئي. ڪين اهو به ڏسڻو هو ته جيئن هي نئون گورنر ڪم جي شروعات چڱي نموني سان ڪري. هڪ فوجي جٿو جيڪو گورکن تي مشتمل ۽ سک فوج جي ماتحت هو ساڻن گڏ روانو ڪيو ويو هو جنهن ۾ ڪجهه توبون ۽ گهوڙيسوار به شامل هئا.

١٧- اپريل تي اچي ملتان جي اوڏڙو رهيا. هو ٻئي ڏينهن مرڪي شهر جي ٻاهران هڪ عيدگاهه وٽ پهتا جتي ڪين پنهنجي رٿيل سٿاءَ موجب ترسڻو هو. ملتان جي ديوان سندن نه جهڙي آجيان ڪئي ۽ مسٽر وانس ائگنيو کي فوج ۽ قلعيءَ ٻاندن جي معائني ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي.

اهڙي معائني ڪرڻ لاءِ ١٩- تاريخ مقرر ڪئي وئي. اپريل مهيني ۾ ملتان وارو علائقو گرم ٿي ويندو آهي. صبح جو سوير ٻن انگريز عملدارن ٽئين ديوان "سردار خان سنگهه مان" سان گڏجي معائني لاءِ روانا ٿيا گورکن جو فوجي دستو به هنن سان گڏ هو جيڪو ٻن ڪمپنين ۽ پنجويهن ٽرپرس تي مشتمل هو. اڪيون ديوان هنن کي قلعي جي ڪار ڦاٽڪ وٽ اچي مليو. قلعي جي ٻاهرئين ڦاٽڪ وٽ بيٺل هڪ ننڍڙيءَ ديوان کان پڇيو ته انگريز عملدارن لاءِ سندس ڪهڙا حڪم آهن. ديوان ڪيس وراڻيو ته هي صاحب آهن ۽ قلعي جا مالڪ آهن. ديوان اتي اهو به حڪم ڪيو ته سندس نوڪر چاڪر قلعي اندر داخل نه ٿين. وان ائگنيو پاڻ سان گورکن جي هڪ ڪمپني ساڻ ڪنئي ۽ ڪين حڪم ڪيائين ته قلعي اندر اهي جايون وڃي سنڀالن جيڪي اڳيئن گورنر جا مقرر ڪيل فوجي سنڀاليندا هئا.

قلعي جي معائني ڪان پوءِ وانس ائگينو، ديوان مولراج، ديوان خان سنگهه مان ۽ اينڊرسن ٻاهر نڪتا. قلعي واري سرڪٽي پل وٽ بيٺل هڪ ماڻهوءَ وانس ائگنيو تي ڏڦي سان جُلهه ڪئي ۽ ڪيس ٿورو ڪجهه گهائي وڌائين. ان ڪان پوءِ هڪ فوجي سپاهي سٽ ڏئي مياڻ مان تلوار ڪڍي انگريز تي وار ڪيو ۽ ڪلهي وٽ ڪيس ڦٽي وڌائين. ائگنيو ان ماڻهوءَ کي سوٽي هٿي ڪيرائي وڌو. اتي مسلمان فوجي به بيٺا هئا سي به تلوار اڀيون ڪري اينڊرسن تي جلهه ڪري آيا ۽ ڪيس ان جهيڙي ۽ چڏ وٽ واري وايو منڊل ۾ پنج گهاءَ رسيا هئا. هي وڳوڙ اچا هلي رهيو هو جو ديوان مولراج گهوڙي تي سوار ٿي "عام خاص" ۾ وڃي نڪتو جتي هو عام خاص ماڻهن سان ملاقاتون ڪندو هو. ان وقت اهو ڏنو ويو ته جنهن وقت زخمي انگريز آفيسر عيدگاه ڏانهن نيا پئي ويا ته سندس ماڻهو تر تڪڙ ۾ توبون ٻاهر ڪڍي رهيا هئا.

عيدگاه وٽ پهچي زخمي ائگنيو ني خط هڪ بهاولپور جي مسلمان حڪمران ڏانهن. ٻيو ديره جات جي انگريز ڪمانڊر ان چيف وان ڪورٽ لٽنڊ ڏانهن ياد رهڻ گهرجي ته ديره جات جو علائقو سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع آهي. ٽيون خط هن ديوان مولراج ڏانهن لکيو هو جهن ۾ چيو ويو هو ته هو ڪيس ان واقعي جو ڏوهي ڪونه ٿو سمجهي. هن ڪيس جوابي خط لکيو هو ته هو ڪيس ڏسڻ

# هربرٽ ايڊ ورڊ جو قصو

جنگ جو نئون نمونو اختيار ڪيو ويو جيڪو وڏيڪ بهادرانه هو. ليفٽيننٽ هربرٽ ايڊ ورڊس ديري فتح خان ۾ ريزيڊنٽ هيٺ سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع آهي. وانس ائگنيو ملتان ۾ جڏهن زخمي ٿيو ته هن جنرل ڪورٽ لئنڊ ڏانهن هڪ خط لکيو هو. اهو خط ڦري جڏهن هربرٽ ايڊ ورس کي مليو ته هن اهو پڙهي سک فوج وٺي هڪدم ملتان تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن فوج ۾ ٻه توبون ويهه زمبوراڪ، ٣٢٠ گهوڙيسوار ۽ پيادل جون ٻارهن ڪمپنيون هيون. هن ٻنون ۾ رهنڊڙ رينيل ٽيلر ڏانهن سنيهو مُجيو ته اتان پنڻ فوج جون ٻٽالنون چار گهوڙن جي مدد سان ڇڪجڻ واريون توبون ٻيڙين وسيلي "ليا" موڪلي ڏئي جيڪي پنجاب جي پاسي سنڌوءَ جي ڪنار سان هڪ اهم شهر آهي ۽ پاڻ ٻه اوڏانهن وڌڻ لڳو. جڏهن ڪيس انگريز عملدارن جي ڪسي وجڻ جي ڪَل ڪَنين پئي ته هن پيش قدميءَ جي رفتار تيز ڪري ڇڏي. ليا ۽ رهنڊڙ سک عملدارن کي مولراج وٽان اڳئي حڪم پهچي چڪو هو ته جيڪا ٻيڙي ليا وٽ پتڻ ڪري ماري وجي ۽ ٽن هزارن تائين فوج گڏ ڪري حالت کي منهن ڏيڻ تيار ٿي وهي. انهيءَ حڪم تحت هن ٻيڙيون مارڻ شروع ڪيون پر جڏهن هربرٽ ايڊ ورڊس اتي پهتو ته هن ٻيڙين مارڻ وارو ڪم بند ڪرايو.

ايڊ ورڊس جوليا تي قبضو مولراج لاءِ صدمي کان گهٽ ڪونه هو. چناب ۽ سنڌوءَ جي وچ وارو سارو علائقو ٻروچن ۽ پٺاڻن سان ڀريو پيو هو جيڪي ڌاڙن ۽ ڦرين جي ڪرت سان لڳا پيا هئا. ايڊورڊ ڇا ڪيو جو ليا جي بچاءَ جي نقطئہ نظر کان ڪين فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ شروع ڪيو. علائقي جي صورت حال ايڊورڊس جي فائدي ۾ ڪانه هئي. پندرهن ڏينهن لنگهي ويا پر ڪاڌهؤن ٻه ٻهر ڪانه ٻهتي. ٻئي پاسي سندس ئي فوج ۾ مولراج جا ماڻهو ڀرتي ٿي ويا هئا ۽ ڳجهه ڳوه ۾ پنهنجي ڪم کي لڳا پيا هئا.

ايڊورڊس بهادر ماڻهو هو. هن سان گڏ پنجاب جو مسلمان سردار فوجدار خان ٻه هو جنهن جو واسطو ڪنهن امير گهرائي سان هو. هو پنهنجي ڀرتي ڪيل فوج سان چوٽ ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو هو. ٢٩- تاريخ تي مولراج پنهنجا ٤٠٠٠ ماڻهو موڪليا جيڪي ١- مئي تي وجي ليا پهتا. هن وقت مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪيترا طريقا هئا. هو سنڌو پار ڪري ايندڙ فوج جو انتظام ڪرڻ لڳو. هن کان علاوه هن سنڌوءَ پار قلعن مان سکن کي ٻاهر ڪڍڻ جو حڪم ٻه ڪيو هو ۽ انهن جاين تي هن پنهنجا فوجي مقرر ڪري روانا ڪيا. ١٥- مئي تي ايڊورڊس سان گڏ ليا ڏانهن وڌي رهيو آهي. بست هزار لشڪر ١٥ توبن سان گڏ ليا ڏانهن وڌي رهيو آهي. ان زماني ۾ ايڊورڊس پنجاب ۾ سک حڪومت خلاف مولراج جي بغاوتن کي ختم ڪرڻ واسطي ساري جنگي ڪاروائي جو مدار المهام هو. هن بهاولپور جي حڪمران

بهاول خان کي حڪم ڪيو هو تہ هو بہ پنهنجي فوج وٺي ملتان هيٺان ستلج اڪري. مولراج طرفان موڪليل هراول دستا ايڊورڊس هٿان شڪست کائي چڪا هئا. ان فتح جي ڪري پهراڙيءَ جي ماڻهن تي وڏو اثر پيو ۽ جون جي پهرئين هفتي دوران سنڌوءَ جي ٻئي پار وارو هن فوجي جو علائقو صاف ٿي چڪو هو. هن ڇا ڪيو جو مولراج کي بي خبر رکندي ساريون ٻيڙيون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ساري فوج سنڌوءَ پار پهچائي ڇڏي. ليفٽيننٽ ليڪ جو انجنيئرس سان واسطو هو. لاهور جي ريزيڊنٽ ڪيس حڪم ڪيو هو تہ هو وڃي بهاولپور جي فوج سان گڏجي ۽ هربرٽ ايڊورڊس جي وڃي واهر ڪري. ايڊورڊس هڪ نوجوان فوجي عملدار جيڪو پنهنجي عهدي ۾ ننڍو هو پر پاڻ کان تمام وڏيون ذميواريون سنڀالي رهيو هو. هزارين فوجي سندس ماتحت هئا. سک فوج جو جنرل وان ڪورٽ لئنڊ بہ هن جي حڪم هيٺ ڪم ڪري رهيو هو. سک فوجي ۾ پنجاب جي مسلمانن جو تمام گهڻو انگ هو. هندستاني بہ سک فوج ۾ شامل هئا سي سڀ سندس ماتحت هئا. مسلمان فوجي پنهنجي دل جي گهراين سان هاڻي برٽش جي پاسي هئا ۽ سک درٻار جي سچي سگهه هئا.

نيٺ ايڊورڊس کي وڃي پتو پيو تہ سال جي هن ڪاڙهہ واريءَ رت ۾ انگريز سرڪار پنهنجي فوج رواني ڪانہ ڪندي ۽ اهم ذميواري سک حڪومت تي پنهنجي ڪلهن تي رکڻي پوندي. پوءِ پاڻ ملتان تي ڪاهي وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي مولراج کي سندس پنهنجي قلعي ۾ وڃي سوگهي جهلڻ جو فيصلو ڪيائين. هن کان علاوہ ٻيا بہ ڪيترا اهم واقعا ٿيا جن کي هتي بيان ڪرڻ ضروري ڪونہ آهي. قصو ڪوتاهہ تہ هن ١٦ جون تي پنهنجي لشڪر کي پيش قدمي ڪرڻ جو حڪم ڏنو جيڪو سنڌوءَ سان وڌندو وڃي چناب جي ڪنار سان سفر ڪرڻ لڳو هو. سندس ارادو "ڪنري" پتڻ پهچڻ جو هو. بهاولپور واري فوج بہ چناب جي ڪاپي ڪناري سان گهڻو هيٺ منزل ڪيون ويٺي هئي. مولراج پنهنجي لشڪر سان اڳتي وڌي رهيو هو. سندس مقصد هو تہ هو هربرٽ ايڊورڊس کي درياہ اڪرڻ نہ ڏئي. ١٧- تاريخ تي بهاولپور جي دائود پوٽن بہ "ڪنري" ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ايڊورڊس جي پهچڻ تائين انهيءَ پتڻ جو بچاءُ ڪري سگهي. هربرٽ ايڊورڊ پتڻ تان پار ڪري رهيو تہ ڪيس توبن جي گولا باري جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن ٿورو اڳتي وڌي ڏٺو تہ اها داؤدپوٽن جي فوج هئي جيڪا مولراج سان مهاڏي ڏيڻ واسطي اتائي ويٺي هئي. هن دائود پوٽن کي گولا باريءَ کان روڪيو ۽ کين چيائين تہ جيستائين سندس فوج ۽ لشڪر ٽپ پار نہ ٿو ٿئي تيستائين ڪجهہ بہ نہ ڪيو وڃي. ٿين وڳين ڌاران ٻئي فوجون تيار ٿي بيٺيون ۽ جهيڙي جي شروعات ٿي وئي. مٿي ڄاڻايل ٽنهي فوجن جي وچ ۾ "ڪنري" پتڻ وٽ پوريون ست جنگيون لڳيون. سخت گولا باريءَ ۾ دست بدست جنگ کان پوءِ مولراج هارايو ۽ سندس فوج جا ٥٠٠ جوان مارجي ويا. جڏهن تہ انگريزن جي پاسي کان ٥٨ ماريا ۽ ٨٩ گهائجي پيا ۽ بهاولپور وارن جا هڪ سو ڪن ماريا ۽ زخمي ٿيا. مولراج جي فوج ۾ ست هزار مائهو هئا ۽ ملتان کان ٤٦ ميل وڙهيل هن جنگ کان اهو تعداد وڃي ٣٠٠٠ بيٺو هو.

ڪارڻ اهو هو تہ هڪ تہ سخت گرميون هيون ۽ ان ڪري بہ تہ فوج جي سخت جاني نقصان جو پؤ هو. ٻي ڳالهہ تہ ملتان تي حملي واسطي برطانيہ سرڪار جي حڪمت عمليءَ تي بحث مباحثو ڪونہ ڪيو ويو هو تہ ان معاملي ۾ انگريزن کي ڪيترو حصو وٺڻ کپي. جنرل گوف جو خيال هو تہ جيڪڏهن انگريز سرڪار طرفان ملتان تي حملو ڪيو وڃي تہ اهو مڪمل تيارين سان هجڻ کپي ۽ ان موسم دوران ڪيو وڃي جيڪا حملي ڪرڻ لاءِ ممڪن هجي. جنرل ۽ سندس عملي جو خيال هو تہ هن حملي واسطي ان سڪ فوج کي ڪتب آندو وڃي جنهن انگريز فوج جو مقابلو ڪري انهن هٿان شڪست نہ کاڌي آهي. تنهن ڪري اتر پاسي واري سک فوج کي ميدان ۾ لاٿو وڃي. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ هئي تہ فوج جو انگ ايترو تہ گهٽايو ويو هو جو جيڪڏهن ٻئي پاسي بغاوت منهن ڪڍي ها تہ ان سان منهن ڏيڻ ڏاڍو مشڪل هو.

## جنرل وش جو ملتان ڏانهن اسهڻ.

آخر ڳالهہ ان جاءِ تي بيٺي تہ سياسي شعبي جي ماڻهن کي ساريءَ فوج جي مهنداري نہ سونپي وڃي ۽ اهي فقط پنهنجي ليويءَ جي ڪمان ڪن. جنرل گوف ۽ گورنر جنرل اهو حڪم ڪيو هو تہ ريزيڊنٽ جي خواهش پوري ڪرڻ واسطي جنرل وش کي لاهور ۽ فيروزپور مان هڪ گهوڙيسوار برگيڊ ۽ بہ پيادل برگيڊون ڏئي ملتان واري جنگي محاذ ڏانهن روانو ڪيو وڃي ۽ ان سان سک فوج ۽ هربرٽ ايڊورڊس وارو لشڪر بہ گڏ هجڻ گهرجي.

يورپي فوج راوي ۽ ستلج وسيلي ٻيڙن سان رواني ٿي. باقي هندستاني لشڪر رات جو ڪنارن سان اڳتي وڌڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ ڪاڙهہ ۽ رڳهہ تمام گهڻو هو.

جنرل وش جڏهن ملتان پهتو تہ کيس معلوم ٿيو تہ هربرٽ ايڊورڊس شهر جي ڏکڻ پاسي کان فوجي وانڍ هنيون ويٺو هو. هن بہ ساڻس گڏ وڃي ڪئمپ ڪئي. باقي لاهور ۽ فيروزپور کان آيل لشڪر شهر کان بہ ميل اوبر ١٨ آگسٽ تي پنهنجون ڪئمپون قائم ڪيون. ان تاريخ تائين وانس اگينو جي قتل کي پورا چار مهينا ٿي چڪا هئا. جنرل وش کي ويجهو ٿيڻ واسطي ايڊورڊس ۽ شير سنگهہ پنهنجيون ڪئمپون ٿوريون سرڪاريون ڇاڪاڻ تہ جنرل ڏکڻ پاسي ۽ صفا ڪاٻي طرف وانڍ هنيو ويٺو هو.

شهر ۽ قلعي تي حملي ڪرڻ واسطي اڃا طئي ڪونہ ٿيو هو. شهر جي چوڌاري مضبوط قلعو هو جنهن جون ڀتيون گهٽيون اُچيون هيون. بچاءَ واسطي سگهارا چبوترا تعمير ٿيل هئا جن ۾ بندوقن ڇوڙڻ لاءِ مارن جي تعمير ٿيل هئي. ڪچي قلعي جي ڀت گهڻي موڪري هئي جنهن کي ڊاهي ناس ڪرڻ سولو ڪونہ هو. قلعي اندر شهر کي ڏنل عالم پناهہ بہ ڏاڍي مضبوط هئي ۽ شهر کان گهڻو مٿي هئي. غزني واري قلعي ۾ بہ اهڙي عالم پناهہ هئي. جنرل وش کي ڀرتپور تي ڪيل حملي

جو تجربو هو ۽ هڪ توبچيءَ جي حيثيت ۾ توبن سان گولاباري ڪرائي نهايت ڏکيائيءَ سان پڳو هو. جيڪڏهن هتي لارينس هجي ها تہ هڪدم چئي ڏئي ها تہ جڏيوس اک چنبي ۾ تہ ڊاهي ڏيانو. پر حقيقت اها هئي تہ جيڪڏهن قلعي اندر بچاءَ جو پورو بندوبست ٿيل هجي ها تہ قلعو فتح ڪرڻ جوڳو بلڪل ڪونہ هو.

**فوجي ترتيب:**

| | |
|---|---|
| ڪيولري برگيڊ- برگيڊيئر سالٽر | ٧- اريگيولر ڪيولري<br>١١- اريگيولر ڪيولري<br>١١ لائيٽ ڪيولري |
| ١- پيادل برگيڊ - برگيڊيئر هروي | ١٠ فوٽ<br>٨- بنگال نيٽو انفنٽري<br>٥٢- بنگال نيٽو انفنٽري |
| ٢- پيادل برگيڊ- برگيڊيئر مرڪم | ٣٢- فوٽ<br>٤٩- بنگال نيٽو انفنٽري<br>٥١- = = =<br>٧٢- = = = |
| | ٻہ ٽرپس هارس آرٽيلري<br>چار ڪمپنيون فوٽ آرٽيلري.<br>چار ڪمپنيون بنگال سئپرس<br>پايونيئرس- چار ڪمپنيون. |

گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ طئي ڪيو ويو تہ جنگ جي شروعات قلعي جي اتر ۽ اتر- اوڀر کان ڪئي وڃي. پنجاب جي ان وقت سياسي صورتحال ڪجهہ ڏانوانڊول هئي. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي ڏکڻ پاسي کان حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ طرف شهر جي پر وارين وسندين ويجهو دشمن جي مورچہ بندي ٻہ ٿيل هئي جنهن کي فتح ڪرڻ کان پوءِ خوني برج واري پاسي کان شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ سوچيو ويو هو.

٦- تاريخ تي قلعي تي گهيري وارو سامان ۽ هٿيار پهچي ويا. هن کان ٻہ ڏينهن اڳ ٤- تاريخ تي جنرل وش قلعي جي اختياريءَ وارن کي آڻ مڃڻ لاءِ سنيهو موڪليو ۽ ڪين اهو بہ جوائي موڪليائين تہ هي حملو سک دربار طرفان نہ پر برطانيہ سرڪار طرفان آهي. پر ڪيس ڪابہ ورندي ڪانہ ملي. هن ٦- تاريخ تي ڪاڙهہ رڳهہ جي هوندي بہ قلعي جي ٻاهر واري ايراضيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ شروع ڪيو. ڪجهہ هلڪا سلڪا حملا ڪري ساري ايراضي پنهنجي هٿ وس

Gul Hayat Institute

جنگ جي تياريءَ لاءِ وڏيڪ فوج ڀرتي ڪرڻ جا اختيار سونپيا ويا. هن سان گڏ جنرل سنڌ ۽ بمبئي مان بہ فوج طلب ڪئي. هن ساريءَ فوج کي پنجاب فوج جو نالو ڏنو ويو جنهن ۾ چئن برگيڊن تي مشتمل هڪ ڪيولري ڊويزن هئي ۽ ان جو مهندار برگيڊيئر ڪرٽن مقرر ٿيو. هي مشهور فوجي عملدار هو جيڪو هيئان ترقي ڪندو اچي فوج جي هن اعلي عهدي تي پهتو هو. جنهن کي ملتان واري محاذ کي جنرل وِش جي ماتحت رهڻو هو. ٻي ڊويزن ميجر جنرل سر والٽر گلبرٽ هيٺان رکي وئي. ٽين‌ءَ برگيڊ جو سربراه ميجر جنرل سر جوزوف ٿئڪ ويل هو. هو هن وقت تائين اهو گهوڙيسوار دستن جو مهندار رهيو هو. توبخانہ برگيڊ کي برگيڊيئر ٽينان جي ماتحت رکيو ويو جنهن ۾ ٨ هارس آرٽيلري ٽرپس، ٣- لائيٽ فيلڊ بئٽريز، فوٽ آرٽيلري جون ٨ ڪمپنيون ۽ قلعي جي گهيري سان لاڳاپيل ڳوريون توبون بہ شامل هيون. فوج جي ترتيب هن ريت رکي وئي هئي:

**١- ڊويزن**

| | |
|---|---|
| ١- ڪيولري برگيڊ- برگيڊيئر وائيٽ | ٣- لائيٽ ڊرئگون<br>٥- لائيٽ ڪيولري<br>٨- لائيٽ ڪيولري. |
| ٢- برگيڊ- جنرل وِش ماتحت | ------- |
| ٣- برگيڊ- برگيڊيئر پوپ | ٩- لانسر<br>١- لائيٽ ڪيولري<br>٦- لائيٽ ڪيولري |
| ۴- ڪيولري برگيڊ- برگيڊئر هيئرسي | ٣- اريگيولر ڪيولري<br>٩- = = =<br>١٢ = = = |

**٢- ڊويزن**

| | |
|---|---|
| ٣- برگيڊ- برگيڊيئر بيڪ فورڊ | ٢٩- فوٽ<br>٣١- بنگال نيٽو انفنٽري<br>٥٦- = = = |
| ۴- برگيڊ برگيڊيئر گاڊباءِ | ٢- بنگال يورپين<br>۴- بنگال نيٽو انفنٽري<br>٧٠- بنگال نيٽو انفنٽري |
| ٥- برگيڊ- برگيڊيئر هووي | ١٣- بنگال نيٽو انفنٽري<br>٣٠- = =<br>٥٢= = |

Gul Hayat Institute

# باب يارهون

# رام نگر ۽ چليان والا

چناب ۽ رام نگر ڏانهن پيش قدمي
چين جي درياهه مان پار ٽپڻ
سعد الود پور وارو محاذ
چليان والا ڏانهن پيش قدمي
ايپيرس جي بادشاهه پائرس جهڙي فتح
”ٽريز ابائوٽ“ جو قصو
ٻيو صبح

## چناب ۽ رام نگر ڏانهن پيش قدمي

وڪٽوريا دور جي هيءَ مشهور ۽ پنجين جنگ هئي. جيڪا اڻ ڪوني انگريزن جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي هئي. هن جنگ ڪري گهڻو ڪجهه ڦيتاڙو به پئجي ويو هو جيڪو لارڊ گوفي جي فوجي زندگيءَ لاءِ هڪ ٽڪو هو. انگريز فوجن پنهنجي سورهيائي جو سڪو ڄمائي يورپي فوجن جو نالو روشن ڪري ڇڏيو هو. پر هتي چليان والا واري محاذ تي نڪ ٻوڙي ۽ اڳيون ڪيو ڪرتيو پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. پر جيڪڏهن جنگ ڪي ماهرانه چاڻ موجب هلايو وڃي ها ته ايئن ڪونه ٿئي ها. شايد انگريز عملدارن سمجهيو هوندو ته سڪ انگريزي فوج جي اڪ ڏسي چڪا آهن ۽ هاڻي مهاڏي ڏيڻ جي منجهن ٽوم ئي ڪانه آهي، جيڪي ڪجهه عرصو اڳ برطانيه سرڪار جي فوجن آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ويچارا ٿي ويٺا هئا. هتي انگريز پناڻن ڪي به ڊوڙائي خيبر به ٽپائي ڇڏيو هو. جڏهن ملتان تي حملو ڪيو ويو ته هو

آرام سان ٻئي آئي ۽ اچي رام نگر ڀرسان منزل ڪيائون. سندس مقصد هو ته درياه جي ڪناري تي ٻيهي جنگ جو ڍنگ ۽ رنگ ڏسي. جڏهن ڪرنل هڪ دڙي تي پهتو جيڪو رام نگر جي ساڄي پاسي هو ته هن ڏٺو ته سک پنهنجون توبون اتان ڇڪرائي مورچه بنديءَ واري مکيه جاءِ ڏانهن وٺي رهيا هئا جيڪا درياه جي هن پر هئي ۽ سندن پنئين پاسي وارو لشڪر ان وقت شهر وٽان اڳتي وڌي درياه پار ڪري رهيو هو. هن لئي ۾ وارنر جي فوجين کي درياه مان ٽپندڙ فوج تي گولاباري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهن فوجين جي مرضي هئي ته ڪجهه ويجهو پهچي مٿن گولاباري ڪن. اها ڳالهه دل ۾ سانديي هارس آرٽيلري ڪجهه اڳتي وڌي ته توبون وچي واريءَ ۾ اڙيون. پر پوءِ به گولا وسائي دشمن کي گهڻو نقصان پهچايائون. ٻيءَ پر سکن جون ٢٨ توبون بيٺل هيون جن جوابي ڪارروائيءَ طور پنهنجي توبن جا منهن ڪولي ڇڏيا. درياه جي ايڪپري ڪناري سان وڏيون توبون به بيٺل هيون تن به آلا اوڳاڇڻ شروع ڪيا. هن ڪان علاوه سک ڪمانڊر پنئين لشڪر جي بچاءَ ۾ گهوڙيسوار دستا به روانا ڪيا. توبن جي بچاءَ واري فوج ۾ موڪليل گهوڙيسوارن ٥- ڪيولري تي حملو ڪري ڏنو. لئن ان ڪيولريءَ کي گهربل امداد ڏئي رهيو هو ۽ اڳتي وچي واريءَ ۾ ڦاٿو. ان ڪري انگريزن کي هڪ توب ۽ بارود جي ٻن گاڏين تان هٿ ڪڻو پيو هو جيڪي واري ۾ وچي ڦاٿيون هيون ۽ دشمن توبن جي ويجهو هيون. سکن جا هڙئي گهوڙيسوار دستا ان سان گڏ پيادل جا ٽي چار هزار به هن پر پهچي چڪا هئا. گوف ١۴- لائيٽ ڊرئگون کي مٿن حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سندن سپهه سالار هيولاڪ به جُوان مرديءَ سان اڳتي ڏوڪڻ لڳو. ڪرنل کي پڪ هئي ته سکن جي محفوظ فوج ضرُور پر پاسي لڪل هوندي. تنهن ڪري هو گهوڙو ڊوڙائي اڳتي وڌيو ته جيئن ١۴- ڊرئگون کي بچائي سگهي. پرڪيس سيني ۾ هڪ گولي لڳي وئي. گوف کي هن وقت احساس ٿيو ته هن ٻئي جي ڪم ۾ هرويرو دخل اندازي ڪري غلطي ڪئي آهي ۽ پنهنجي اي- ڊيءَ- سي کي روانو ڪيائين ته هو وچي ١۴- ڊرئگون کي اڳتي وڌڻ کان روڪي. پر ان وقت تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ ١۴- ڊرئگون دشمن ڏر جي بنهه وچ ۾ وچي پهتو هو. ليفٽيننٽ ڪرنل هيو لاڪ ۽ ٻيو عملدار، ١۴- ڊرئگون جي ڪمانڊ ڪري رهيو هو. دشمن فوجين گولن ۽ گولين جا وسڪارا لائي ڏنا هئا جنهن ۾ انگريزن جا ٢٣- ماڻهو مري ويا، ٩- عملدار ۽ ۴٩- سپاهي ڏکجي پيا. ٣- ڊرئگون، ٥- ۽ ٨- لائيٽ ڪيولري حملن مٿان حملا شروع ڪري ڏنا هئا. انهن حملن دوران سکن جي ڇڏيل توبن کي ڪِلَ هڻي بيڪار ڪيو ويو. هن جهيڙي ۾ به سکن جو گهڻو نقصان ٿيو ۽ ڪين پوئتي ڏکي وچي درياه ۾ ڇڏيو ۽ منجهائن گهڻا ٻڏي مري ويا. هن جنگ جو بهادر رسالدار- ميجر مير شير علي خان مارجي ويو. سندس عمر ٧٨ سال هئي. هن پورا سٺ سال انگريزن جي نهايت ايمانداريءَ سان ملازمت ڪئي هئي. (٢)

هن جهيڙي جو اهو نتيجو نڪتو. پوئتي هٽندڙ فوج مٿان هارس آرٽيلري وسيلي گولاباري ڪرائڻ ڪا غير فطري ڳالهه ڪانه هئي. پر ڳالهه اها هئي ته ايڏو وڏو حملو ڏاڍي بي ڌيانيءَ سان ڪرايو ويو هو. واءُ سواءُ نهڻ واسطي ڪو فوجي جٿو اڳواٽ ڪونه موڪليو ويو هو. ان ڪري توبون وچي واريءَ ۾ ڦاٿيون هيون ۽ هڪ توب هٿان هلي به وئي. سک گهوڙيسوارن واپس ٿي ۽ سندن توبن تي گولا وسائي فوج کي گهڻو ڊيڄاري ڌمڪائي ڇڏيو هو. حالتون ڪٿي ڪيڏيون به خراب هيون پر سکن جو تمام گهڻو جاني نقصان ٿيو. انگريز فوج قطارون جوڙي جهڙي نموني سان جيهڙو ڪيو سو ساراه جوڳو هو. لارڊگوف جي مقصد هو ته سکن کي چناب ڪان ٻَرينءَ پر ٽپائي ڇڏجي سو پورو ٿي ويو. هن جنگ دوران گهڻن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو پر فائدو ٿورو ٿيو.

١۴- حصار، ١۴- لائيٽ ڊرئگون جو حصو هو تنهن رام نگر جي جنگ واري ڏينهن چڱو هٿ ڏيکاريو.

هن جنگ مان اهو سبق مليو ته وڏن ڪماندرن کي گهرجي ته هو پنهنجن ننڍن ڪماندرن جي اختيار ڪيل حڪمت عملين ۾ بيجا مداخلت نه ڪن

## چيبن جي درياه کان پار ٿيڻ

جنگ جو هاڻي هڪ دلچسپ مرحلو شروع ٿي چڪي هو. ڇاڪاڻ ته هڪڙي پاسي هڪ وڏو درياه پار اُڪرڻو هو. ٻئي پاسي کان، نهايت سگهاري فوج توبن سان گڏ ٻرواري هر پتڻ جي سامهون اولهه پاسي مورچا هڻي ويٺي هي. رام نگر واري پتڻ وٽان درياه اڪرڻ انگريزي فوج لاءِ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته سامهون دڙي تي سک فوج توبن سان مورچه بند ٿي ويٺي هئي. انگريز فوج کي ويهن ننهن جو زور لائي کي اٽڪلون سٽڪلون ڪري سک فوج کي هن پتڻ کان پري ڪرڻوهو ۽ جنرل گوف ايئن ئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڳڙهي نالي هڪ پتڻ هو جيڪو رام نگر کان ست ميل مٿي هو ۽ اهو به دشمن ڏر جي هٿن ۾ هو. ان کان پنج ميل اڃا به پرتي ٻه ويجها پتڻ هئا جن مان هڪ جو نالو "راٿي خان" ۽ ٻئي جو نالو " علي شير کي چڪ" هو. درياه جي ان ٿاڪ وٽ جتان وزير آباد واري سٽڪ لنگهندي هئي هڪ پتڻ جيڪو رام نگر کان پورا ويهه ميل وِٿير ڪو هو. مٿي ڄاڻايل پتڻن مان ڪنهن به هڪ وٽان پار ٿيڻ، شير سنگهه جي فوج جي پاسي تي حملو ڪرڻ. ڪيس مورچه بنديءَ واري ماڳ وٽان هٽائڻ، پنهنجي فوج ۽ فوجي آمدرفت جي وسيلن کي درياه پار اڪارڻ، اڪ مان ماڪي لاهڻي

Gul Hayat Institute

ڪانه هئي. پر جنرل گوف جو تيار ڪيل هي منصوبو غير مناسب به ڪونه هو. ڪرڻ جي مارچ وچڻ کان پوءِ، گهوڙيسوار ڊويزن جو هيءُ عهدو اجا تائين خالي پيو هو. سر جوزوف ٿئڪ وٺل مهراج واري محاذ تي گهوڙيسوار ڊويزن جي ڪمانڊ ڪري چڪو هو. ستلج جي اوسي پاسي وارين جنگين ۾ به هن ساڳئي عهدي تي ڪم ڪيو هو. تنهن ڪري ڪيس وري به گهوڙيسوار ڊويزن جو سبهه سالار مقرر ڪيو ويو. هن ڪان علاوه ڪيس سيڪنڊ- ان- ڪمانڊ به بنايو ويو. سندس ڪم فقط اهو هوندو هو ته ڪمانڊ- ان- چيف جي ناهيل منصوبن تي سوچي ويچاري جيڪي گهٽو ڪري اڻ پورا هوندا هئا. اج ڪلهه اهو عهدو ڪونه آهي.

هن ساري روبدل کان پوءِ هن منصوبي موجب ڪيس درياه اڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن حڪمت عمليءَ موجب ڪين سعدالله پور ۾ دشمن سان به پاڻي ڪرڻا هئا ۽ اهو هڪ سونهري وجهه به هو جيڪو هٿ وٺي وڃايو ويو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو جو ڪمانڊر- ان- چيف پاڻ هڪ ئي وقت ۾ متضاد حڪم جاري ڪيا هئا. ٻي ڳالهه اها به تي جو سر جوزوف ۾ هن وقت اها اڏپ ۽ ڏيا ڪانه هئي جيڪا منجهس گوڙيسوار دستن جي مهندار هجڻ وقت هئي ۽ انهيءَ ڪي به ڪي ڏينهن تي ويا هئا. هاڻي منجهس اهي جوين ڏينهن نه هئا ۽ سفر هوريان هوريان ڪري رهيو هو. هن ۾ اها صلاحيت به ڪانه هئي ته جيڪڏهن مٿان ڪي غلط حڪم ملن ته فوجي هاجي جي امڪانن کي روڪرڻ واسطي انهن کي اورانگي ڇڏجي. هن اڪيون ٻوٽي اهو ڪجهه ڪيو جيڪو کيس ڪمانڊر- ان- چيف ڪرڻ لاءِ چيو هو.

سندس ماتحت فوج ۾ هڪ گهوڙيسوار برگيڊ، اريگيولر هارس جون به ريجيمينٽون، پيادل جون ٽي برگيڊون، ۵ موبائل ٽرپس، توبخانو ۽ ۱۸- پائونڊرس واريون ٻه وڏيون توبون شامل هيون. گڏ واري ٿوري فوج به ساڻ هئي. هن کان علاوه هراول طور به ڪمپنيون پيڙين جي پل ناهڻ ۽ پتڻ جي بندوبست لاءِ به فوجي دستا سندس حوالي ڪيا ويا هئا.

سندس پهريون حڪم ته صاف هو ته هو اول ته راٺي خان واري پتڻ تان پار ٽپڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪڏهن اهو دشمن ڏر جي قبضي هيٺ آهي ته اڳتي وڃي وزيرآباد واري پتڻ تان اڪري. ڪيس اهو به حڪم هو ته رات جي سفر کان لنوائي. پر جيڪڏهن هو دشمن جي کابي پاسي کان هڪ وڳين شام تائين درياه نه ٽو اڪري سگهي ته ڪيس دشمن تي حملو ڪرڻ ٻئي ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ ته جنرل گوف کي ياد هو ته اڳي جڏهن انگريزي فوج سانجهيءَ ويلي جنگ جوٽي هئي ته ان کي ڏاڍو هاڃو رسيو هو.

Gul Hayat Institute

اڏ پنڌ تي ساڳي ترتيب سان گهوڙيسوار برگيڊ هلي رهي هئي. ڪابي پاسي کان درياهه جي ڪاڌل ۾ هيٺ مٿي زمين هئي ۽ انهي پاسي کان بارنهن اريگيولر هارس وڌي رهيو هو. باک ڦٽي مهل تائين "دراول" ماڳ وٽ پهتا جيڪو ان لانگهي کان بارهن ميل هيٺ هو ۽ اتي پهچي مورچه بندي ڪئي وئي. ٢- ڊسمبر تي لارڊگوف کي پتو پيو ته ٿئڪ وئل فوج سميت درياهه پار ٿي چڪو آهي ته هن رام نگر جي پتڻ وٽ پهچي سک فوج تي گولا باري ڪرائي. جوابي ڪارروائي ۾ معلوم ٿيو ته اتي به ٿي توبون آهن جن سارو وقت مات ڪانه ڪئي. جنرل سمجهيو ته شير سنگهه انگريزي توبن کان ڊڄي پنهنجي منزل پٺي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي قائم ڪئي آهي. ان سان گڏ ڪيس هي خيال به آيو ته متان ڪيس ٿئڪ وئل جي پيش قدميءَ جي ڪڙڪ پئجي وئي هجي. ان ڪري ڪيس نئين خطري جو احساس ٿيو هوندو ۽ هن پتڻ تي پهريدار بيهاري پاڻ اڳتي وڌي ويو هوندو. ان وقت برگيڊ گاڊباءِ سندس فوج ڳڙهيءَ وٽان درياهه ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو رام نگر کان ڇهه ميل تي هو.

## سعدالله پور وارو محاذ

٣- تاريخ پره ڦٽيءَ، ٿئڪ وئل ساڳي فوجي ترتيب ۾ روانو ٿيو ۽ دشمن فوج جي جاسوسيءَ ڪري ١١- وڳين صبح جو وڃي حملو ڪيائين. هو دشمن کان چارميل پري هو. ڪمانڊر- ان چيف جو وٽس اچي خط پهتو جنهن ۾ لکيل هو ته ڳڙهي واري رستي سان واهر فوج وٽس پهچي رهي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ڪيس وري ٻيو خط پهتو ته تيستائين حملو نه ڪيو وڃي جستائين وٽس ان لانگهي وسيلي پار ايندڙ پيادل برگيڊ ۽ گهوڙيسوار دستا نه پهچن. تنهن ڪري هن لاءِ چناب واري لانگهي تي پنهنجو قبضو ڪري هلي وئي هئي. پر ان وقت ائين معلوم ٿي رهيو هو ته دشمن فوج موٽي اچي وري ان لانگهي کي پنهنجي قبضي هيٺ ڪري رهي آهي ۽ ان وقت فوجي اتي هوريان هوريان گڏ ٿي رهيا هئا. تنهن ڪري هن اتي پهنل فوج کي ڊوڙائي ڪڍيو. واهر واري فوج جي اوسيڙي وهڻ وات زيان ڪرڻ هو ۽ ٿئڪ وئل ان وقت سعدالله پور ڳوٺ وٽ واهر فوج جي اوسئيڙي ۾ جڻ اوڪڙو وينو هو. ڏينهن گذري رهيو هو ۽ لشڪر جي ٻاهرئين پاسي واري فوج ڳوٺ جي سامهون اچي ويٺي هئي. ٢-وڳين ڏاران بي شمار دشمن فوج جي پيش قدمي نظر آئي. پر ڳوٺ جي چوڌاري پوکيل ڪمند ڪري لڪل هئي. برطانيه سرڪار جي فوج جي پيادل، صورتحال مطابق سامهون واري ڪليل پاسي ڏانهن اڳتي سرڪڻ لڳي. سکن هن

چربر کي سمجهيو ته دشمن فوج پوئتي هٽي رهي آهي تنهن ڪري اڳتي وڌي پنهنجي وڏين توبن وسيلي گولا وسائڻ شروع ڪري ڏنا. سندن گهوڙيسوارن برٽش فوج جي ساڄي ڪان پنهنجي ڪاروائيءَ جي شروعات ڪئي جنهن ڪي برٽش جي ڪيولري برگيڊ جوابي حملو ڪري پوئتي هٽائي ڇڏيو. ائين ڪندي سک پيادل به حملي لاءِ اڳتي وڌندي ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن توبن جي مار اندر آئي ته مٿن توبن گولن جو وڏو ڦڙو وسائڻ شروع ڪيو. اهڙي ڪاروائي ڏسي سک پيادل اتي جو اتي ويهي وئي. ٻن ڪلاڪن جي گولا باريءَ کان پوءِ ٿئڪ ويل گهوڙيسوار فوج کي دشمن توبن تي حملو ڪري قبضي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پر اهو ان ڪري ناڪام ويو جو اهڙي حملي لاءِ ايڏي ڪليل زمين ڪانه هئي ۽ گهڻي دير به ٿي چڪي هئي. انگريزي لشڪر جون ٻاهريون چوڪيون جيڪي اڃي ڳوٺ وٽ وينيون هيون تنهن کي سک فوج ڏکي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو ۽ پاڻ ڏاڍي مضبوط ٿي اتي ويهي رهي هئي. سر جوزوف جي ماتحت فوج ڏينهن ٽيڻ تائين پنهنجا هٿيار رکي ڇڏيا هئا. انهيءَ ڪري انگريزن جي طفان ٧٠ فوجي ۽ ٤٠ کان ٥٠ گهوڙا مارجي ويا هئا. پيادل به هڪ گولي به ڪانه هلائي هئي.

٣- تاريخ تي جڏهن ٿئڪ وئل سکن سان جهيڙي ۾ جنبيل هو ته ڪمانڊر- ان- چيف پير پساريون مٿ ڪيون وينو هو. لڙيءَ آڏيءَ ڏاران ڪتا ڀونڪڻ لڳا جنهن مان پتو پيو ته دشمن فوج پوئتي هٽي رهي آهي. صبح جو ڏنو ويو ته پنجاب فوج ٻڙ پالها ڪري هلي وئي هئي. ان سان گڏ رام نگر جي سامهون وارو پاسو به خالي لڳو پيو هو. جنرل گوف سندن تعاقب ۾ ٩ لانسرس ۽ ١٤ لائيٽ ڊريگون کي هر پٽڻ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. ٿئڪ ويل به سندن پٺيان لڳي پيو هو. پر ٻنهي کي پنجاب جي هن ڀاڄوڪڙ فوج جي ڪاٿي رَئِي به نظر ڪانه آئي. اهي تيز رفتاريءَ سان جهلم ڏانهن وڌي ۽ افغان لشڪر سان ملي سگهن. ٿئڪ وئل به تيز رفتاري سان اتان نڪري هليو ويو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن ٨- تاريخ ڪمانڊر- ان- چيف جي رام نگر وٽان پار ڪندڙ فوج کي رهڻ واسطي هڪ ڪلي جڳهه ملي وڃي. دشمن فوج ايڏي ته تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي رهي جو پٺيان ايندڙ ٿئڪ وئل جي فوج سندس پاڇو به پسي ڪانه سگهي توڙي جو سندس پيش قدميءَ جي رفتار به تيز هئي. ان هوندي به آت پوَ کان چناب جا سڀ لانگها پٽڻ پنهنجي قبضي ۾ ورتا ويا هئا. سعدالله پور وٽ ٿئڪ وئل دشمن تي حملو ڪونه ڪيو هو ان ڪري ڪمانڊر- ان- چيف، سرگوف مٿس چڙيو ٻاه لڳو وينو هو. ٿئڪ وئل اڃي آپدا ۾ ڦاٿو هو جو ڪيس اها سڄي ڳالهه به سمجهائي ڪونه ٿي سگهيو ته اها غلطي هن جي نه پر سندس هئي. هن پاڻ حڪمن مٿان حڪم موڪلي ڪيس دشمن سان جنگ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو. سندس حڪم موجب

Gul Hayat Institute

ڪاڊباءِ فوج وٺي ڳڙهي وٺان درياهه پار ڪيو ۽ ان به اُڪرڻ ۾ تمام گهڻي دير لڳائي ڇڏي هئي. هن کان علاوه سرگرف ڪيس ٻن برگيڊن رواني ڪرڻ جو به وچن ڪيو هو، جيڪي وٽس ڪونه پهتيون هيون. اها ته جنرل گوف جي پنهنجي غلطي هئي جو خطن ۾ ڪيس جنگ نه ڪرڻ لاءِ حڪم روانا ڪيا هئائين. پر ڏاڍي جي مهريءَ ڏهه مٺا. ڪير چويس ته صاحب تنهنجي منهن ۾ به اگيون پر جيڪڏهن ٻئي پاسي ڏسجي ٿو ته ٿئڪ وٺل جو سارو لشڪر درياهه اڪري چڪو هو. دشمن سندس سامهون هو. سندس فوج به ڪائي ٻي پيٺ پريو هو. تنهن ڪري جيڪڏهن هو سرگوف کان مليل حڪمن جي انحرافي ڪري پنهنجيءَ سرت کان ڪم وٺي مٿن حملو ڪري ها ته صحيح هو ۽ دشمن فوج کي سخت شڪست ڏئي سگهي ها. جنهن شيءَ کان هنن لنوايو پئي اهو ئي ٿي گذريو. لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙيءَ نه وهي. هاڻي سک فوجون ايڪي ڪرڻ لاءِ آجيون هيون.

مختصر ته سعدالله پور واري ڳالهه ڪري انگريز ڪلڻ هاب ٿي پيا هئا. سک فوج وڏي جاڪوڙ ڪئي ته انگريزي فوج درياهه نه اڪري پر اهي نهايت ڪاميابيءَ سان درياهه پار ڪري ويا ۽ دشمن ڏر جو وار به ونگو ڪري ڪونه سگهيا هئا. جيڪڏهن ڪهڙي به فوج ائين ڪري ها ته هرڪو ان کي لوئي ۽ ڊوءِ ڊوءِ ڪري ها. ٿئڪ وٺل جي فوج هڪ ڏڪار جوڳو ڪم ڪيو هو. ان ڪري مٿس چڙيل هو. چاڪاڻ ته جڏهن هو درياهه پار به ڪري چڪو هو ۽ پوءِ تيز رفتاري سان پيش قدمي ڪري دشمن سامهون به پهتو ته ان اهڙي سونهري وجهه مان لاڀ چو نه پرايو. موجوده دور ۾ رابطي جا وسيلا جديد آهن. هوائي جهازن وسيلي دشمن فوج جي چرپر بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. اڳي، هن موضوع سان واسطو رکندڙ ڳالهيون، ماضيءَ جا غلط ورق سمجهي وسارڻ گهرجن. جنگ سان لاڳاپيل جديد مشنريءَ وري نيون مشڪلاتون پيدا ڪيون آهن، جيڪي وڏيڪ خراب آهن.

Gul Hayat Institute

## چليان والا ڏانهن پيش قدمي

هاڻي انهن ٻن جنگين مان پهرين لاءِ فضا تيار ٿي رهي هئي جن پنجاب فوج کي هميشه لاءِ ناس ڪري ڇڏيو. انگريزي فوج ان وقت ميداني علائقن مان نڪري روهه واري جوءِ مان پيش قدمي ڪري رهي هئي جيڪو ڪڏا ڪوپا ۽ هيٺ مٿي لڳو پيو هو. هن ميدان تي قديم دور ۾ هڪ مشهور جنگ به وڙهي وئي هئي. بهتر آهي ته هن جوءِ جي جاگرافيءَ جو بيان به ڪيو وڃي.

رڪندڙ معاملو هو. اهو فرض جنرل گوف جو هو ۽ ڊلهائوسيءَ جو منجهس ڪو ويساه ئي ڪونه هو ته هو اها ذميواري خوش اسلوبيءَ سان سر انجام ڪري سهگندو. پر گورنر جنرل جي طبيعت ئي اهڙي هئي جو هر ضروري ۽ غير ضروري شيءِ ۾ ٽنگ ضرور اڙائيندو ۽ ڪيس واندو وهڻ نه ايندو ئي ڪونه هو.

جنرل گوف ڪجهه وسوڙجي ويو هو. ڇاڪاڻ ته ڊلهائوسي چناب پار ڪرڻ مهل توبن جي سلامي وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. اها هڪ حقيقت هئي ته چناب پار ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي.

وقت گذري رهيو هو ۽ هرڪو ماڻهو انهيءَ سوچ ۾ وينو هو ته اهڙي وايو منڊل جو هڪدم خاتمو ٿيڻ گهرجي. اٽڪ اڃا به هر پرٽ جي قبضي ۾ هو جيڪو مسلمانن جي مدد سان دشمن سان اک اک سان ملائي مڙس ٿيو بيٺو هو. ڊلهائوسيءَ جي مرضي هئي ته ڏانهس واهرو فوج رواني ڪئي وڃي. ٣- جنوري تي اها خبر پهتي ته جنرل وش ملتان جو شهر فتح ڪري ورتو آهي پر قلعي جي فتح باقي آهي. ان وقت ڊلهائوسيءَ سمجهيو ته جنرل گوف کي هاڻي اڳتي وڌڻ گهرجي. ١٨- ڊسمبر تي شير سنگهه ڊنگهيءَ ڏانهن ڏهه هزار فوج رواني ڪئي هئي. انهيءَ جو سبب ڪهڙو هو. تنهن جو پتو ڪونه آهي. پر انهيءَ سان وزيرآباد تي حملي جو خطرو هو. گوف پنهنجو لشڪر موڪليو ته جيئن درياه جي پتڻن ۽ لانگهن تي قبضو ڪري ونجي. جڏهن ملتان جي شهر جي فتح جي خبر گورنر جنرل ڊلهائوسيءَ کي پهتي ته پوءِ هن جنرل گوف کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو. ١٠- جنوريءَ تي وري اهي خبرون پهچڻ لڳيون ته پٺاڻن اٽڪ جو قلعو فتح ڪري ورتو آهي يا هربرٽ پاڻ اهو قلعو خالي ڪري هليو ويو آهي. ميجر مئڪ سن جنرل گوف جو سياسي صلاڪار هو جنهن ڪيس مشورو ڏنو ته ڪيس چترسنگهه جي پهچڻ کان اڳ پيش قدمي ڪري اتي رسڻ گهرجي. جنرل گوف کي اهڙي صلاح ڏيڻ سندس فرضن ۾ شامل ڪانه هئي.

سرگوف ۽ سندس عملو انهيءَ ڳالهه تي لاهي پاهي بيٺو هو ته ڪيس اڳتي وڌڻ گهرجي. هن ڊلهائوسيءَ ڏانهن خط لکي اهڙي موڪل گهري ته هو هاڻي گهڻو ڪجهه مستحڪم ٿي چڪو آهي ۽ شير سنگهه تي حملو ڪرڻ چاهي ٿو. هن هيلان مان ئي اها اجاچ ڪرائي ورتي ته ملتان ۾ سکن جي سگهه ڪهڙن حالن ۾ آهي. اهڙيءَ ڄاڻ ملڻ کان پوءِ هن ١٠- تاريخ تي ڊنگهيءَ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي جيڪو سندس فوجي وانڍ کان ٻارهن ميلن جي وٿيءَ تي هو. هيءُ ماڳ رسول کان فقط اٺ ميل پري هو. ان ماڳ تي قبضي ڪري وزير آباد سڌڪ سان اڳتي وڌڻ ممڪن ڪونه هو.

ان رات هن سڀني ڪمانڊرن کي پاڻ وٽ سندس تيار ڪيل منصوبن کي

ٻڌو ۽ غورڪيو. ان ڪان پوءِ چليان والا ڏانهن وڌڻ جو فيصلو ٿيو جيڪو سندن فوجي وانڍ کان ٻه ٽي ميل پري ۽ سکن جي مورچہ بنديءَ جي بلڪل سامهون هو. سندس خيال هو تہ حملي ڪرڻ کان پهريائين اتي ويهي سک فوج بابت پوري معلومات هٿ ڪجي ۽ پوءِ حملو ڪجي. ان زماني جي ڪرنل پيٽرڪ گرانٽ جي ياداشت نامي مان سک لشڪر جي فوجي ترتيب جو پتو پوي ٿو جيڪو هن ريت هو:

لکي والا ۾سک فوج جي ساڄي طرف بنون ريگيولر هئي جيڪا رام سنگهہ جي ماتحت هئي، جنهن ۾ هڪ ريجيمينٽ گهوڙيسوار ۽ ١١ توبن سان چار بٽالنون پيادل هئي.

فتح جان-ڪي- چڪ وٽ، ٻہ ڪيولري ڪارپس، ڇهہ بٽالنون پيادل ۽ نيون پراڻيون ٢٢ توبون هيون. لاليان وٽ شير سنگهہ پاڻ بيٺو هو جنهن سان گڏ گهوڙيسوارن جي هڪ ريجيمينٽ پيادل جون ١١ بٽالنون ۽ ٢٠ توبون هيون.

رسول ماڳ وٽ ۽ لشڪر جي کابي پاسي ٻہ پيادل ڪارپس ۽ پنج توبون بيهاريون ويون هيون. ڪماندرن جي گڏجاڻيءَ جي پڄاڻيءَ ۾ جنرل گوف چيو هو تہ، "هيءَ جنگ نہ آهي پر شيطان جي رچايل خوني راند آهي" ۽ واقعي اها هڪ شيطاني جنگ هئي.

١٣- جنوري جو هڪ اهڙو سهاڻو صبح هو. سج چمڪي رهيو هو. برف پوش پهاڙن جي پويان ڪجهہ برفباري ٿي رهي هئي ۽ سامهون لوڻ واري جبل جون ڪئي چوٽيون ۽ ٻاهر نڪتل حصا نظر اچي رهيا هئا. فوج کي پوري ڄاڻ هئي تہ سڪندر ڪڏهن هن جاءِ تي مقابلو ڪيو هو. تنهن ڪري وانڍ جي وچ ۾ مچايل مَچَ جي چوڌاري بيهي هڪ ئي آواز هي ترانو ڳائي رهيا هئا:

Oh Sabres drawn and bayonets fixed
Fight Where fought Alexauder
For Paddy Gough's Cross bet wixe
Ball dog and Salamauder.

Gul Hayat Institute

اهو ڏاڍو سنو نظم هو جيڪو سچو ڪرو بہ هو.

ڊنگهي ۽ چليان والا جي وچ تي هڪ گهاٽو جنگهہ موجود هو جيڪو چليان والا جي پرسان هلڪو ٿيندو ختم ٿي ويو ٿي. فوج ڇهن قطارن ۾ اڳتي وڌي رهي هئي ۽ اهڙي ريت ريجيمينٽون بہ هڪ ٻئي پٺيان اٿين هلي رهيون. هرهڪ قطار ۾ هڪ سو گز جي وٿي هئي. فوج جي هرهڪ پاسي گهوڙيسوار برگيڊ وڌي رهئي ۽ هر برگيڊ اڳواٽ جاچ لاءِ پنهنجو بندوبست ڪيو هو. اتفاق وري اهو ٿيو جو لوڻ واري ان جبل جي هر چوٽي تي هر وڌندڙ فوجي قطار جي بلڪل سامهون هئي.

هندستان ۾ رهندڙ انگريزن جو خيال هو ته برطانيه سرڪار جي فوج سر ڏئي جيڪا سوڀ مائي هئي سا فتح نه پر تباهي هئي. اها هڪ خراب رسم آهي جو ريجيمينٽ ۾ ڪنهن غلط قسم جي خبر تي بندش پيل ڪانه هوندي آهي ۽ اخبارن وارا به تيليءَ مان ٿنڀ ۽ اٽي جو گهوٻاٽو لکي ڇڏيندا اهن. ريجيمينٽ جو هر هڪ ماڻهو پنهنجي ماحول مطابق اندر جو اوبر ڪڍندو آهي ۽ اهو ڪجهه ماهرانه انداز ۾ ائين ٻڌائيندو چڻ هو جنگ جي هر راز ۽ رمز کان واقف هجي پر هٽندو رڳي گپ ۾ لٿيون آهي. جڏهن اهڙيون خبرون انگلنڊ پهتيون ته پارليامينٽ آپي مان ٻاهر نڪري پئي. آواز اٿڻ لڳا "لنل گوف واپس گهرايو" سر چارلس نپئير به ڪائي پي اڇهور آيو هو ۽ قبر ۾ ڄنگهون لڙڪايو ويٺو هو. سو تنهن کي تر تڪڙ ۽ ڪڳي مان يقين شاه ٻڌائي يا گڏهه کي گج پارائي سِينڌ سرما ۽ تيل قليل ڪرائي هندستان موڪليو ويو. لارڊ ويلنگٽن سرچارلس نئپيئر کي چيو ته "جيڪڏهن تون هندستان نه ٿو وڃين ته مان ويندس" ڪاٽي ڪنڌ تي نيٺ اچي هندستان پهتو. جهور ڪراڙو- جهڙو رانديڪو. ماضيءَ جي مزلر- پنهنجي وچڙيل فوجي ساٿين لاءِ سندس اکيون اٿيهئي آليون.

لارڊ ڊلهائوسي به اُباڻڪو ۽ ٻاڪل- آئي وئي کي چوندو هو ته گوف جي ڇيگراين کيس ڇرڪائي ڇڏيو آهي.

هن واقعي جي ويهي ڇنڊڇاڻ ڪجي ته پتو پوندو ته اهو هاڃو حالتن ڪري رسيو آهي. ڪجهه غلطيون فوج جون پنهنجون به هيون. جيڪڏهن جنرل گوف جنگ وارو ميدان ڇڏي هليو نه وڃي ها ته ايڏو ڪِيس ڪلور ڪونه ٿئي ها. سندس ڪئمپ جنگي ميدان جي ويجهو ته هئي. دشمن فوج جيڪڏهن حملو ڪري ها ته پهريون اها سگنل ڏئي ۽ گولا ڇوڙي ها ۽ ويجهي اچڻ کان اڳ ڪَتِيل توبون ڇڪي پنهنجي فوج ۾ ٻيهاري سگهجن ها. مئن جا مڙهه ۽ زخمي به سولائي سان مناسب جڳهن تي پهچائي سگهجن ها.

بهرحال انگريزي فوج جي پهچڻ کان اڳ دشمن جنگ جي ميدان کي صاف ڪري چڪا هئا. مينهن پوڻ تائين انگريزي فوج جنگ ميدان تي مورچه بندي ڪري ويهي رهي. جستائين جهڙي ڦڙي هئي ته وچڙيل فوجي ساٿين لاءِ سندن جيءُ جهڄندو رهيو. جڏهن بوندن بس ڪئي ته ڪانئن ويا به وسري ويا. پوپ جي ڪيولري برگيڊ سندن ڳچ ڳاري ڇڏيا هئا. پر ڪورٽ آف انڪوائري جي ڀڃا ڳاڇا کان پوءِ مامري جو پتو پيو ته اصلي ڏوهاري ۱۴ - ڊرئگون آهي.

Gul Hayat Institute

باب ٻارهون

# دشمن تي رحم ۽ جنگ جو خاتمو

- چليان والا ڪان پوءِ
- ملتان جي فتح
- گجرات واري سوڀ
- سک فوج جي آڻ مڃڻ
- پنجاب جو انگريز حڪومت سان شامل ٿيڻ
- ڪمپنيءَ جي ذميواري جو خاتمو

## چليان والا ڪان پوءِ

چليان والا جي جنگي ميدان تي فتح انگريزن جي ٿي. لارڊ گوف اتي مورچه بندي ڪري ويٺو رهيو ۽ ڪئمپ جي چوڌاري بيٺل جهنگ کي وڍي صاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئائين. ٿوري وقت اندر اهو وڍجي صاف ٿي ويو ۽ هر چيز چٽي نظر پئي آئي. فوج به ساهه پٽي ساڄي ٿي هئي. لارڊ ڊلهائوسي ۽ ٻين جي مرضي هئي ته جيستائين ملتان ۾ جهڙيندڙ فوج وٽس پهچي تيستائين هو ڪيڏانهن پيش قدمي نه ڪري. هن ڪان علاوه ٻي فوج هيٺان اتر ڏانهن پيش قدمي ڪري رهي هئي. چاڪاڻ ته لاهور ۾ ان جي اشد ضرورت هئي. ملتان جي فتح ڪري حالتون چڱ ڀاڱؤن چاڱؤن سازگار ٿي ويون هيون.

گورنر جنرل به لڌيانه ۾ ان انتظار ۾ ويٺو هو ته ڪڏهن ٿو ممنوع ماڻهن جو معاهدو طئي ٿئي ۽ ڪڏهن ٿو هو اهڙي فيصلي جو اعلان ڪري.

Gul Hayat Institute

پر اٽڪ جو قلعو انگريزن کان ڇڏائجي ويو هو ۽ دوست محمد سان اچي رسول ڳوٺ وٽ منزل ڪئي هئي. چتر سنگهه به پشاور ۽ هزارا جي سک فوج سان گڏ تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪندو شير سنگهه سان ملي گڏيل ڪاروائيءَ لاءِ هلندو پئي آيو جيڪو چليان والا جي محاذ کان هاٽي واندو ٿي چڪو هو. هن محاذ تي ڪيس زبردست شڪست آئي هئي پر ڪرائسٽي وارو سارو توبخانو ڪيس هٿ اچي ويو تنهن ڪري سندس ڪجهه ساک ڄمي وئي هئي.

جڏهن مٿي بيان ڪيل سڀ فوج اچي وٽس سهڙي ته لارڊ گوف ڪي مورچه بندي مان ڪڍي ميدان تي آڻڻ جا جتن ڪري رهيو هو ۽ پنهنجين فوجن کي آٽي ٽڪرين جي لاهوندين ۾ وهاريو هئائين. آئرلئنڊ جا ماڻهو ٽانڊي ٽپڻا ٿيندا آهن. پر هن مهل هو ڪاوڙ کي پاڻي جيان پي ويٺو هو ۽ مورچن مان هڪ وک به ٻاهر ڪونه ٿي نڪتو. هوڏانهن جنرل وش به ڪُميءَ جيان ڳهندو پئي آيو. اريگيولر ڪيولري جي انگريز عملدارن جون سک ڪيولري سان جهڙپون ٿيون هيون جن ۾ نيويل چيمرلئن ۽ ٻين عملدارن کين شڪستون ڏنيون هيون. شير سنگهه پنهنجي بي شمار فوج وٺي روهه واري رڻ پٽ منزل ڪيو ويٺو هو. لارڊگوف جو خيال هو ته اهو علائقو غير آباد آهي تنهن ڪري فوج جي کاڌي خوراڪ لاءِ بندوبست ڪري ڪونه سگهندو. پر هو جيڪو گهٽ جهلي ويٺو هو سو انگريزي فوج لاءِ نهايت خطرناڪ هو. هو فوج جي گذاري واسطي ڪنهن سائي ستابي علائقي ڏانهن ضرور اسهندو ۽ ڪيس سياسي نقطئه نظر کان سک گهٽائي وارن علائقن جي ويجهو رهڻو پوندو. هاٽي هو مسلمان گهٽائي وارن علائقن ۾ رهيو پيو هو جيڪي سندس سڄڻ گهٽ هئا.

هو ڏهاڙي صبح جو نڪري برطانيه سرڪار جي فوجي منزل ڏانهن بکين نظرن سان ڏسندو هو، جتي وڏي پهريداري ۽ خبرداري سان حفاظتي فوج سان گڏ، کاڌي خوراڪ جو اڻ ميو سامان پيو ايندو ويندو هو ۽ پاڻ کي بيو پنبندو هو ۽ نڪر جي ڪنجيءَ لاءِ پيو سڪندو هو. هڪ پيري ڪنهن ڪيس شڪاري ڪتو ڏيکاريندي چيو هو ته هيءُ جانور توکي انگريز فوجي ڇانوڻيءَ ۾ پير ٿي پائڻ ڪونه ڏيندو.

اهو به پڻ معلوم ٿي رهيو هو ته ان جابلو جوءِ ۾ راجپوت راڻا ۽ راجوڙا به گهڻا پريشان هئا. جان لارينس پنهنجي ليويز سميت ۽ برگيڊيئر ويلر پنهنجي جالندر جي فوجين سان ڪن ڪڙا ڪيون ويٺا هئا پر وڏي جنگي مهم اجا شروع ڪانه ڪئي وئي هئي.

Gul Hayat Institute

# ملتان جي فتح

جنرل وش پنهنجي فوج وٺي ملتان پاسي ڪئمپ هنيون ويٺو هو. هو توبخاني جو تجربيڪار فوجي عملدار هو. جڏهن ڪومبر ميئر ڀرتپور فتح ڪئي هئي تہ هي جنرل بہ ساڻس گڏ هو. جولاءِ مهيني ۾ ايڊورڊس ۽ ليڪ جڏهن برطانيہ سرڪار کي واهر لاءِ ليلايو تہ هن جنرل کي موڪليو ويو هو تہ هو وڃي ملتانين کان وانس ائگنيو ۽ ائنڊرسن جي قتل ۽ سندن لاشن جي بي حرمتي جو پلاند ڪري. شير سنگهہ جي فوج بہ وڃي مولراج سان ملي هئي. هو ٿوري سهي لاءِ ملتان قلعي جي اتر پاسي وڃي ويٺو هو. پر پوءِ پنهنجي بيءَ ۽ ٻين باغين کي مدد ڏيڻ واسطي اوڏانهن وڃڻ لڳو. پر جنرل وش وٽ جيستائين بمبئي کان خشڪي ۽ درياهي سفر ڪري هڪ ڊويزن نہ پهتي تہ فوج تيستائين هن ملتان قلعي تي پتر بہ ڪونہ اڇليو. اها ڊويزن فوج بمبئي سرڪار جي اجائي گوٽ ناٽ ڪري مهينو دير سان پهتي هئي. اهڙيءَ ريت نومبر مهيني جي پهرئين اڌ ۾ جنرل وش ۽ سندس اتحادين ملتان جي ٻر پاسي ڳوٺن ۾ وسندين تي حملا ڪري، انهن کي ناس ڪري ملتان تي حملي جي تياري ڪئي هئي. قلعي جي ڀتين سان آباد وسندين کي هٿ بہ ڪونہ لاتو هئائون. ائين ڪري هن ملتان تي حملي کي ڇڻ سولو ڪري ورتو هو. ٢٢- ڊسمبر تي جنرل آنربل ايچ- ڊنڊس جي ڪمان هيٺ بمبئيءَ واري فوج بہ خير سان اچي پهتي. فوجي ترتيب جو احوال اڳئي قلمبند ڪيو ويو آهي.

٢٢- ڊسمبر تي قلعي تي گهيري جو اهو ساڳيو پراڻو طريقو اختيار ڪيو ويو. ٢٧- تاريخ تي اوسي پاسي واريون ساريون وسنديون صاف ڪيون ويون. قلعي پڄڻ وارا سارا اوزار هٿيار ۽ سامان خوني برج ۽ دهلي دروازي واري پاسي کان نصب ڪيا ويا هئا. ان ڪانپوءِ وڏين توبن ڀهڪڻ ۽ گجڻ شروع ڪيو هو. سياست جي شعبي سان لاڳاپيل عملدارن نعرا هڻي اوسي پاسي واري جوءِ ڪٽي مٽي تي ڪئي هئي. ٢٠- تاريخ واري رات تائين قلعي ۾ رهيل فوج ڏاڍي سورهيائي سان قلعي جو بچاءُ ڪري رهي هئي ۽ ويجهي ڇڪ مان ٢٠٠٠ فوجي گڏ ڪري انگريزي فوج جي ڪاٻي پاسي آئي بيهاريا هئائون. ان کان پوءِ جنگ تيز ٿي وئي. پر اها سندن آخري ڪوشش هئي. جيڪڏهن انگريزي فوج ۾ اونهاري وارو ڏيرج ۽ مانار هجي ها تہ دشمن ڏر جي ٻلَ واريون ٻانهون سياري جي رات جيترين ڊگهيون ٿي وڃن ها. وش جي طرف کان ڇوڙيل مارٽرن قلعي اندر رکيل گولا باروت جي ڀانڊي وڃي لڳو

تنهن جي پرسان هڪ جامع مسجد هئي. گولا بارود ۾ باه لڳڻ ڪري اها مسجد شهيد ٿي وئي. اهو موقعو صبح جو ٩- وڳين ٿيو. ان کان پوءِ قلعي اندران توبن جي آواز اچڻ بند ٿي ويو.

٢- تاريخ جنوري تي فوجي انجنيئرن جنرل وش کي ٻڌايو ته قلعي جي ڀتين ۾ اندر داخل ٿيڻ جوڳا ڀرِگهل ڪيا ويا آهن جن شهر تي حملي جو حڪم ڪيو ويو. بمبئي فوج جي اڳواٽي بابي فيوسيليئرس ۽ ١٩- بابي پيادل ڪري رهي هئي جن خوني بُرج وٽان قلعي جي ڀڳل ڀت وٽان شهر تي حملي جي شروعات ڪئي. پنهنجي فوج مهنداري برگيڊيئر اسٽاڪر ڪري رهيو هو جنهن جي اڳواٽي بنگال ڪامل ۽ ٣٢- هوٽ ڪري رهي هئي. ان سان گڏ ٤٩- بنگال ۽ ٧٢- بنگال پيادل به وڙهي رهي هئي جيڪي برگيڊيئر مرڪم جي ڪمان هيٺ هيون. انهن کي دهلي دروازي وٽان ڏٿل ڀت مان گذري شهر تي حملي ڪرڻو هو. هتي انجنيئرن کان ڪجهه غلطي ٿي وئي هئي. جڏهن حملہ آور فوج اتي پهتي ته ڀت ۾ ٿورو ڀرگهل هو ۽ دهلي دروازي وارو برج صحيح سلامت بيٺو هو. جڏهن برگيڊيئر مرڪم کي صحيح صورت حال جو پتو پيو ته هو پنهنجي فوج وٺي جلديءَ ۾ ڀڳل ڀت جي ان حصي ڏانهن هليو ويو جتان شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ اسٽاڪر واري فوج گذري رهي هئي ۽ پنهنجي فوج کي ان جي پويان وڌڻ جو حڪم ڪيائين هن قلعي اندر پهچي دهلي دروازي وٽان شهر تي حملي جي شروعات ڪئي.

اسٽاڪر جي ماتحت فوج به اهڙو ڪو سوراخ ڪونہ ڏٺو تنهن ڪري اهي قلعي جي ڏٿل ڀت جي وٽيءَ ۽ سرن جي ڪوڙي تان مٿان اڪرڻ لڳا. آڏو دشمن جي بندوقن مان گولين جو مينهن وسي رهيو هو. سرجنٽ جان بينيٽ جي هٿ ۾ هڪ لڪڙو هو جنهن جي مدد سان قلعي جي ڏٿل ڀت جي ڀنجهوءَ مٿان ٽپ ڏئي قلعي جي ڀت تي چڙهي ويو ۽ اتي بيٺو رهيو. فوجي سپاهي ڪيس ڀت تي چڙهيل ڏسي نعرا هڻندا اندر شهر ڏانهن هلندا ٿي ويا. بعد ۾ قلعي کي ڪاٽ هڻڻ وارن، اُن ڳِتي کي وڏيڪ ڪوٽي سولو ۽ لنگهڻ جوڳو ناهي ورتو هو. ٻر پوءِ فوج قلعي مٿان به ٽپي اندر وڃڻ شروع ڪري ڏنو. شهر جون گهٽيون نهايت سوڙهيون هيون جتي دوست بدست جنگي هلي رهي هئي. ليڪن اهي انگريزي فوج جي وڙهڻ جو تاب نہ سهي پوئتي ڀڄڻ لڳا هئا.

پتو ناهي تہ الائي ڪهڙي سبب ڪري شهر مٿان باضابطہ حملو منجهند تائين ٿي ڪونہ سگهيو. اهو سال جو نهايت ننڍڙو ڏينهن هو. ساري فوج ٤- وڳي تائين مس اندر داخل ٿي سگهي هئي. گهٽيون اونداهيون هيون ان ڪري ڪن جاين تي دشمن جي سرسي به ٿيڻ لڳي. ڪن ماڻهن وٽي گولاباروت ۽ گهرن کي باهيون ڏنيون ۽ انهن باه ڏيندڙن مان فقط هڪ ڇٽو ڀڃري سڙي ويو. بمبئي واري برگيڊ

انگريزي ڌر واري فوج ڀيريون ائين ڪونہ سمجهيو هو. سک فوج جي ائين آرام سان گذري وڃڻ ڪري گوف منان ڏاڍا ڇوهہ ڇنڊيا ويا هئا جيڪا سندس لشڪر جو پاسو ٽڪرين جي وٽ ڏئي آرام سان اڳتي لنگهي وئي هئي. دشمن فوج تہ ڪٿي اتان رات جو گذري هئي پر سندس پنيان ايندڙ سامان سڙو تہ اتان ڏينهن ڏني جو لنگهيو هوندو تنهن کي پڻ هِڙهہ بہ ڪونہ ڪيائون. ڇيو وڃي ٿو تہ ڪماندر- ان- چيف جو خيال هو تہ جيڪڏهن ڪيس دل ۾ اهڙو ويچار آيو هوندو تہ ”جيڪڏهن هو سک فوج تي ان وقت حملو ڪري ها تہ اها ان جابلو جوءِ ۾ ٽڪي پوي ها“. سندس مرضي هوندي تہ پلي اڳتي هلي ڪنهن پٽ پڌر تي پهچي جيئن انگريز فوج حرفت هلائي ڪيس سولائيءَ سان ناس ڪري ڇڏي ۽ پڪ آهي تہ هن کي اهڙي اگري صلاح ضرور پيٽ گرانٽ جهڙي ماڻهوءَ ڏني هوندي. سندس پاسي ۾، هينري لارينس کان بہ عقل ۾ وڌيڪ ماڻهو موجود هو ۽ اهو چليان والا جي فتح کان بہ اڳ ۾ سائنس گڏ هو. هو پنهنجي فوج زندگيءَ ۾ سدائين جاڪوڙيندو رهيو هو ۽ ڪجهہ ساه پٽڻ سانگي انگلنڊ هليو ويو هو. جڏهن ڪيس اها خبر پئي تہ اهو شهر جنهن ۾ سندس گهر هو فتح ٿي ويو آهي تہ هن هندستان اچڻ جي موڪل گهري. جڏهن هو اتي پهتو تہ لارڊ ڊلهائوسيءَ ڪيس فوجي خدمتون سرانجام ڪرڻ لاءِ اوڏانهن موڪلي ڇڏيو. ڪيس مختلف علائقن جي مشهور ماڻهن ۽ اتان جي مسئلن ۽ مامرن کان پوري پوري ڄاڻ هئي. دنيا جي معاملن کان بہ گهڻو واقف هو. هو پنهنجي لشڪر کي ڪنهن ٻي فوج سان خواهہ مخواه دخل اندار ڪرڻ کان روڪيندو هو ۽ معاملن کي طئي ڪرڻ ۾ جنگ بدران سياست کان ڪم وٺڻ جو حامي هو.

١٣- فبروري تي برگيڊيئر ڇيپ ڪجهہ اريگيولر فوج سان گڏ چليان والا پهتو ۽ اچي فوج جي چيف انجنيئر طور ڪم ڪرڻ لڳو. هن لارڊ کي اهو بہ ٻڌايو تہ ملتان فتح ٿي چڪو آهي ۽ اتان واري فاتح فوج ويهہ ميل في ڏينهن جي تيز رفتاريءَ سان منزلون ڪندي اڳتي وڌي رهي آهي. ٻئي ڏينهن ٻڌو پيو تہ سک فوج گجرات پهچي چڪي آهي ۽ ان شهر جي ڏکڻ پاسي مورچہ بندي بہ ڪري ويٺي آهي. گوف ١٥- تاريخ اتان پنهنجي منزل پٽي ۽ چناب جو رخ ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو ٻيءَ پر نہ اڪري. ١٨- تاريخ هو ڪونجا وٽ پهتو جيڪو سعدالله پور ۽ گجرات جي اڌ پنڌ تي واقع آهي. ٻ دسمن علائقي مان گذري رهيو هو. سندس فوج جي چئن پاسن کان گهوڙيسوار دستا هي رهيا هئا. ڪونجا اهڙو ماڳ هو جتي ويهي وزيرآباد جي سيني لانگهي ۽ پتڻ تي ضابطو رکي سگهجي پيو جيڪو اڳيئي انگريزي فوج جي قبضي ۾ هو.

٢٠- تاريخ تي انگريزي فوج وڃي گجرات جي اوڏو پهتي ۽ ان جون

Gul Hayat Institute

ڏينهن صبح جو ١٨- تاريخ تي گلبرٽ اٽڪ جڏي پل تان ٽپي پشاور ڏانهن پنڌ پيو ۽ ٢١- تاريخ تي وڃي اتي پهتو. پر پٺاڻ فوج ۽ دوست محمد جو هتي نانءُ نشان به ڪونه هو. سندن توبون، پيادل ۽ سامان جيڪو سندن هيو يا نه هيو ڪٽي تيز رفتار آنڌاري جيان پڇي هليا ويا هئا. گلبرٽ به دير ڪانه ڪئي. پنهنجي گهوڙيسوار دستن سميت جمرود پهتو ۽ اتي لشڪر جي پٺ واري فوج تي مس وڃي سندن نظر پئي جيڪو اڪرم خان جي اڳوائيءَ ۾ واپس وڃي رهيو هو. هو سکن جي شڪست بعد گجرات کان ڀڄي هليو ويو ۽ ۽ خيبر لڪ اڪري سر بچاءَ لاءِ علي مسجد وٽ ڪنهن مناسب جاءِ واسطي ڪوشش ڪري رهيو هو. سندن ٽور- وقتي اتحادين، سکن وٽ هڪ عام چوائي آهي ته پٺاڻ کي انگريز پشاور ماٿري مان لٽون هڻي ڪتن جيان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو". اهي امان الله جي دور ١٩١٩ع تائين اتي نظر ئي ڪونه ايندا.

انگريزن جي پنجاب خلاف جنگي مهم اڄهو ائين پوري ٿي جنهن کي ٻيءَ سک جنگ به سڏيو ويندو آهي. پنجن جنگين مان هيءَ آخري جنگ هئي جيڪا ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج وڙهي. ڇاڪاڻ ته مٿس مغل راڄ جو ڀوت سوار هو ۽ پيو ته اڄرج جهڙي "سنڌوءَ جي سنيهه" مٿس ڇانيل هئي... سنڌوءَ جي ڇِڪ ڪيڏي نه عجيب آهي.

## پنجاب جو انگريز حڪومت شامل ٿيڻ

جان ڪمپنيءَ جي هن ڪتا جي ختم ٿيڻ کان پهريان لارڊ ڊلهائوسي ۽ فوجي اختيارين کي ڏسڻو پوندو ته فتح ٿيڻ کان پوءِ پنجاب جو معاملو ڪيئن طئي ٿيو جنهن ڪانپوءِ ۽ پنجاب مهاراجا کي انگلنڊ روانو ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ به ته هن خاص طور تي سکن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ۽ عام پنجاب بابت سندن رويو ڪهڙو هو. جڏهن ١٨٥٧ع ۾ بنگال ۾ بغاوت منهن ڪڍيو هو ته سکن انگريزين جي تمام گهڻي مدد ڪئي هئي. ان کان پوءِ اهي سک ئي جن يونين جئڪ وارو جهنڊو پاڻ هٿن ڪري ديوار- چين کان فلئٽ آف فلانڊر تائين وڃي پهتا. لارڊ گوف، گجرات واري عظيم فتح کان پوءِ جنهن کي عام طور وڏي رحم ۽ ديا وارو واقعو سڏيندا آهن. گورنر جنرل سان گڏ ويهي ان ملڪ ۾ مقرر ٿيندڙ فوج بابت سوچي ويچاري رهيو هو. ان سان گڏ هن کان پوءِ ايندڙ ڪمانڊر- ان- چيف کي چارج ڏئي رهيو هو. فوج کي تمام گهڻي خوشي هئي جو هلندڙ جنگ جي وچ ۾

Gul Hayat Institute

ضرور ختم ٿي وڃي ها نہ تہ ١٨٥٧ع واري عام بغاوت يا بنگالي فوجين وارو بلوو هن کي ڏاهي ضرور پٽ ڪري ڇڏي ها. هيءَ ڪمپني گهڻي وقت کان وٺي پنهنجو وجود قائم رکيو پئي آئي. هن پنهنجون ذميواري نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيون جنهن مان پتو پوي ٿو تہ انگريزن کي منظم هجڻ جي وڏي صلاحيت آهي ۽ جيڪڏهن ڪين ڪو ڏکيو ڪم منهن ۾ اچي ٿو تہ ان کي نباهي پوري ڪرڻ جو منجهس حوصلو آهي. هن حقيقت کي بين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ٿو تہ هندستان جي جيتري علائقي تي اڄ انگلنڊ جي تاج جي حڪمراني قائم آهي ايتري ساڳي علائقي تي ڪمپنيءَ جو ڏاڪو ڄميل هو. يعني ڪمپنيءَ سارا ڪُڌا ڪرتوت انگلنڊ جي تاجدار جي حڪمراني قائم ڪرڻ واسطي ڪيا. انهن ڏاڍن ۽ ڌهڪائن مان هڪ ڪلور ائوڊ کي هندستان سان شامل ڪرڻ بہ هو. اها حقيقت هن معاملي کان ڇڻ الڳ قصو آهي. ان کان سواءِ هندستان جي هڪ وڏي صوبي جي انتظام جو سارو طريقو ڪار ئي بدلجي ويو جيڪو سدائين پنهنجي بادشاهن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيو ۽ اجا تائين رهندو اچي ها. حيدرآباد ۾ مغل گورنر رهندو هو جيڪو پوءِ اتان نڪري هليو ويو ۽ اهو ملڪ بہ انگريزي هندستان جي هڪ رياست بڻجي پئي هئي.

پورن ستر سالن کان وٺي هاءِ گهوڙا هلندي رهي تہ گند جي هن ڍير کي بهاري بڏر ڪيو وڃي. انهن گونگن ٻوڙن اختياري وارن کي ڇتاءَ بہ گهٽا ڏنا ويا هئا ۽ ڪمپني نيٺ بند ٿي وئي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اها پنهنجي فطري دور کان گهٽو اڳ بند ڪئي وئي هئي. ان ڪري ڇا ٿيو جو بنگالي فوج بلوو ڪيو ۽ جيڪڏهن عقل کان ڪم نہ ورتجي ها تہ هڪ بغاوت ۽ جنگ جي صورت اختيار ڪري وڃي ها.

ان ڪري نيچ سمان هندستان جو صوبو هڪ ترقي يافتہ ۽ خوشحال علائقو بڻجي پيو. لارڊ ڊلهائوسي ١٨٥٦ع تائين هندستان جو گورنر جنرل رهيو. هن پنهنجي تيار ڪيل منصوبن کي بہ ڪا اهميت ڪانہ ڏني. پنهنجي سهڻيءَ زال جو سات بہ وڃايائين پر هندستان کي آئي جديد ترقي واري گس تي بيهاريائين. ترقيءَ جي ان فڪر کي هندستان جي بغاوت جي هن باه سازي رک ڪري ڇڏيو. ڪرزن ڊلهائوسي کان اڌ صدي کي پوءِ آيو پر هندستان جا ماڻهو ان سڄاڻ ۽ سچيت انسان جي ترقيءَ بابت هر جتن ۽ جاکوڙ کي وساري وينا.

موجوده دور ۾ جڏهن هندستان جي ماڻهن واسطي نئين آڪاش ۽ نئين ڌرتي جوڙڻ واسطي نيون رٿون جوڙيندا آهن تہ ڪي ماڻهو جوندا آهن اها نئين دوزخ جي اڏاوت آهي تنهن کان پاسو ڪيو وڃي. اها نهايت گندي سوچ آهي. ماضيءَ جي ورق گرداني ڪرڻ ڪا خراب عادت ڪانہ آهي. جنگين جو هي ننڍو قصو هائي ٻڌائيءَ کي پهچڻ وارو آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هندستان جي دربار

جا حال ڪهڙا هئا ۽ صوبا ڪهڙين گندين حالتن ۾ گهيريل هئا؟ جتي اهڙا ڏوهه پاپ ڪيا ويندا هئا جن ڪي ٻڌي ماڻهن جي لونءَ ڪانڊارجي ويندي. هن قصي مان اها ڄاڻ به ملي ٿي ته به دشمن ڌريون ڪيئن پاڻ ۾ وڙهيون ۽ آخر پنهنجي تباهي ڪيئن پاڻ ڪيائون. هن سڄي مامري ۾ ڏٺو ويندو ته اخلاق ۽ ان جو استعمال ئي سڀ ڪجهه آهي. اهي بهادر انگريزي عملدار جيڪي مانيٽيءَ هندستاني فوج جي ڏڍ ۽ ٽيڪ هئا يا اهي مٿير جوان جن اهي ڏهن سالن واريون ڏکيون جنگيون وڙهيون يا اهي انگريز سورهه جوان جن بنگالي فوجن جي بغاوت کي ختم ڪرڻ واسطي بيش بها خدمتون سرانجام ڪيون سي انهن ماڻهن لاءِ وڏي وٿ هئا جيڪي فوجين ۽ جنگي هٿيارن سان بي پناه محبت ڪندا آهن. پنهنجي وقت جا اهي جُنگ جوان پينشن تي لٿل آهن ۽ ڪنهن به رجيمينٽ ۾ ملازم ڪونه آهن. سندن زندگي ڏاڍي بي مزي گذري رهي آهي ۽ ڏاڍا اداس رهندا آهن. ڇوندا آهن ته هڪ پيشور فوجي لاءِ پنهنجي رجيمينٽ جون يادگيريون پنهنجي خوبصورت وفا شعار گهر واريءَ جي عزت ۽ ناموس جيتريون پياريون هونديون آهن. پر جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ اهي ٻئي شيون نه رهن ته ان جو جيئڻ جنجال بڻجي ويندو آهي. برطانيه جا اهڙا ڪي ٻه چار فوجي وڃي رهيا آهن جن وٽ انهن ڏهن سالن واري جنگي حياتيءَ جون سونهري يادگيريون محفوظ آهن. ساڳي حالت ڪمپنيءَ جي يورپي رجيمينٽ جي آهي ڇاڪاڻ ته سندن پرتي برطانيه واري فوج جي آئرلئنڊ واري حصي سان لاڳاپيل هئي. افسوس آهي جو انهن کي بيڪار شيءِ سمجهي ڪين به ٻاهر ڪڍيو ويو. نهايت ڏک جي ڳالهه اها به آهي ته انگريز عوام ماٺ ڪري اڻ سڌيءَ ريت انهيءَ ڪڌي ڪريت کي ورجائڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي آهي.

اهو سوچڻ به افسوسناڪ آهي ته "ڊرٽي شرٽس" کي به هائي ١٦- گريناڊيئر جيتري حيثيت ڪانه ٿي ڏني وڃي.

# حاشيا

## مهاڳ

(١) جڏهن لارڊ ڪومبر ميئمر کي ڪمانڊر- ان- چيف مقرر ڪيو ويئي ويو ته ڪمپنيءَ جي هڪ ڊائريڪٽر اعتراض ڪيو. سندس چوڻ هو ته هو بيوقوف آهي ۽ ان عهدي جي لائق ڪونه آهي. ڊيوڪ آف ويلنگٽن ڪيس وراڻيو ته توهان بلڪ سچ چئو، ٿا. پر اها به ته حقيقت آهي هن اوهان لاءِ ڀرتپور به ته فتح ڪيو آهي."

## باب پهريون

(١) هيءُ ناهه هڪ مشهور جاءِ ۾ ٿيو هو. جنهن جي چوڌاري اڄ ڪلهه چٽيسلي واري عمارت نظر اچي ٿي. منڪوره جاءِ لارڊ آڪلنڊ ۽ مسز ايڊن جي رهايش گاهه هئي.
(٢) تنهن ڪري هرات ۾ ايران تي حملو ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو.
(٣) اهو طريقه ڪار ١٩١٧ تائين تبديل ڪونه ٿيو.
(۴) بامبي آرٽيلري جبل ۾ ڪم ايندڙ خاص فوج مهيا ڪئي وئي جيڪا قنڌار ۾ ڪم آئي
(۵) بمبئي ۾ ڪمانڊر- ان - چيف هيو
(٦) ان کان پوءِ جنرل سر ابراهام رابرٽ سڏجڻ ۾ آيو.
(٧) اها ان وقت جي فوجي فهرست مطابق هجي آهي.

## باب ٻيو

(١) پاڳوند- يا سڪندر جي برابر
(٢) بي خبر ماڻهن هن ڳالهه تي وني اجايون ڳالهيون شروع ڪيون.
(٣) ان وقت اها هجي هئي.
(۴) اهو ميڊل شاهه جي قتل ٿيڻ تائين ڪونه جڙيو هو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني بعد ڏنو.

## جي ايم سيد اڪيڊمي جا ڇپايل ڪتاب

| نمبر | ڪتاب | ليکڪ | قيمت |
|---|---|---|---|
| .1 | پيغام لطيف | جي ايم سيد | 100/= |
| .2 | جديد سياست جا نوَ رتن | جي ايم سيد | 100/= |
| .3 | موجوده سياسي مسئلا | جي ايم سيد | 100/= |
| .4 | سنڌوءَ جي ساڃاھ ( ٻه جلد گڏيل) | جي ايم سيد | 300/= |
| .5 | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي ايم سيد | 100/= |
| .6 | ساھڙ جا سينگار | جي ايم سيد | 100/= |
| .7 | خط ۽ مضمون | جي ايم سيد | 100/= |
| .8 | آزادي ڇو ۽ ڇالاءِ | جي ايم سيد | 100/= |
| .9 | سائين جي.ايم. سيد جون | جي ايم سيد | 200/= |
| .10 | تحريرون- I | جي ايم سيد | 100/= |
| .11 | جيئڻ ڏنو آهي مون | جي ايم سيد | 80/= |
| .12 | ديار دل ۽ داستان محبت | جي ايم سيد | 200/= |
| .13 | پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني - I | جي ايم سيد | 125/= |
| .14 | سنڌي ڪلچر | جي ايم سيد | 25/= |
| .15 | سنڌ جا سورما | جي ايم سيد | 25/= |
| .16 | خطبات سيد | جي ايم سيد | 100/= |
| .17 | سنڌ ڳالهائي ٿي | جي ايم سيد | 150/= |
| .18 | مسلم سربراھ ڪانفرنس | جي ايم سيد | 50/= |

### گهرائڻ لاءِ لکو

معرفت: پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس
حيدر آباد سنڌ


Gul Hayat Institute